

فدا حسين
ڦودني،
ڏٽي بخش
ڏني،
۽ ڦنڊڻ جا
ڪالم
امر جليل

# فدا حسين ڦودني،
# ڏٽي بخش ڏني ۽
# ڦندڻ جا ڪالم

امر جليل

ڪاڇو پبليڪيشن
ڪراچي، سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# ارپنا، انتساب

Dedication

ڳم ٿي ويل سنڌ جي سونهن، سوڀيا، سمجهه، تهذيب، تمدن، ڳيان ۽ ڌيان جي نالي جن کان سواءِ سنڌ ڍونڍ جو ڍير ٿي پيئي آهي. سنڌ کي ڳجهون، ٻگهڙ ۽ چراخ ورائي ويا آهن.

**امرجليل**

# هن ڪتاب بابت

منهنجي جيجل امڙ جهڙي پيڻ منهنجي ڇپيل، اڻ ڇپيل تحريرن جا فائيل، اخبارن جا انبار ڪپ، ٽرافيون، ميڊل، ٽيسٽيمونيل، ڪرڪيٽ ڪيپرس يعني ٽوپيون، ويندي جو منهنجي ڇٽيءَ جو چولو بہ سنڀالي رکيو آهي، ڪپ ٽرافيون ۽ ميڊل مون وراهي ڇڏيا. اخبارن جا ڍير ڏيئي ڇڏيم نوجوان تعليمي محقق مختيار احمد ملاح کي. مختيار عنوانن ۽ ڪردارن مطابق ڇنڊڇاڻ ڪري ڪتابن جا مسودا ٺاهي مونکي ڏيندو رهيو آهي. مان سندس ٿورائتو آهيان. اعتراف ٿو ڪريان تہ اهو ڪم مان پاڻ ڪري نہ سگهان ها. Thanks Mukhtiar

هن ڪتاب جي تحريرن ۾ ٽيهہ چاليهہ سال پراڻي سنڌ جي ثقافتي ۽ سياسي تاريخ جا اولڙا ۽ عڪس آهن. هنن تحريرن ۾ سنڌ جي زوال جو تسلسل آهي، جيڪو اڄ تائين نهايت پابنديءَ سان جاري آهي.

**امر جليل**

• اپريل–مئي 2012 ڌاري

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(275)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”فدا حسين قودني، ڏني بخش ڏني ۽ ڦندڻ جا ڪالم“** نامياري ليکڪ، ڪهاڻيڪار ۽ دانشور **امر جليل** صاحب جي ڪالمن جو مجموعو آهي.

امر جليل لکي ٿو :

”هن ڪتاب جي تحريرن ۾ ٽيهه چاليهه سال پراڻي سنڌ جي ثقافتي ۽ سياسي تاريخ جا اولڙا ۽ عڪس آهن، هنن تحريرن ۾ سنڌ جي زوال جو تسلسل آهي، جيڪو اڄ تائين نهايت پابنديءَ سان جاري آهي.“

هي ڪتاب **ڪاڇو پبليڪيشن** پاران 2012ع ۾ ڇپايو ويو. اسان ٿورائتا آهيون فيسبوڪ جي پيج **”فينس آف امر جليل“** جي ايڊمن سارنگ امداد ۽ ٻين دوستن جا جن هي ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو. ٿورا سائين امر جليل صاحب جا جنهن نوجوانن لاءِ اتساهه ۽ اميدن ڀريل پيغام سان گڏ هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


- هيءَ منهنجي سنڌ تہ ناهي 9
- دل جو معاملو 13
- ٻولين واري فساد جو اولڙو 16
- نسلي برتري 18
- سانڊا رنگ متائيندا آهن 21
- مان هلڪڙو 23
- ٻولين جو بہ مذهب هوندو آهي ڇا؟ 25
- لينن جو پٽ مولو 27
- قنڊڻ IN درساٽو چنو 29
- سياست ۽ صلاحڪار 31
- چِتاءُ 33
- اڪيون 35
- يارهن ميمبر پنجيتاليهہ ميمبرن تي ڀاري 37
- اڄ پڻ وايون ڪن 39
- پيٽپوريون 41
- حسين دڙڪو 43
- نوان صوبا 45
- ڪٻي جي ڳالهہ 47
- بيوقوف ڪبوتر جو موت 49
- سوڙ جيترا پير ڊگهيڙڻ 51
- عجيب نسخن جو قلمي ڪتاب 53
- نيڪ ۽ بد سمگلنگ 55
- دل جو آواز 57
- ڳچيءَ پاتل ڏند 59
- غريب عوام ڪي ڇا گهرجيِ 61
- ليڊي فش 63
- وقت جو انتقام 65
- اسٽوڊنٽ ليڊر 67

- ٻڪر ۽ ماڻهو جو گوشت 69
- ڦودني جو سوال 71
- غريب جو هڏ ڏوکي 73
- قلم جو جديد استعمال 76
- ڪلا ڪير هئي؟ 78
- قلمي ڪتاب مان گم ٿيل باب 80
- هر دلعزيز ٿيڻ جو نسخو 82
- ڌرتيءَ جو درد 84
- سيني کان وفادار جانور 85
- ڏک جي پڇاڙي نہ آهي 87
- قيامت ڪاري ٿيڻ 89
- پڃرو 91
- ڦندڻ جيئرو آهي 93
- ڦندڻ لاءِ ڪنوار جي ڳولا 95
- قرض جو مرض 97
- ساڄي ۽ کاٻي ڌر 99
- ٻليءَ سان عشق 101
- ڦاهڪن جي پڇاڙي 103
- ڇمندي چام 105
- مٽي جو ڏک 107
- آل سنڌ ٻيپير ايسوسيئيشن 109
- ٻوٽ 111
- منهنجي پڇاڙي 113
- چورن مٿان مور 115
- آئيندي جو اونو 118
- محبت ۽ مرڻ 120
- زلزلو 122
- پنهنجو علاج پاڻ ڪجي 125
- ڪَلَ 127
- درٻارين جو معاشرو 129

- مرڻ بہ مشڪل آهي 131
- جديد دور ۾ روزو رکڻ ۽ کولڻ 134
- ٻڪر ۽ مان 136
- ڏانڏلي ٽيندي تہ هارائبو 138
- گدڙ سچ نہ ڳالهائيندا آهن 140
- ديسي ايجنٽ 142
- ڦدا حسين ڦودني جو طوطو 144
- چانهن جي پتي ملي رهي آهي 146
- ٻليءَ جي خواب ۾ ڇيڇڙا 148
- اوهين جيڪڏهن فقط انسان آهيو 150
- اسان غريب عوام جا غريب نمائندا 152
- سڀ ڪجهہ مزي ۾ آهي 154
- ڏني جي واپسي 156
- ڏٽي بخش ڏني جا ٽي ڪم 158
- سب چلتا هے 160
- رڪ ۾ چٽنگ ڳوليان ٿو 163
- ڊڄو ان ڏينهن کان 165
- فائيل، جيڪي بند نہ ٿيندا آهن 167
- مالڪ تون درد ڪٽيندين 169
- ڦندڻ جو پرابلم 171
- ٻڪر 173

# هيءَ منهنجي سنڌ تہ ناهي

مون ورجائي ورجائي لکيو آهي، چيو آهي، ۽ ڳالهايو آهي تہ هيءَ منهنجي سنڌ تہ ناهي! هيءَ سنڌ آهي سردارن جي. هيءَ سنڌ آهي پيرن جي – شاهن ۽ شاهينگن جي – چورن جي ۽ ڦورن جي. هيءَ منهنجي سنڌ تہ ناهي! هنن ٺاهہ ٺڳيءَ سان سنڌ پاڻ ۾ وراهي ورتي آهي. سردار، پير، مير شاهہ، پاٽاريدار ۽ زورآور وراهيل سنڌ ۾ پنهنجي پنهنجي حصي جا بيتاج بادشاهہ آهن. بلڪ ڊڪٽيٽر آهن. حڪومتي سطح تي هنن خلاف مزاحمت امڪان کان ٻاهر آهي. هو سيئي اسيمبلين جا ميمبر آهن، حڪومت جا ڪل پرزا آهن، بلڪ پاڻ حاڪم آهن، ۽ حڪومت هلائي رهيا آهن. هنن سنڌ کي جاهل رکڻ ۾ ڪا ڪثر نہ ڇڏي آهي. نہ ٺاهرائن روڊ رستا، لائبريريون ۽ ريڊنگ روم، اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون، ڪلينڪ ۽ اسپتالون، مواصلات جا مرڪز ۽ زراعتي صنعت. هو جهالت ۽ اوندهہ پکيڙڻ جا پيغمبر آهن. ڏتڙيل، اڻ پڙهيل، اڻ ڄاڻ رعيت هنن جي پڪي، ٺهيل ٺُڪيل ووٽ بينڪ آهي. تہ پوءِ ڪيئن چوان هيءَ منهنجي سنڌ آهي؟ هيءَ سنڌ منهنجي لاءِ اوپري آهي. مان هن سنڌ لاءِ اوپرو آهيان.

منهنجي سنڌ هئي سنڌ وارن سان. جيئن هو سندن تن من اُجرو، تيئن رکي هئائون سنڌ. ننڍين وڏن شهرن ۾ روڊ رستا شيشي وانگر چمڪندا هئا. وڻ ٽڻ، باغ بهار، جيڏانهن ڪر پرک، تيڏانهن ساوڪ ئي ساوڪ. هر شهر ۾ لائبريريون، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ريڊنگ روم. ڪلينڪ، اسپتالون. سڀاجهڙا فيملي ڊاڪٽر. اسر ويل ۽ سانجهيءَ ويل روح کي راحت ڏيندڙ ڀجن ۽ اشلوڪ پيا ٻڌبا هئا. ڪو ڪنهن کي مندر يا مسجد وڃڻ تان نہ ماريندو هو. موجوده سنڌ مون واري سنڌ جي بنهہ ابتڙ آهي _ مون واري سنڌ جي نفي آهي. هيءَ منهنجي سنڌ تہ ناهي! هيءَ سنڌ آهي چانڊين جي، شيرازين ۽ مگسين جي. هيءَ سنڌ آهي ڀين ۽ جتوئين جي. هيءَ سنڌ آهي شاهن ۽ پيرن جي. هيءَ منهنجي سنڌ تہ ناهي! مان جنهن سنڌ ۾ ڄائو هوس، هيءَ اُها سنڌ تہ ناهي! 1947ع کان اڳ مون سنڌ جو اوج ڏٺو هو. 1947 کان پوءِ مون سنڌ جو زوال ڏٺو آهي. 1947ع کان اڳ واري شڪارپور جو شهر ڏسي موجوده دور جي ماڻهن کي جيڪر پنهنجين اکين تي اعتبار نہ اچي، پر هنن کي پنهنجين اکين تي اعتبار ڪرڻو پوندو. عنقريب • نسيم مغل جي لکيل ۽ ترتيب ڏنل شڪارپور جي تصويري تاريخ انگريزيءَ ۾ شايع ٿيڻ واري آهي. ڪتاب ونجو پڙهجو ۽ محسوس ڪجو تہ سنڌ جا باقي شهر بہ اهڙائي دلڪش، دلفريب ۽

خوبصورت هئا. پوتارن منهنجي سنڌ کي پوري چڙهيو آهي. هيءُ ملڪ مون کي پنهنجو وطن نہ ٿو لڳي. مان هتي اوپرو آهيان. ڌاريو آهيان. پنهنجي ئي وطن ۾ بي وطن ٿي پيو آهيان. مان هتي مرڻ نہ ٿو چاهيان. مان مترا ۾ مرڻ چاهيان ٿو. مان هريدوار ۾ مرڻ چاهيان ٿو. مان ورناسي (بنارس – ڪاشي) ۾ مرڻ چاهيان ٿو. مان اجنتا ۽ الورا ۾ ٻڌمت جي غارن وٽ مرڻ چاهيان ٿو.

ٻن ملڪن، هندستان ۽ پاڪستان جي سياسي ڇڪتاڻ هڪ ڀڪشو، هڪ فقير، هڪ صوفيءَ کي لاچار ڪري وڌو آهي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ، 1936ع ۾ مان سنڌ ۾ ڄائو هوس. تڏهن سنڌ هندستان جو صوبو هئي. تنهن ڪري مان بنا رک رکاوَ جي پاڻ کي پيدائشي هندستاني، Born Indian سڏائيندي فخر محسوس ڪندو آهيان. عجب ماجرا آهي جو Born Indian هئڻ جي باوجود مان پنهنجي پيدائشي وطن هندستان وڃڻ لاءِ ويزا جو محتاج ٿي پيو آهيان. پنهنجي پيدائشي وطن ۾ مان شڪ جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهيان. اتي اوپرو ۽ ٻاهريون ڀانئيو ويندو آهيان. 1947ع کان اڳ بنا روڪ ٽوڪ جي ڪراچيءَ کان ڪلڪتي وڃي سگهبو هو. هينئر ٿرپارڪر کان راجستان وڃڻ ناممڪن ٿي پيو آهي. ٻن ملڪن جي سياسي ڏڦيڙ ۾ مون جهڙا انيڪ ديوانا يا تہ پاڳل خانن ۾ قيد هوندا آهن، يا ملڪ سان غداريءَ جي الزام ۾ ڦاهي گهاٽ وڃي وسائيندا آهن. مونکي خبر آهي تہ منهنجي دعوي لاءِ ٻنهي ملڪن جي اعليٰ ايوانن جا در بند آهن، تنهن هوندي بہ مان پنهنجي دعوي تي قائم آهيان. 1947ع واري ورهاڱي کان اڳ جنم وٺڻ وارا اسين، هينئر آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مس وڃي بچيا آهيون. ورهاڱي Partition جون پابنديون اسان سان لاڳو هئڻ نہ گهرجن. اسين برصغير (هندستان ۽ پاڪستان) جا رهواسي آهيون. آزاديءَ سان برصغير ۾ گهمڻ ڦرڻ، اچڻ، وڃڻ بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي اسان جو بنيادي بلڪ پيدائشي حق آهي. مونکي خبر آهي تہ ٻنهي ملڪن جا ڪرتا ڌرتا منهنجي دعوي تي ڌيان نہ ڏيندا. پر تنهن هوندي بہ مان پنهنجي دعوي تان دست بردار نہ ٿيو آهيان.

مان پاڪستان ۾ رهندو آهيان. پاڪستان جي قاعدن قانونن جي پابندي ڪندو آهيان. پاڪستان جي آئين ۾ ڪٿي بہ لکيل ناهي تہ مان پنهنجي جنم ڀوميءَ واري وطن هندستان سان محبت نہ ڪريان. منهنجي جنم ڀومي سنڌ آهي. 1936ع ۾ سنڌ هندستان جو صوبو هئي. ان لحاظ کان منهنجي جنم ڀوميءَ وارو وطن هندستان آهي. سياسي ڦيرگهير سبب مان هندستان ڄائو پاڪستان جو شهري آهيان. اها تاريخي حقيقت آهي، پر ان حقيقت جي باوجود بنا پاسپورٽ ۽ ويزا جي مون لاءِ هندستان وڃڻ تي پابندي لڳل آهي. مان پنجهتر سالن جو ٿي چڪو آهيان. باقي بچيل زندگي مان

ساڌو واسواڻي آشرم پوني ۾ گذارڻ چاهيان ٿو. مان نه هندو آهيان، نه مسلمان آهيان. منهنجو مذهب انسانيت آهي ـ Humanism . مان دنيا جي هر مذهب ۾ انسانيت سان ايڪي ۾ آيل اصولن جو احترام ڪندو آهيان.

جسم عارضي گهر آهي روح جو. آتما جو. دير سوير روح کي، آتما کي عارضي گهر مان ڪوچ ڪرڻو پوندو آهي. جسم فنا آهي. روح کي بقا آهي. روح Energy آهي. روح شڪتي آهي، ٻَلُ آهي، سگهه آهي. شڪتيءَ کي انت نه ايندو آهي. روح گهر مٽائيندو آهي، چولو مٽائيندو آهي. اوهان ڪڏهن گهڙيون اڳ ڄاول ٻارن طرف ڌيان ڏنو آهي؟ ننڊ ۾ اڪثر سندن چپن تي رکي رکي مُرڪ ايندي رهندي آهي، موافق ۽ ناموافق حالتن هٿان اسين گهڻو پوءِ مُرڪ ۽ لڙڪ جي ڪيفيت کان آگاهه ٿيندا آهيون. ڇا نئون ڄاول ٻار پنهنجي قالب ۾ روح معرفت گذريل جنم جون ڪي وڻندڙ يادگيريون کڻي ايندو آهي؟ موجوده جنم ۾ مائٽ مٽ نندڙي ڄمار ۾ ٽي برين واش Brain Wash ذريعي ٻار کي گذريل جنم جي يادگيرين کان محروم ڪري ڇڏيندا آهن. مائٽ مٽ پنهنجي پنهنجي عقيدي موجب ڄمڻ شرط ٻار کي هندو، مسلمان، سک، عيسائي، يهودي ڪري ڇڏيندا آهن. ٻار جو برين واش ايتري ته بيدرديءَ سان ڪندا آهن جو هن لاءِ بالغ ٿي پنهنجي عقيدي بابت فيصلو ڪرڻ جي گنجائش ئي نه ڇڏيندا آهن. ننڍپڻ ۾ ٿوپيل، مڙهيل عقيدي جي حيثيت رسمن رواجن جهڙي هوندي آهي. انسان جو اصل عقيدو اهو ئي هوندو آهي، جيڪو هو بالغ نظريءَ سان، سمجهه سان، ادراڪ سان قبول ڪندو آهي.

ان ڳالهه سان منهنجي قطعي ڪا دلچسپي نه آهي ته مرڻ کان پوءِ منهنجو تن، منهنجو جسم قبر ۾ پوريندا. شمشان گهاٽ ۾ ساڙيندا، پاڻيءَ ۾ لوڙهيندا، يا پارسين جي Tower of Silence خاموشيءَ جي مينار تي رکي ايندا جتي سرڻيون، ڳجهيون ۽ ڪانوَ منهنجي مرده جسم جو ماس پٽيندا. ان ڳالهه سان منهنجي ڪا دلچسپي ڪانهي. تيزيءَ سان زوال پذير ٿيندڙ سنڌ ۾ مان ٻيهر جنم نه وٺندس. مون کي اميد جو ڪو ڪرڻو نظر نه ٿو اچي ته سنڌ وري ٻيهر پنهنجي عروج ڏانهن موٽ کائيندي. موجوده سنڌ قبيلائي سردارن، پيرن، ميرن، سيدن، جاگيردارن، پوتارن ۽ زورآورن ۾ ڇهه ست ٽڪر ٿي وراهجي ويئي آهي. رهيل ڪثر ٻاهران آيل اسان جا مربي پائر پوري ڪندا. مان پيرن، ميرن، شاهن ۽ سردارن جي سنڌ ۾ وري ڪڏهن پيدا نه ٿيندس. مان پنهنجو ايندڙ جنم پوني ۾ وٺندس جتي منهنجي ماءُ ڄائي هئي. منهنجي خواهش ۾ سگهه آهي، ۽ منهنجي خواهش منهنجي آتما جي سگهه جو حصو ٿي ويئي

آهي. خواهش جي تڪميل لاءِ مونکي نہ پاڪستان جي پاسپورٽ جي ضرورت آهي، ۽ نہ ئي هندستان جي ويزا جي. آتما جي سگهہ آڏو سرحدون ڪا معنيٰ نہ رکنديون آهن.

**امر جليل**

B-702, Sand View Homes,
Frere Town Clifton, Karachi.
Email: amarjaleel36@gmail.com
amarjaleel@cyber.net.pk
web: www.amarjaleel.org

# دل جو معاملو

اخبار ۾ پڙهيم، ته يورپ جا ڪجهه ڊاڪٽر ان امڪان تي تجربا ڪري رهيا آهن، ته جيئن ڪجهه عرصي کان پوءِ انسان جي سيني ۾ جانور جي دل وڌي وڃي.

اها خبر پڙهي مان ڏاڍو خوش ٿيس. سڌو پنهنجو دوست ڏني ڏانهن ويس، ۽ ڪيس خبر پڙهي ٻڌايم. ڏنو اها خبر ٻڌي بلڪل متاثر نه ٿيو پن جي ٻيڙي ڇڪيندو رهيو ۽ تيليون ٻاريندو رهيو.

پڇيومانس، "چاهي ڏنا، هيڏي وڏي خبر کي ڪا به اهميت نٿو ڏئين!"

ڏني جواب ڏنو "اها ڪا خاص ناهي."

"خاص وري ڪيئن ناهي!" ٻڌايومانس،"اڙي پوڪ، ماڻهوءَ جي سيني ۾ جانور جي دل ٽرانسپلانٽ ڪندا، ۽ مرندڙ ماڻهوءَ کي ڪجهه وڌيڪ عرصي لاءِ جيئرو رکندا."

ڏني وراڻيو"ماڻهوءَ جي سيني ۾ هونءَ ئي جانور جي دل آهي."

"متو ڦري ويو اٿئي."

"اهي ماڻهو مري ويا، جن جي سيني ۾ انسان جي دل هئي."

پڇيومانس، "راتوڪي وزم جي اثر ۾ ته ناهين؟"

ورائي پڇيائين"وڏيري جهٽ پٽ خان کي سڃاڻين؟"

"ها چڱي طرح."

"ڪيئن آهي؟"

"وڏو رهزن آهي."

"پاٿاريدار به آهي؟"

"ها، آهي."

"گهڻا خون ڪرايا هوندائين؟"

"چاليهه پنجاهه کن."

"پليل آهين." ڏني چيو"هن گهٽ ۾ گهٽ سوا سو خون ڪرايا آهن."

"سوا سو!" مون حيرت مان ڪائنس پڇيو.

"ها". جواب ڏنائين،"چاليهه کن هاري ۽ پورهيت خون ڪرايا اٿائين، انهن جا ٻچا بک ۾ پاهه تي

مري ويا.“

ڏني ٻيڙيءَ جو وڏو سوٽو هٽندي چيو ”هاٽي ٻڌاءِ، جهٽ پٽ خان جي سيني ۾ ڪنهن جي دل آهي؟ انسان جي، يا جانور جي.“

مان ڏني جي ڳالهه تي سوچڻ لڳس. ڪو جواب سجهي نه آيو. مون کي ڪريمڏنو هاري ياد آيو، جنهن کي جهٽ پٽ خان 110 قلم ۾ هٽائي ڇڏيو هو ۽ پنيان سندس گهر واري سياڳيءَ کي نياڳي ڪري ڇڏيو هو يعني ڪٽائي ويو هو.

ڏني چيو ”جهٽ پٽ خان جي سيني ۾ سوئر جي دل آهي.“

مون ڏني ڏانهن ڏٺو. هو مزي ۾ ٻيڙي ڇڪي رهيو هو.

مون ڏني کي چيو ”پر ڏنا، اهو ضروري ته ناهي، ته دنيا جي هر ماڻهوءَ جي سيني م جانور جي دل هجي.“

”جيڪي ماڻهو انسان جي نصيبن جا ڪاتب آهن، تن مان گهڻن جي سيني ۾ مختلف جانورن جي دل آهي.“ ڏني جواب ڏنو ۽ پوءِ پڇيائين، ”سيٺ آسودي کي سڃاڻين، ڪيميڪل انڊسٽريز وارو“

”ها“.

”هو ٻارهن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن جي وڏي عمر لکي کين ڏيڍ رپئي روز تي گڏهه وانگر وهائيندو آهي. ڪاتي ۾ پنج رپيا روز ڏيکاريندو آهي.“

”فيڪٽري انسپيڪٽرن کي خبر ناهي ڇا؟“

”خبر آهي، ڇو نه آهي! تنهن ڪري فيڪٽري انسپيڪٽر سيٺ جي ڪيميڪل انڊسٽريز جو رخ نه ڪندا آهن. فقط سيٺ جي آفيس ۾ وڃي ويهندا آهن“.

مون ڏني ڏانهن ڏسندي چيو ”تنهنجو خيال آهي ته سيٺ صاحب جي سيني ۾ پڻ جانور جي دِل آهي“.

”ها“. ڏني وراڻيو”سيٺ جي سيني ۾ بگهڙ جي دل آهي“.

ڏنو ۽ مان خاموش ٿي وياسين. ڏني مونن ۾ منهن وجهي ڇڏيو.

مون ڏني کي چيو”ڏنا، ڪجهه انسانن جي سيني ۾ وري گدڙ جي دل هوندي آهي. جيئن مان. مان گدڙ منهنجي سيني ۾ گدڙ جي دل آهي“.

ڏني تمام ڇتي آواز ۾ چيو”۽ ڪجهه انسانن جي سيني ۾ شينهن جي دل هوندي آهي. هو تاريخ جي هر اونداهي دور ۾ دودا دلير ۽ هوشو شهيد ٿي پيدا ٿيندا آهن ۽ ڌرتي ماءُ کي پنهنجي سر جو صدقو

ڏيئي ويندا آهن“.

ان وقت ڏني ۽ مون تاريخ جي وساريل ورقن مان هوشوءَ جي گجگوڙ ٻڌي،”مر ويسون مر ويسون، پر سنڌ نہ ڏيسون“. ■

1972

# ٻولين واري فساد جو اولڙو

ڦندڻ جو مامو حيران، پريشان ۽ بلڪل بدحواس ٿي مون وٽ آيو. ساهي نہ پٽيائين. چيائين ،”ڦندڻ سخت بيمار آهي.“

مون کي عجب لڳو. صبح جو ڦندڻ جڏهن مون وٽ آيو هو، تڏهن بلڪل چڱو ڀلو ۽ ڪڙو تڙو هو. پڇيومانس، ”ڇا ٿيو اٿس؟“

”روئڻهارڪي لهجي ۾ چيائين، ”پير ۾ تڪليف اٿس. اصل ڦٿڪي ٿو. مان سمجهان ٿو ٿوري دير ۾ مري ويندو.“

”مري ويندو!“

”ها. تون سندس جگري يار آهين. تنهنڪري توکي اطلاع ڏيڻ آيو آهيان.“ چيائين،”تنهنجي گهر تائين پهچندي پهچندي ٽي دفعا موت جي منهن مان بچيو آهيان.“

”موت جي منهن مان؟“

”ها،“ وراڻيائين، ”شهر ۾ فساد آهي، هڪ پٿر اڏامندو آيو. جيڪڏهن قد ڇهہ فٽ هجيم ها، تہ بنا حجاب جي ميڄالو ڪڍي وجي ها. پر منهنجو قد ٽي فوٽ آهي.“

مون سندس ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي چيو”هل تہ هڪدم ڦندڻ ڏانهن ٿا هلون. مان ڪيس مرڻ نہ ڏيندس.“

اسين فسادن کان، فسادين جي باهين، پٿر بازي، آتشبازي، ڪرتب بازي ۽ قلابازيءَ کان بچندا، لڪندا ڦندڻ جي گهر پهتاسين.

ڦندڻ سخت تڪليف ۾ هو.

پڇيومانس، ”ڇا ٿيو اٿئي، ڦندڻ؟“

وراڻيائين، ”مران ٿو.“

”ڇو ٿو مرين؟“

”زوريءَ ماريو ٿو وڃان.“

”زوريءَ ڪيئن؟“

”ائين ٿو ڀانيان، ڄڻ ڪنهن منهنجي پير ۾ زنجير وجهي ڇڏيو آهي.“

”فسادين ڪان مار ڪائي ته نه آيو آهين؟“

ڦندڻ جي ڪومايل چپن تي هڪ اداس ۽ مايوس مرڪ تري آئي. چيائين،”فسادي مون کي ڏيڻين وانگر ورائي ويا“. پڇيائون، ”تون سنڌي آهين؟ جواب ڏنو مان ته توهان منجهان ڪو به مونکي هن شعر جي معنيٰ، مفهوم ۽ شاعر جو نالو ٻڌائي، مان پاڻ مارائڻ لاءِ تيار آهيان.“

”ڪهڙو شعر ٻڌايئي؟“

”اقبال جو شعر ٻڌايو مان –

*”تو رہ نورد شوق ہے، منزل نہ کر قبول،*

*لیلیٰ بھی ہم نشیں ہو، تو محمل نہ کر قبول.“*

ڦندڻ کان پڇيم،”ٻڌائي سگهيا معنيٰ؟“

”ڏوڙ“ وراڻيائين، ”وات ڦاڙي واٺڙن وانگر مون کي ڏسندا رهيا.“

”نيٺ ڇا ٿيو؟“

”پڇيائون ته تون ڪير آهين. سنڌي يا اردو؟“ ڦندڻ وراڻيو. ”مون جواب ڏنو مان ته مان سنڌي آهيان.“

”پوءِ؟“

ڦندڻ جي منهن تي اداس مرڪ ٻيهر تري آئي. پوءِ هو عذاب وچان ڦٽڪڻ لڳو. چيائين،”مان مري ويندس.“

مون غور سان ڏانهس ڏٺو.

چيم، ”تون في الحال نه مرندين. ڦندڻ، تنهنجي پير ۾ جيڪا ڪڙي ٻڌل آهي، تنهن جو ٻيو حصو سنڌ جي تحت السرا ۾ ڦاٿل آهي، تون نه مرندين.“

ڦندڻ جيئرو آهي. ■

1972

# نسلي برتري

ڏني مون کان پڇيو "جهانز برگ جو شهر ڪٿي آهي؟"

وراڻيم، "آفريڪا ۾."

"۽ آفريڪا ڪارن جو ملڪ آهي نه؟"

"ها" پڇيومانس، "آخر ڳالهه ڇاهي؟"

جواب ڏنائين، "اخبار ۾ خبر آهي، ته جهانز برگ ۾ ارڙهن سالن جي ڪاري چمڙيءَ واري ڇوڪري ڪيرولين مرندي مري ويئي، پر اڇي چمڙيءَ وارن ڊاڪٽرن آپريشن ڪري سندس جان نه بچائي."

چيم، "مون به اِها خبر اخبارن ۾ پڙهي آهي."

پڇيائين، "اها خبر پڙهي تو ڇا محسوس ڪيو؟"

"مونکي پنهنجو سنڌ ملڪ ياد آيو."

ڏنو ڪجهه حيران ٿيو پڇيائين، "ان خبر جو سنڌ سان ڪهڙو تعلق آهي."

چيم، "ڪاريءَ چمڙيءَ وارن کي ڪمتر، حقير ۽ گهٽ درجي جو انسان سمجهڻ وارا اڇا يورپي ۽ آمريڪي اجا تائين سائنسي دليلن سان پنهنجي برتري ثابت ڪري نه سگهيا آهن. هو ڪنهن به ڇيد ۽ سمجهاڻيءَ سان اهو ظاهر ڪري نه سگهيا آهن، ته اڇا فقط چمڙيءَ جي رنگ سبب ڪارن کان ڇو افضل آهن."

ڏني پڇيو "پر ان جو سنڌ سان ڪهڙو تعلق آهي؟ سنڌ ۾ اڇن ڪارن جو ته ڪو به سوال ڪونهي؟"

"برابر، سنڌ ۾ اڇن ڪارن جي برتري ۽ ڪمتريءَ جو سوال ڪونهي. پر ان جي جاءِ تي ٻيا ڪي ويڇا آهن. جيڪي انسان کي ٻئي انسان کان پري ڪري ٻيهارين ٿا." چيم."مان ايشيائي قومن جو ذڪر نه ٿو ڪريان. اجايو بحث وڌي ويندو. مان فقط سنڌ جو ذڪر ڪريانٿو."

ڏني چيو"مونکي ڪاري ڪيرولين جي موت جو ڏک آهي. توکي ڪنهن جو ڏک آهي."

"مون کي هر هڪ ڪيرولين جو ڏک آهي، جيڪا هٽرادو قدرن جي اڏيءَ تي قتل ٿي رهي آهي."

چيم، "سنڌ ذات پات جي راڪاس جو قتل گاهه آهي، منهنجي سنڌ، منهنجي جيجل کي ذهني زنجيرن ۾ جڪڙي جهانز برگ بڻايو ويو آهي، جتي روزانو ڪيئي سنڌي ڪيرولين ۽ مارٽن لوٿر ڪنگ جهڙا انسان ڪمتر سمجهي ڌڪاريا وڃن ٿا."

ڏني کي منهن ۾ گُهنڊ پيو. چيائين،"مون کي نه آهي ادب سان دلچسپي ۽ نه منطق سان. تنهنڪري

تون مهرباني ڪري سليس سنڌيءَ ۾ ڳالهاءِ. مون کي اجايو نہ منجهاءِ.“

پڇيومانس، ”سائين سڪيلڏي کي سڃاڻين؟“

”ها.“

”پڙهيل ڪڙهيل آهي؟“

”نہ.“

”پاٿاريدار آهي؟“

”ها.“

”ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جون چونڊ نچڻيون وٽس اينديون آهن؟“

ڏنو ڪياڙي کنهڻ لڳو.

”۽ سائين سڪيلڏو شراب، ڪباب ۽ نچڻين جي خرچ پکي لاءِ پنهنجن هارين نارين ۽ مريدن جي کل لاهي وٺندو آهي، آهي نہ!“

”هائو.“

”پر تنهن هوندي بہ تون ۽ سموري ڳوٺ جا چڱا چوکا ماڻهو ڪيس پيرين پئي ملندا آهيو ۽ سندس آڏو مٽيءَ تي ويهندا آهيو“

سائين سڪيلڏي جي ذات، ۽ ان پلاري ذات جي اهميت ۽ برتريءَ جو ذڪر ڪندي ڏني چيو، ”اهڙي برتر پلاري کي پيرين نہ پئي، اسان کي پنهنجي قيامت ڪاري ڪرائڻي ناهي. انهن جي محابي تہ اسان جي بخشش ٿيڻي آهي.“

ڏني کان پڇيم، ”۽ ڏنا قاسم جي باري ۾ ڪهڙو خيال اٿئي.“

چيائين، ”ڏاڍو محنتي آهي. ڏينهن جو نوڪري ڪري پنهنجي ڪٽنب جو پيٽ پاليندو هو. رات جو پڙهندو هو. هينئر چوڪرو پروفيسر لڳو پيو آهي. ڀ چار ڪتاب بہ لکيا اٿائين نہ؟“

”ها، ڀ چار ڪتاب لکيا اٿائين. سندس هاڪ ملڪان ملڪ پهچي ويئي آهي.“ مون ڏني کان پڇيو، ”تون ۽ ٻيا ڳوٺ وارا قاسم کي پيرين پئي ڇو نہ ملندا آهيو؟“

”ڪوري، ڪوريءَ جو پٽ. اسين ٿا ان کي پيرين پئون.“ چيائين، ”تون بہ ڪڏهن ڪڏهن ڪمال ڪندو آهين يار.“

پڇيومانس،”سائين سڪيلڏي کي زڪام ٿيندو آهي؟“

”ها.“ ڪجهہ حيران ٿيندي ڏني چيو، ”گذريل مهيني سائينءَ کي زبردست زڪام ٿيو هو.“

”۽ تپ بہ آيو هوس؟“

”ها، آيو هوس.“

”بک بہ لڳندي اٿس؟

”هائو.“

”سائين سڪيلڏو پاخاني ۾ بہ ويندو آهي؟“

”ويندو آهي.“

”تہ پوءِ سائين سڪيلڏو عام انسان کان برتر ڪيئن ٿي پيو؟“ چيم،”يار ڏٽي بخش ڏنا، ڪنهن هڪ دليل سان ثابت ڪري ڏيکار تہ تنهنجو سائين سڪيلڏو، ڪوريءَ جي پٽ قاسم کان برتر ۽ اهم آهي.“

ڏنو اٿي ڪڙو ٿيو. چيائين،”تون منهنجو ايمان خطري ۾ ٿو وجهين. منهنجي قيامت ڪاري ڪرائيندين. مان وڃان ٿو.“

ڏنو هليو ويو. ميز تي اُها اخبار ڇڏي ويو جنهن ۾ ڪاري ڪيرولين جي موت جي خبر ڇپيل هئي.

■

1972

# سانڍا رنگ مٽائيندا آهن

ڦندڻ مون وٽ آيو، چيائين، ”تنهنجو امتحان ٿو وٺان!“

چيومانس، ”يار ڦندڻ، اڄ ڪلهه چپي چپي تي امتحان آهي. جيڪڏهن تو جهڙن يارن به امتحان وٺڻ شروع ڪيو ته پوءِ مون کي سکر واري پل تي ڏسندين.“

چيائين، ”مان توکي پنهنجي مرضيءَ مطابق مرڻ نه ڏيندس. يعني توکي خودڪشي ڪرڻ نه ڏيندس. توکي هڪ نه هڪ ڏينهن ڪو سانڍو ماري ويندو، انشاءَ الله تعاليٰ!“

چيم، ”جيستائين مون کي ڪو سانڍو ماري، تيستائين مون کي جيئرو رهڻ ڏي. مون کان سوال نه پڇ.“

چيائين، ”تمام سولو سوال آهي، اجايو مرين ڇو ٿو؟“

ورايم، ”سوال ٻن سببن ڪري پڇيو ويندو آهي. هڪ ته سوال پڇندڙ کي جواب نه ايندو آهي، ٻيو ته سوال پڇندڙ پنهنجي عقلمند هئڻ جو مظاهرو ڪندو آهي، ۽ جواب ڏيندڙ کي بيوقوف بنائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.“

ڦندڻ چيو، ”مان عقلمند ناهيان، ڇو جو جنهن وقت عقل جي ورهاست ٿي رهي هئي. ان وقت مان توکي ٻئي ڪنهن هنڌ ڳولي رهيو هوس. تنهنڪري تون ۽ مان ڊونڊي ٻيڙيءَ ۾ سوار آهيون. يعني ڪ In the Same Boat تنهن ڪري منهنجي معمولي سوال جو معمولي جواب ڏي.“

چيم، ”تون نه مڙندين. ڀلي پڇ.“

ڦندڻ پڇيو ”ٻڌاءِ ته پيچ - ڊاهه، ۽ فتني فساد ۾ ڪهڙي مخلوق اڳئين کان اڳري آهي؟“

چيم، ”ناڪام عاشق“

”غلط“

”ڪوئا.“

”نه.“

”ڳجهون ۽ ڪانو.“

”نو سر!“

”ڪنهن پاٽاريدار پير جا ڏاڙيل“

”نه سائين.“ ڦندڻ چيو.

”جيڪي جواب تو ڏنا آهن، سي صحيح ناهن. هڪ مخلوق جو نالو ٻڌاءِ جيڪا بربادي ڪرڻ ۾

اڳئين ڪان اڳري آهي، يعني پنهنجي استادن جي استاد آهي.“

هڪ دم رڙ ڪري چيم، ”سانڍا!“

ڦندڻ چيو ”تنهنجو جواب صحيح آهي، ۽ غلط بہ آهي.“ پڇيومانس، ”سو ڪيئن؟“

وارٽيائين، ”سانڍي جي اصليت جي خبر اٿئي تہ پوءِ تنهنجو جواب صحيح آهي، ۽ جيڪڏهن سانڍي جي اصليت جي خبر نہ اٿئي، تہ پوءِ تنهنجو جواب غلط آهي.“

”چيم، پر ان سوال پڇڻ جو مطلب؟“

وراٽيائين، ”سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس ٿيڻ وارو آهي. اها رنگ متائڻ واري مخلوق فساد ڪڙو ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي!“

”پر ڇو؟“ پڇيم، ”اڳئين دفعي بل تي فساد ڪرايائون، وري هن دفعي ڇا تي فساد ڪرائيندا!“

ڦندڻ ڪليو ڇيائين، ”هن دفعي آرڊيننس تي گوڙ ڪرائيندس.“

”عجيب مشڪرو آهين. ڪلين ٿو!“ چيم، ”آرڊيننس تي ڇو گوڙ ٿيندو!“

ڦندڻ چيو ”ان مخلوق ڪي فساد جي علت آهي. فساد نہ ڪرائين تہ جيڪر ٻوساتجي مري وڃن. اها سندن فطرت آهي، بنا پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ٻوليءَ جي بل تي فساد ڪرايائون، ڇو جو ڪين ڪنهن نہ ڪنهن بهاني فساد ڪرائڻو هو.“

”۽ هن دفعي؟“

”ڪجهہ ڪندا، ڪڇٽي پڇيائين پيا. آرڊيننس جي باري ۾ فتنو ڪڙو ڪندا.“

مون چيو ”پر آرڊيننس مان هنن ڪي ڪهڙو پيٽ ۾ سور پيو آهي.“

ڇيائين، ”هنن ڪي هر حال ۾ فساد ڪرائڻو آهي. ڪنهن بہ صورت ۾، ۽ ڪنهن بہ حالت ۾.“

”پر هن دفعي ٻوليءَ واري آرڊيننس تي فساد ڪڙو ڪرائڻ ڪجهہ مشڪل آهي،“ مون ڦندڻ ڪي چيو”ڦندڻ خان، سنڌ جو سمورو عوام فساد پسند مخلوق جي ست رنگي سياست سمجهي ويو آهي. هن دفعي سانڍن جيڪڏهن ڪا بادمخولي ڪئي، تہ منهن وجي پت سان لڳندن.“

ڦندڻ چيو”مان اها دڪدائڪ خبر سانڍن جي مجاهدن ڪي ٻڌائڻ وڃان ٿو. هو ڏينهن رات فسادن لاءِ نيون راهون تلاش ڪري رهيا آهن“.

ڦندڻ هليو ويو. ■

1972

# مان هلڪڙو

”چا پيو ڪرين؟“

”ڪالم پيو لکان“

”ڇڏ يار، پوءِ ڪٽي لکجانءِ.“

”ٽن ڪلاڪن کان سامهون وارو نوجوان ڪالم جي انتظار ۾ ويٺو آهي. وچي پريس ۾ ڏيڻو اٿس.“

”ٽن ڪلاڪن کان!“

”ها، ٽن ڪلاڪن کان.“

”تون ٽن ڪلاڪن ۾ ڪالم لکندو آهين؟“

”ڪنهن ڪنهن وقت ڇهن ڪلاڪن ۾ به لکندو آهيان.“

”چو ايڏي دير ڪيئن ڪندو آهين؟“

”بس، ٿي ويندي آهي.“

”چڱو هينئر ته ڪالم کي ڇڏ، مان ڪو روز روز ٿورئي ٿو اچان.“

”پر، هو نوجوان_“

”ڪجهه دير وڌيڪ انتظار ڪيائين ته مري نه پوندو. ها، هاڻي ٻڌاءِ ڪهڙا حال چال آهن. ملڪ جي سياست چا ٿي چوي؟“

”يار، پنجن منٽن ۾ ڪالم لکي وٺندس، بس فقط پنج منٽ.“

”ميان، مان به پنج منٽ ويهڻ آيو آهيان، پنج ڪلاڪ نه.“

”يار ناراض نه ٿيءُ فقط _ _ _“

”گهر ۾ ڪالم چو نه لکندو آهين؟“

”عام حالتن ۾ گهر ۾ ئي ڪالم لکندو آهيان، پر جڏهن هنگامي حالتون پيدا ٿي پونديون آهن، تڏهن هتي اچي ڪالم لکندو آهيان.“

”اسلام عليڪم، اڙي ڦندڻ، تون به هتي ويٺو آهين چا!“

”ها، هتي ويٺو آهيان، پر هيءُ خانصاحب ڪالم پيو لکي، منهن ڏيئي نٿو.“

”اڙي منهن چونہ ٿو ڏئين قندڻ ڪي؟“

”يار فقط پنجن منٽن ۾ ڪالم لکي وٺندس، ۽ ان ڪان پوءِ توهان ڪي منهن ڏيندس. مطلب آهي ڪچهري ڪندس.“

”يلا ٻڌاءِ تہ سهي، هوءَ تو واري خاص صلاحڪار يعني چيف ائڊوائيزر ڪيڏانهن ويئي. اڄ ڪلهہ هن جو ذڪر نہ ٿو ڪرين؟“

”پنجن منٽن ۾ ڪالم پورو ڪري وٺان پوءِ سمورو احوال ڏيانءِ ٿو.“

”سنڌو ڪير آهي؟“

”سادِن ٽن ڪلاڪن کان چوڪرو ڪالم ڪٽي وڃڻ لاءِ انتظار ۾ ويٺو آهي، پريس ۾ بہ انتظار هوندو.“

”انتظار، انتظار! اسين ڪو گهر ڪان واندا آهيون ڇا! هل تہ هلئون قندڻ. هيءُ تہ ڏينهون ڏينهن هلڪڙو ٿيندو پيو وڃي.“

مان چپ. ■

1972

# ٻولين جو بہ مذهب هوندو آهي ڇا؟

قنڊ ڊوڙندو آيو. هو منهنجو جگري دوست آهي. هو جڏهن بہ ڪو عجب اسرار ڏسندو آهي، حيران ٿيندو آهي، يا پريشان ٿيندو آهي، تڏهن ڊوڙندو آهي، ڊوڙندي ڊوڙندي يار ڪنهن سنگتيءَ جي گهر وڃي نڪرندو آهي.

ٿيون ڏينهن، يعني 7 جولاءِ (1972) جمعي ڏينهن شام جو قنڊ مون وٽ ڊوڙندو آيو.

ساهہ جائيتو ڪرڻ کان اڳ چيائين، "اسيمبليءَ مان هڪ عجيب خبر ٻڌي آيو آهيان."

پڇيومانس، "ڪهڙي؟"

وراڻيائين، "مخالف ڌر جي اڳواڻ جي واتان اها ڳالهہ ٻڌي آيو آهيان."

چيم، "مان عجيب خبر ٻڌڻ سان دلچسپي رکان ٿو. عجيب خبر جي ذريعي سان نہ. تون خبر ٻڌاءِ."

چيائين، "صاحب موصوف فرمايو تہ اڙدو مسلمانن جي زبان آهي، ۽ سنڌي بہ مسلمانن جي زبان آهي."

وراڻيم، "مون کي اڙدوءَ جي باري ۾ ڪا خبر ناهي تہ هندو آهي يا مسلمان، يا سک آهي يا عيسائي. پر مون کي اها خبر آهي تہ سنڌي ٻولي مسلمان ناهي. سنڌي ٻولي فقط مسلمانن جي ٻولي ناهي."

"پر هن صاحب تہ. . . . ." قنڊ جملو پورو نہ ڪيو.

"سنڌي زبان بنيادي طرح هڪ جاگرافيائي ايراضيءَ ۾ رهندڙ ماڻهن جي ٻولي آهي، ۽ سندن علم ۽ ادب، تمنائن ۽ احساسن جي اظهار جو ذريعو آهي،" وراڻيم، "پرمانند ميوا رام جو نالو ٻڌو اٿئي؟"

"ها. هن سنڌيءَ ۾ پهريون دفعو مڪمل ۽ جامع سنڌي انگريزي ۽ انگريزي- سنڌي ڊڪشنريون تيار ڪيون هيون."

"ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو نالو ٻڌو اٿئي؟"

"ها. هن ڊاڪٽر دائود پوٽي سان گڏ شاهہ لطيف جي رسالي تي کوجنا ڪئي هئي."

"ڪلياڻ آڏواڻي؟"

"شاهہ جو عاشق ۽ محقق. تمام سهڻي رسالي کي مرتب ڪندڙ."

"ڀيرومل مهر چند آڏواڻي؟"

"سنڌي تاريخ جو مصنف!"

"۽ ساميءَ جو نالو ٻڌو اٿئي؟"

"شاهہ ۽ سچل سان گڏ ساميءَ جو نالو ايندو آهي."

ڦندڻ منجهي پيو.

پڇيائين، ”اڙدو مسلمانن جي ٻولي آهي تہ پوءِ ڪرشن چندر ڪير آهي؟“

وراڻيم، ”اڙدوءَ جو عظيم افسانہ نگار.“

”پر هو هندو آهي.“

”تڏهن بہ اڙدوءَ جو سڀ کان وڏو ڪهاڻيڪار آهي.“چيم،”راجيندر سنگهہ بيديءَ جي پيٽ جو ٻيو اڙدو ڪهاڻيڪار آهي، خاص ڪري مسلمان؟“

”راجيندر سنگهہ بيدي نہ فقط غير مسلمان آهي، پر هو سک بہ آهي.“ منجهندي ڳالهايائين.

وراڻيم، ”سرلا ديوي ۽ رام لعل بہ مسلمان ناهن، پر هو اڙدوءَ جا وڏا ڪهاڻيڪار آهن.“ چيم، ”ٻوليءَ کي مذهب جي دائري ۾ قيد ڪري نہ ٿو سگهجي. مان نہ ٿو سمجهان تہ ڪو هوشمند انسان منشي پريم چند کي فقط انڪري اڙدو ادب مان خارج ڪري ڇڏيندو جو هو هندو هو. ساڳي طرح منگهارام ملڪاڻي ۽ موهن ڪلپنا سنڌي ادب جي تاريخ جو لازمي حصو آهن.“

ڦندڻ چيو”تنهنجا خيال سچي پاڪستانيءَ جا خيال نہ ٿا لڳن.“

چيم،”اڙدو سنڌ جي تاريخي ثقافتي ۽ مادري ٻولي آهي.“

”تون ٺٺولي پيو ڪرين!“

”ٺٺولي وري ڪيئن! مالڪ پنهنجو حق وٺڻ آيا آهن.“

”ڇا جو حق!“

”تہ سنڌ صوبي جي تاريخي، ثقافتي، فطري، مادري ۽ جاگرافيائي زبان اڙدو آهي.“

ڦندڻ پريشان ٿيو آهي، چوي ٿو، پنجابي ٻوليءَ لاءِ پنجاب ۽ بلوچي لاءِ بلوچستان آهي، تہ پوءِ اڙدوءَ جي لاءِ اُڙدي صوبو هئڻ گهرجي. سنڌ جو نالو اُڙدي رکي اڙدوءَ کي صوبي جي صوبائي يا سرڪاري زبان قبول ڪيو وڃي. جيڪڏهن هن صوبي جو نالو سنڌ هوندو تہ پوءِ لازمي طرح سنڌ سرڪار يا صوبائي زبان سنڌي ٿيندي. “

ان وقت ٻاهران لائوڊ اسپيڪر تي اعلان ٻڌڻ ۾ آيو: اڙدو جي حمايت ۽ سنڌيءَ جي مخالفت ۾ سڀاڻي مڪمل هڙتال.

ڦندڻ چيو”ڪوئن کي ڪيمرائون، مائيڪروفون ۽ پريسون هٿ ۾ آهن. ساڍا ٽي سيڪڙو هليا آهن هڙتال ڪرائڻ!“ ■

1972ع

# لينن جو پٽ مولو

اسان جو دوست ڏٽي بخش ڏنو جنهن کي پسارڪو دڪان آهي، تنهن کي پنڌرهن سالن جو هڪ پٽ، نالي مولا بخش مولو آهي. مولا بخش مولو آهي پنڌرهن سالن جو پر ڏسڻ ۾ پنجن سالن جو ايندو آهي قدبت ۾. سندس بندري ۽ ٻيڻبي هئڻ جو سڀ کان وڏو سبب اِهو آهي، جو ڏنو کيس ڏينهن ۾ ٽي دفعا ماني کارائيندو آهي، ۽ ٽي دفعا ڪلا نوڪيندو آهي.

پوئين دفعي مون جڏهن مولوءَ کي ڏني هٿان مار کائيندي ڏٺو هو، سو آچر جو ڏينهن هو ۽ وقت صبح جو هو. مان ڏني کان حال احوال وٺڻ لاءِ سندس پسارڪي دڪان تي وينو هوس.

هڪ گراهڪ کي هڪ ڇٽانگ هريڙون ڏيندي چيائين، "يار، اٽي – چانور جي قيمت ته ٺهيو پر هريڙون به چوٽ چڙهي ويون آهن. جيڪو گراهڪ اڳ سير هريڙون وٺي ويندو هو سو هينئر ڇٽانگ تي اچي بيٺو آهي."

چيم، "ماڻهو جيڪڏهن هريڙن کي انجٽيون سڏڻ ڇڏي ڏين، ته جيڪر اک ڇنڀ ۾ هريڙن جي قيمت ڪري پوي."

ان وقت ڏني جو پٽ مولابخش، جنهن کي هرڪو مولو سڏي، سو دڪان جي دڪيءَ تي اچي بيٺو.

مولوءَ پنهنجي پيءُ ڏني سان ڳالهايو. چيائين، "بابا، هڪڙي ڳالهه پڇانءِ؟"

ڏني ڪرڙي اک سان پٽ ڏانهن ڏسندي چيو، "ڪا ابتي سبتي ڳالهه پڇندين، ته ٺاهوڪي مار کائيندين."

مولوءَ پڇيو، "ڏيتي ليتي ٻن دائرن ۾ ٿيندي آهي. صنعتي دائري ۽ زراعتي دائري ۾. لينن چيو آهي ته اها زبان وڌندي ۽ پائدار ٿيندي، جيڪا ڏيتي ليتيءَ ۾ ڪم ايندي. ڇا اهو سچ آهي، بابا؟"

ڏني کي منهن ۾ گُهنڊ پئجي ويو. چيائين، "مون کي خبر ناهي."

مولوءَ پڇيو "بابا، لينن چيو آهي ته ڪنهن به ٻوليءَ کي خاص رعايتون، اعزاز، لقب جهڙوڪ قومي ٻولي وغيره هرگز ڏيڻ نه گهرجن. ايئن ڪرڻ سان، لينن چيو آهي ته ملڪ مان ڏڦيڙ ۽ بي اطميناني ڪيڏي سگهجي ٿي. ڇا اهو سچ آهي، بابا".

"مون کي خبر ناهي ڇورا". ڏني رڙ ڪئي.

مولو به موچڙن کائڻ لاءِ تيار ٿيو بيٺو هو. چيائين، "بابا، لينن چيو آهي ته سچو مارڪسي (Marxist) ان ڳالهه ۾ ايمان رکي ٿو ته ملڪ جي ڪنهن به هڪ ٻوليءَ کي ٻين ٻولين کان برتر بنائڻ لاءِ

لقبن ۽ اعزازن جو سهارو هرگز نہ ڏيڻ گهرجي. ڇا اهو سچ آهي، بابا.“

ڏني چيو ”مان هن وقت نوشادر توري رهيو آهيان. تنهن ڪري منهنجو مٿو نہ کاءُ.“

مولوءَ چيو ”بابا، لينن جي چوڻ موجب سچو مارڪسي ۽ جمهوريت پسند اهو آهي جيڪو ملڪ جي مختلف ٻولين لاءِ برابريءَ جي گهر ڪري ٿو. ڇا اهو سچ آهي، بابا.“

ڏني چيو ”ترس، هن گراهڪ کي نوشادر توري ڏيان، پوءِ توکي تنهنجي سوال جو جواب ٿو ڏيان.“

ڏني نوشادر پڙيءَ ۾ ويڙهي گراهڪ کي ڏنو. گراهڪ هليو ويو. پوءِ ڏني پنهنجي پٽ مولا بخش مولوءَ کي سڏ ڪيو. چيائينس، ”اوري آءُ تہ تنهنجي سمورن سوالن جو جواب ڪن ۾ ٻڌايانءِ.“

مولو خوش ٿي پنهنجي پيءُ ڏني وٽ آيو.

ڏني چيس، ”پنهنجو پڪي جهڙو ڪن منهنجي وات جي ويجهو آڻ.“

مولو پنهنجو ڪن ڏني جي وات آڏو جهلي بيٺو. ڏني وات کولي مولوءَ جي ڪن ۾ چڪ وڌو. مولوءَ کان دانهن نڪري ويئي، سندس ڪن پنهنجي وات مان ڪڍندي ڏني چيو ”بد بخت ڇورا. تون منهنجو پٽ آهين. ڏٽي بخش ڏني جو پٽ آهين. لينن جو پٽ ناهين. خبردار جو ٻيهر لينن جو نالو ورتو اٿئي.“

ان کان پوءِ ڏني پنهنجي پٽ مولوءَ کي ٺاهوڪي مار ڏني. ■

1972

• 2012 تائين قنڌڻ جي خوشفهمي ختم ٿي ويئي هوندي.

# ڦندڻ IN درساڻو چنو

ڪراچيءَ کان ٽيهه ميل پري سنڌين جو هڪ ڳوٺ آهي، جنهنجو نالو درساڻو چنو آهي. گهڻو ڪري ائين ٿيندو آهي، جو چنِي چماهيءَ، ڪڏهن ڪو ڪامورو، ڪڏهن ڪو سياستدان، ڪڏهن سماجي ڀهبود جو ڪو ٺيڪيدار، ۽ ڪڏهن ڪو صحافي ڪشالا ڪري ڳوٺ درساڻي چني کان وڃي نڪرندو آهي، ۽ ڳوٺ وارن جا ڏک ڀريا احوال ٻڌي روئي پوندو آهي، ۽ پوءِ جيستائين ان ڳوٺ ۾ هوندو آهي، روئندو رهندو آهي، ايترو روئندو آهي، جو ڳوٺ ڇڏڻ کان پوءِ، شهر ڏانهن موٽڻ کان پوءِ، پنهنجن پڪن گهرن، محلن، ماڙين ۽ بنگلن ڏانهن موٽڻ کان پوءِ به روئندو رهيو آهي. اڪثر ائين ٿيندو آهي جو ڪائنس، گهڻي روئڻ ۽ دماغي صدمي سبب درساڻي چني جو نالو وسري ويندو آهي.

اسان جو دوست ڦندڻ به ستارن جي گردش سبب ڳوٺ درساڻي چني کان وڃي نڪتو. ڦندڻ نه فقط عامل صحافي آهي، پر ڪامل صحافي به آهي، هو جڏهن ڳوٺ درساڻي چني پهتو تڏهن روئي نه سگهيو، ڇو جو اتي روئڻ هن فضول سمجهيو. هن سوچيو، ته هو جڏهن شهر موٽي ويندو، تڏهن ايترو روئندو، ايترو روئندو، جو ملڪ ٻوڙي ڇڏيندو. سو، اسان جي عامل ڪامل صحافي دوست ڦندڻ بلڪل ائين ئي ڪيو. هو ڳوٺ درساڻو چنو جي ڳوٺ وارن آڏو نه رنو. هن ساڻن ڪو به واعدو نه ڪيو. هن ڪين، پڪي رستي، اسڪول، اسپتال، بجلي، پاڻي، صفائيءَ، پوسٽ آفيس، ۽ تار گهر لڳرائي ڏيڻ جا آسرا نه ڏنا. خواب نه ڏيکاريا. هن ڪانئن ووٽ نه گهريو، پر لسيءَ جو گلاس گهريو. جيڪو کيس هڪدم مليو. لسي پيئڻ کان پُوءِ اسان جي عامل ڪامل صحافي دوست ڳوٺ وارن سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. ڦندڻ اڪيلو هو ۽ ڳوٺ وارا سرس هئا. تنهن ڪري سنڌس گفتگو سلسليوار نه هئي. بس، هنن ڳالهايو پئي.

"ادا اسان جي ڳوٺ ۾ بجلي ناهي، سامهون پيا ڳوٺ ويجهڙائي ۾ اڏيا آهن ۽ اتي مينهن جي واڙي ۾ به بجلي آهي، پر اسان وٽ ناهي."

ڦندڻ وراڻيو "بجلي تمام بري شيءِ آهي. جتي ٻرندي آهي، اتي روشني ٿيندي آهي، روشني دماغي صحت لاءِ نقصان ڪار آهي. ماڻهوءَ ۾ سوچڻ جي بيماري لڳي ويندي آهي. تنهن ڪري توهين خوش نصيب آهيو جو اوهان جي ڳوٺ ۾ بجلي ناهي."

"پائو اسان وٽ پاڻي به ناهي."

ڦندڻ چيو"پاڻي به چڱي شئي ناهي. اڄ ڪلهه پاڻيءَ ۾ مئل ڪتا، ڪوئا، ۽ ٻليون عام جام هونديون

آهن. اهڙو پاڻي پيئڻ کان بهتر آهي تہ ماڻهو اڃ مري. اهڙو پاڻي فقط ٻڍي مرڻ جي ڪم ايندو آهي، يا ڪراچي شهر وارن جي پيئڻ جي . رڳو ڪراچي شهر وارا اهڙو پاڻي هضم ڪري سگهندا آهن. پيو تہ پاڻيءَ ڪري پوسل، ۽ مچر بہ جام ٿيندا آهن ۽ ننڊ آرام حرام ڪندا آهن. تنهن ڪري توهين خوشنصيب آهيو جو اوهان وٽ پاڻي بہ ناهي.“

”اسان وٽ پوسٽ آفيس بہ ناهي.“

”پوسٽ آفيس معاشري جي عام اخلاق لاءِ خراب آهي.“ ڦندڻ وراڻيو. ”پوسٽ آفيس هوندي تہ ماڻهو هڪٻئي کي دڙڪن ۽ گارين جا خط لکندا. ڇوڪرا ڇوڪريون هڪ ٻئي کي Love Letters لکندا. مائٽن جي مٿي جو سور ٿيندا. تنهن ڪري توهين خوشنصيب آهيو جو توهان وٽ پوسٽ آفيس بہ ناهي.“

”اسان جي ڳوٺ ۾ اسپتال بہ ناهي.“

”اها خوشيءَ جهڙي ڳالهہ آهي.“ ڦندڻ چيو ”جتي اسپتال نہ هوندي آهي، اتي ماڻهو وڏي عمر تائين جيئرا رهندا آهن، جتي اسپتالون هونديون آهن. اتي ماڻهو ڇمڻ شرط مري ويندا آهن. شهرن ۾ اسپتالون هونديون آهن، تنهن ڪري اتي هڪ بہ جيئرو ماڻهو نہ هوندو آهي، رستن تي جيڪي ماڻهو نظر ايندا آهن، سي بدروح هوندا آهن. توهان جو ڳوٺ درساڻو ڇنو بد روحن کان بچيل آهي.“

ڳوٺ وارا اسانجي عامل ڪامل صحافي دوست جي گفتگوءَ مان خوش ٿيا. ■

1973

# سياست ۽ صلاحڪار

اٺين درجي جو ماستر ٻارن کي Civics پڙهائي رهيو هو سبق هلندي هڪ سنهڙو سيپڪ ڇوڪرو اٿي بيٺو. هن جو اسڪول جي رجسٽر ۾ نالو ته ڏٽي بخش لکيل هو پر سڀئي کيس ڏنو سڏيندا هئا، ڏنو اٿي بيٺو ته ماستر ناراض ٿيو ڏني کان پڇيائين، ”ڇا هي ڏنا، وچ ۾ ڇو اٿيو آهين؟“

ڏني چيو”سائين، مان توهان کان هڪ سوال پڇان؟“

”اڙي وڏو ڪو واهيات ڇورو آهين!“ ماستر صاحب چيو. ”بدبخت، استاد کان سوال پڇندي شرم نٿو اچيئي؟“

”شرم ته بلڪل اچي ٿو.“ ڏني وراڻيو ”پر ڇا ڪريان جو منجهيل آهيان، سائين.“

”ڪهڙي مونجهاري ۾ اچي پيو آهين، ڇورا!“

”سائين، ناراض نه ٿيو ته پڇان؟“

”پڇ، پر جلدي، وقت خراب نه ڪر، دماغ خراب نه ڪر، جلدي ڪر.“

ڏني پڇيو”سائين، پاڪستاني سياست جا صلاحڪار ڪير آهن؟“

”پاڪستاني سياست جا صلاحڪار! “ماستر صاحب وائڙو ٿي ويو اهڙو عجيب سوال هن عمر ۾ نه ٻڌو هو. چيائين، ”اهڙو بيمقصد ۽ بي معنيٰ سوال پڇڻ جي همٿ ڪيئن ڪئي اٿئي ڇورا، ڪل نه لاهي ڇڏيانءِ.“

”منهنجي ڪل نه لاهيو سائين“. ڏني ڪنبندي وراڻيو ”مان سخت منڊل آهيان. منهنجي دماغ جي ڪل لهي ويئي آهي. منهنجي جسم جي ڪل نه لاهيو. مهرباني ڪري مونکي ٻڌايو ته پاڪستاني سياست جا صلاحڪار ڪير آهن؟“

”سياست جا صلاحڪار وري ڇا هوندا آهن!“

”سائين، جن جي نقش قدم تي ملڪ جي سياست هلندي آهي.“

”ماٺ ڪري ويهي رهه.“ ماستر صاحب چيو”تنهنجو سوال ٻڌي مون کي چڙ وٺي ويئي آهي“.

”سائين، ان سوال جو جواب نه ملندو ته مان بيمار ٿي پوندس“.

”بدبخت ڏنا.“ ماستر، ڏني تي اُلر ڪندي چيو ”اول ٻڌائي ته اهو سوال ڇو پڇيو اٿئي؟“

”سائين“. ڏني وراڻيو ”مون کي شڪ ٿو پوي ته پاڪستاني سياست ملڪ ترنم ميڊم نورجهان ۽

زم زم توپ جنرل راڻيءَ جي نقش قدم تي هلي رهي آهي. بلڪ سندن پيروي ڪري رهي آهي.“

”دماغ خراب ٿيو اٿئي ڇورا.“ ماستر ڏند ڪرٽيندي چيو.

”نہ سائين، منهنجو دماغ پاڪستاني سياست ۽ جنرل راڻي ۽ نورجهان جي سياست خراب ڪيو آهي ۽ هونءَ منهنجو دماغ نيڪ آهي.“

ماستر بيزار ٿيندي چيو”الاءِ ڇا پيو چوين!“

ڏني چيو” سائين، جيئن جنرل راڻي ۽ نورجهان ڪڏهن نهن ٿيون ۽ ڪڏهن پاڻ ۾ وڙهن ٿيون، تيئن پاڪستاني سياستدان بہ ڪڏهن پاڻ ۾ نهي ٿا وڃن ۽ ڪڏهن وري هڪ ٻئي کي زهر ٿا سمجهن. ائين ڇو آهي؟“

ماستر صاحب وراڻيو ”پٽ ڏنا، مان مسڪين ماستر آهيان. اهڙا خوفناڪ سوال مونکان نہ پڇندو ڪر. مونکان شيرشاهہ جا سڏارا پڇندو ڪر.“ ■

1973

# چِتاءُ

فدا حسين ڦودنو اوچتو ظاهر ٿيو. منهنجي سامهون اچي بيٺو. چيلهه تي هٿ رکي گهور وجهي مون ڏانهن نهارڻ لڳو.

مون اوهان کي اڳواٽ ئي ٻڌائي ڇڏيو آهي، ته اسان جو دوست فدا حسين ڦودنو ڪمال جي شئي آهي. اڪثر گم رهندو آهي، پوءِ اوچتو ئي اوچتو ظاهر ٿيندو آهي. وري گم ٿي ويندو آهي. فدا حسين ڦودني جو اهو سلسلو ورهين کان هلندو اچي.

فدا حسين ڦودني چيلهه تي هٿ رکي مون ڏانهن ڏسندي چيو "مان يونيورسٽيءَ ۾ سورهن پائونڊن جو لوهي گولو پنجيتاليهه فٽ پري اُڇلائيندو هوس. اِها خبر ته ضرور هوندءِ!"

"خير ته آهي نه ڦودنا؟"

"۽ اِها به خبر هوندءِ، ته مان يونيورسٽيءَ جو ايٿليٽڪ چئمپئن هوندو هوس."

"پر. . . "مون جملو پورو نه ڪيو. هن ڳالهايو.

"۽ اِها خبر به هوندءِ، ته مان اصل نه وڙهندو هوس. ۽ جڏهن وڙهندو هوس، تڏهن مخالف جا ڏند ڀڃي ڇڏيندو هوس."

"يار ڦودنا." چيم، "زمان ماضي استمراريءَ جو ذڪر نه ڪر. مطلب جي ڳالهه ڪر."

"مطلب جي ڳالهه ڪريان؟"

"ها."

"منهنجي باري ۾ ڪو ڪالم لکيو هيئهِ؟"

"شايد."

"نموني بازي نه ڪر. سچ پچ ٻڌاءِ."

"مونکي مارينداين ڇا؟"

"منهنجي ڳالهه جو جواب ڏي" فدا حسين ڦودني چيو "مون تنهنجو اُهو ڪالم پڙهيو هو."

"پوءِ؟"

"اهو ڪالم تو واري فتني، چيني عرف بيني اسان جي سڄي سنگت ۾ سرڪيوليٽ ڪرايو آهي."

"نه نه!"

”اهو تو وارو ڏيڍ فٽ جو پاءُ تائيم بم آهي.“

”توکي تنگ ڪيو اٿائين؟“

”تنگ اصل ۾ تو ڪيو آهي“

”مون؟“

”ها“ فدا حسين ڦودني چيو ”تون آهين يارن دوستن جي صلاح کان ابتڙ ڪم ڪندڙ.“

حيران ٿي پڇيومانس. ”ڪا صلاح ٻلاح ڏيڻ آيو آهين ڇا؟“

”صلاح ڏوڙ جي ڏيندو مان ۽!“

فدا حسين ڦودني چيو ”مان چتاءُ ڏيڻ آيو ٿي مان ۽.“

”ڇا جو چتاءُ؟“ چيم، ”اهو چتاءُ ڏيڻ آيو آهين، تہ تنهنجي باري ۾ ڪجھ نہ لکان ورنہ. . . “

”نہ.“ ڦودني چيو ”منهنجي باري ۾ پلي لک.“

”تہ پوءِ چتاءُ ڇا جو ڏيڻ آيو آهين؟“

”ڪڳي ۽ نواب گانگٽ جي خلاف لکڻ ڇڏي ڏي.“

”جادوگر بالما کان پوءِ تون ڪڳي ۽ نواب گانگٽ جو همدرد پيدا ٿيو آهين ڇا؟“

”مان سندن همدرد ناهيان. مان تنهنجو همدرد آهيان.“

حيران ٿي پڇيومانس، ”منهنجو همدرد؟“

”ها.“ ڦودني وراڻيو ”حضرت ڪڳو، نواب گانگٽ، سندباد جهازي جو ستون خلاصي ڪامريڊ بي ايماني، احتشام علي نڪسن، ۽ ٻيا سنڌ دشمن ڇپا، ڪبا ۽ ٽيڏا حضرت پير سائين پاڳاري جي ڇانو ۾ آهن. پناھ ۾ آهن. يعني اهي سنڌ جا ويري پير سائين پاڳاري جي جوارِ رحمت ۾ آهن،“

پڇيومانس، ”چوڻ ڇا ٿو چاهين؟“

”چوڻ چاهيان ٿو تہ سنڌ جي ويرين، ۽ دشمنن خلاف لکڻ ڇڏي ڏي ڪٿي مارجي نہ وڃين.“ فدا حسين ڦودني چيو ”حضرت پير سائين پاڳاري کان ڊپ نٿو لڳئي!“ ■

1973

# اڪيـون

ڦندڻ عامل ڪامل صحافيءَ ڏهن ڏينهن جي موڪل لاءِ درخواست ڏني، درخواست ۾ ڪو به واضح سبب نہ ڄاڻايائين. بس، فقط ايترو لکيائين، تہ ڪنهن ضروري ڪم سانگي ڏهہ ڏينهن اخبار جو ڪم ڪري نہ سگهندس.

ڦندڻ جو ضروري ڪم گهڻو اڳ ختم ٿي ويو هو. ان ڪم ختم  ٿيڻ کان پوءِ ڦندڻ وري ڪڏهن بہ موڪل لاءِ درخواست نہ ڏني هئي.  هو جڏهن درخواست کڻي آيو، تڏهن اسان سڀني کي شڪ پيو. ڪيس ايڊيٽر جي ڪمري ۾ وڃڻ نہ ڏنوسينس. ڪيس نيوز روم ۾ قابو ڪري ويهاريوسين.

سڀني گڏيل فيصلو ڪيو تہ ڦندڻ کان آڏي پڇا ڪئي وڃي.

دوستن ۽ ساٿي صحافين، ڦندڻ کان آڏي پڇا شروع ڪئي.

”ڦندڻ، ڏهہ ڏينهن موڪل وٺي ڇا ڪندين؟“

”ڪو ضروري ڪم اٿم.“

”ڪهڙي قسم جو ڪم اٿئي؟“

”ڪم ذاتي آهي.“

”شادي تہ نہ پيو ڪرين؟“

”في الحال برباد ٿيڻ جو ڪو بہ ارادو ڪونهيم.“

”تہ پوءِ ڏهہ ڏينهن موڪل ڇو ٿو وٺين؟“

”منهنجي مرضي!“

”واهہ! تنهنجي مرضي، ڄڻ ڪنهن ٽاٽي جو ايس ايچ او آهين.“

”ٻڌاءِ ڦندڻ، ڏهہ ڏينهن موڪل ڇو پيو وٺين؟“

”اڙي بابا، مٿو ڇو پيا کائو، چيم نہ، تہ ذاتي ڪم اٿم.“

”ڪنهن بئنڪ کي ڪاٽ تہ نہ هڻندين؟“

”بئنڪ کي ڪاٽ هڻڻ اچيم ها، تہ اڄ جيڪر ڪنهن ڪارخاني جو مالڪ هجان ها.“

”يار ڦندڻ، تہ پوءِ ڏهہ ڏينهن موڪل ڇو ٿو وٺين؟“

”مان نہ ٻڌائيندس.“

”تہ پوءِ اسين توکي ايڊيٽر جي ڪمري ۾ وڃڻ نہ ڏينداسين.“

ويچارو ڦندڻ امن پسند آهي. اسان جي دڙڪي تي هيسجي ويو.

مونکي ڦندڻ تي رحم آيو. مون سمجهيو، ڦندڻ جي ٽڙيل پکڙيل زندگيءَ کي وري شايد ڪنهن سينگارڻ جو واعدو ڪيو آهي. ڦندڻ پنهنجي اڌ ڪان وڌيڪ زندگي واعدن کي نذرانو ڪري ڏيئي ڇڏي آهي. ڪجهه عرصو اڳ هڪ ڇوڪريءَ ڦندڻ جي رڄ جهڙي زندگي سينگارڻ جو واعدو ڪيو هو. تڏهن، ڦندڻ هڪ نه ٻئي ڏينهن اخبار مان موڪل وٺندو هو. موڪل ۾ ڪو ضروري ڪم ڄاڻائيندو هو. ضروري ڪم جي بهاني ڦندڻ موڪل وٺي اخبار مان غائب ٿي ويندو هو. ان ڇوڪريءَ جا واعدا، انجام، اقرار ۽ قسم ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيندو هو. پوءِ، هڪڙي ڏينهن اها ڇوڪري جڏهن ڦندڻ کي فريب ڏئي هلي ويئي هئي، تڏهن ڦندڻ پنهنجو اندر مون سان اوريو هو ۽ رنو هو. پوءِ هن ضروري ڪم سان موڪل وٺڻ جو سلسلو بند ڪري ڇڏيو هو. ان ڏينهن جڏهن ڦندڻ ڏهن ڏينهن جي موڪل جي درخواست ڪڻي آيو، تڏهن مونکي شڪ پيو.

مان ڦندڻ کي دوستن جي قبضي مان ڪڍي، نيوز روم مان ٻاهر وٺي ويس. پڇيومانس، ”ڦندڻ، وري ڪو چڪر هلايو اٿئي ڇا؟“

چيائين، ”نه يار.“

پڇيم، ”ته پوءِ ڏهن ڏينهن لاءِ موڪل ڇو پيو وٺين؟“

ڦندڻ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي چيو، ”هڪ هنڌ ماڻهن کي اهڙيون اکيون لڳائڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي، جو ماڻهن کي هر طرف بهار، گل ۽ خوشيون ڏسڻ ۾ ايندريون. ڪجهه ماڻهن اهڙيون اکيون هٽايون آهن. انهن کي هر طرف خوشيون، گل ۽ بهار جو منظر نظر اچڻ لڳو آهي. مان به اهڙيون اکيون هٽائڻ پيو وڃان.“

پڇيومانس، ”پنهنجيون اکيون ڪيڏانهن ڪندين؟“

وراڻيائين، ”پنهنجيون اکيون ڪانگن کي ڪڍي ڏيندس.“ ■

1973

# يارهن ميمبر پنجيتاليهه ميمبرن تي ڀاري

گذريل هفتي نواب گانگٽ هڪ پريس ڪانفرنس سڏائي هئي، جنهن ۾ هن حڪومت تي زور آندو تہ جلد کان جلد بهارين کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڳولي پاڪستان آندو وڃي ۽ کين خاص طرح سنڌ ۾ آباد ڪيو وڃي.

پريس ڪانفرنس هلندي عامل ڪامل صحافي ڦندڻ دل جهلي نواب گانگٽ کان پڇيو”نواب گانگٽ صاحب، اوهين ڇو ٿا چاهيو تہ بهارين کي پاڪستان ۾ آندو وڃي؟“

نواب گانگٽ جوهہ وجهي ڦندڻ ڏانهن نهاريو. ڦندڻ ميز تان پيٽيس ڪٽي ورتو ۽ ڪائڻ لڳو.

نواب گانگٽ چيو. ”پاڪستان مسلمانن جو ۽ مسلمانن لاءِ ملڪ آهي. بهاري مظلوم مسلمان آهن، اسان جو فرض آهي تہ کين پاڪستان ۾ گهرائي وٺئون؟“

”پاڪستان ۾ کين ڪٿي آباد ڪرائيندا؟“

”سنڌ ۾.“

”ڇو؟ سرحد، پنجاب ۽ بلوچستان ۾ ڇو نہ؟“

”سنڌ جي آب هوا اسان کي موافق اچي وئي آهي.“ نواب گانگٽ چيو”هتي اسين نئون يو پي، ۽ نئون سي پي آسانيءَ سان ٺاهي سگهون ٿا. ان لاءِ اسان بنياد بہ وجهي ڇڏيو آهي. تمام جلد اسين سنڌ جو نالو باب السلام رکي ڇڏينداسين.“

”برابر، برابر.“ ڦندڻ پيٽيس ڪائيندي چيو.”بيو تہ هتي، يعني سنڌ ۾ اسيمبليءَ طرفان جمهوري طريقي سان پاس ڪيل بل ۾ هنگاما ڪرائي ترميمون بہ ڪرائي سگهجن ٿيون ۽ يارهن ميمبرن جو فيصلو 45 ميمرن جي فيصلي کي ريتي سگهي ٿو. اهو فقط سنڌ ۾ ممڪن آهي. اهڙي دل لڳي پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان ۾ هرگز ڪري نٿي سگهجي. ڪيئن نواب گانگٽ صاحب؟“

نواب گانگٽ پنهنجي ڪونئر لڳل کهري مڇ تي هٿ ڦيرائيندي ڦندڻ کان پڇيو. ”تون بدنام صحافي ڦندڻ آهين نہ؟“

”بلڪل صحيح سڃاتو اٿئي، نواب گانگٽ.“

”تون وڏو بدمعاش آهين.“

”ان ۾ ڪو شڪ ناهي.“ ڦندڻ وراڻيو ”پر مان پاڻ سان هڪ گزيٽيڊ آفيسر جو ڏنل ڪيريڪٽر

سرٽيفڪيٽ ڪٽي هلندو آهيان.“

”بهرحال“ نواب گانگٽ ڳالهه مٿائيندي چيو“ مان حڪومت تي زور آڻيان ٿو تہ مظلوم بهارين کي هڪدم پاڪستان آندو وڃي.“

”سائين، مظلوم بهارين ۾ هندو بهاري بہ شامل آهن؟“ ڦندڻ پڇيو.

”لاحول ولله. هيءُ مسلمانن جوءِ مسلمانن لاءِ ملڪ آهي.“ ■

1973

# اڄ پڻ وايون ڪن

فدا حسين ڦودنو رات جو تمام دير سان منهنجي فليٽ تي آيو. زور سان ڪڙو ڪڙڪائي مون کي سڏ ڪيائين.

در کوليم.

فدا حسين ڦودنو ٻئي هٿ چيلهه تي رکي بيٺو هو. چيائين،”تنهنجي فليٽ جي هيٺان فٽ پاٿ وٽ هڪ لاش پيو آهي.“

”لاش؟“ مون کان ڇرڪ نڪري ويو.

”ها، لاش.“

”ڪير آهي؟“

”هن مرڻ کان اڳ ڪو به نياپو نہ ڇڏيو آهي.“ ڦودني چيو”توسان ڪچهري ڪرڻ لاءِ جيئن هيٺ پهتس، لاش ڏٺم.“

منهنجي پٺيان چيني چيو ”فٽ پاٿ تي جيڪو ماڻهو پيو آهي، سو مئل ناهي. مرڻ جي تيارين ۾ آهي.“

منهن ورائي چيني کان پڇيم”توکي ڪيئن خبر پئي تہ فٽ پاٿ تي پيل شخص مئل ناهي، پر مرڻ جي تياريءَ ۾ آهي.؟“

چيني وراڻيو”مان جڏهن فٽ بال ميچ تان موٽيو هوس، تڏهن ڏاڪڻ چڙهڻ کان اڳ مان وٽس وڃي بيٺو هوس. هن مون ڏانهن ڏٺو هو ۽ ڳالهايو هو؟“

فدا حسين ڦودنو حيران ٿي ويو. پڇيائين، ”هن ڳالهايو هو!“

”ها، ادا ڦودنا.“ چيني وراڻيو ”هن مونکي ڏسي چيو هو اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون.“

”ڇا!“ ڦودني کان رڙ نڪري وئي.

”ان بيت جي معنيٰ سمجهين ٿو ڦودنا؟“ ڦودني کان پڇيم.

”ها.“

”ڇا ٿو سمجهين؟“

”لفظ زبان تي آٽيندس، تہ اندر اڌ ٿي پوندو.“

”ڳالهاءِ ڦودنا.“

فدا حسين جو لوهہ جهڙو جسم ڪنبڻ لڳو. چيائين،”اهو هڪ نسل جي ابدي سفر جو اهڃاڻ آهي.“

مون ڏاڪٽر لهندي چيو”اچ چينا، جلد ڪر. فدا حسين تون بہ اچ، هن کي وچڻ نہ گهرجي. اسين ڪيس وچڻ نہ ڏينداسين.“

اسين ڏاڪٽر لهي فٽ پاٿ تي پهتاسين. اتي ڪو بہ نہ هو. هو وڃي چڪو هوا. • ■

1973

- فسادن کان پوءِ حالتون ايتري قدر تہ مايوس ڪندڙ ٿي پيون هيون جو لڳندو هو سنڌي ٻولي، تهذيب، سنڌي تمدن نہ بچندا. ذري گهٽ چاليهہ سالن کان پوءِ، 2012 ۾ پاڻ کان پڇان ٿو منهنجي سنڌ ڪٿي آهي؟

# پينيوريون

اسان جي عامل ڪامل صحافي دوست ڦندڻ جي درويش مامي، رب ڏني جي ڪن ۾ پنيوري گهڙي ويئي هئي، ۽ سندس ڪن ۾ جيٽ هوائي جهازن هلڻ جا آواز اچڻ لڳا هئا.

رب ڏني کي، (جنهن کي اُچارن جي وٽ پڪڙ ۾ فقط ربنو سڏيندا آهن)، حيدرآباد جي لياقت ميڊيڪل اسپتال ڪٺائي آيا. ڊاڪٽرن فيصلو ڪيو ته ربني جي ڪن مان مئل پنيوري ڪڍڻ لاءِ آپريشن ڪئي ويندي. درويش ربني آپريشن جي ڳالهه ٻڌي احتجاج ڪندي چيو هو”منهنجي ڪن ۾ جيڪا پنيوري گهڙي ويئي آهي، سا مئل ناهي، خدا جي فضل سان جيئري آهي. تنهنڪري منهنجي ڪن ۾هران هوائي جهازن ڪيرائڻ واري توپ، اينٽي ايئر ڪرافٽ گن جا ست ٺڪاءَ ڪيا وڃن. پنيوري ڊپ وچان ڪن مان نڪري ويندي. تنهنڪري، منهنجي ڪن سڳوري جي آپريشن نه ڪئي وڃي.“

ڊاڪٽر نه مڙيا. هڪ نوجوان سنڌي سرجن، جيڪو ويجهڙائيءَ ۾ ٻاهران نڪ، ڪن ۽ نڙيءَ جي بيمارين ۾ مهارت حاصل ڪري موٽيو آهي، تنهن ربني کي وڏي جاکوڙ کان پوءِ آپريشن لاءِ تيار ڪيو. هن ربني کي چيو”اڄ ڪلهه جون پنيوريون نڪاون سان جان نه ڇڏينديون آهن، ماما. انهن پنيورين جي وڍ ڪٽ ڪرڻي پوندي آهي. يعني آپريشن رستي انهن پنيورين مان جان ڇڏائڻي پوندي آهي.“

ٽيون ڏينهن ڦندڻ جي مامي، درويش ربني جي ڪن جي آپريشن ٿيڻي هئي. ڦندڻ مونکي خاص طرح ڪراچيءَ کان حيدرآباد وٺي آيو. چيائين،”ماما ربني کي دلاسا ڏيئي، دل مٿي ڪنداسين. هونءَ، منهنجو درويش مامو آهي ته پهلوان، پر ڪنهن ڪنهن وقت گرز ڪيرائي وجهندو آهي.“

ڦندڻ ۽ مان جنهن وقت لياقت اسپتال پهتاسين، تنهن وقت ڦندڻ جو مامو ربنو آپريشن لاءِ بلڪل تيار ويٺو هو. ڪيس اڃو چوغو پارايو ويو هو. رات کان سندس ڪاڌو خوراڪ بند هو. تنهن ڪري نبل پئي ڏٺو.

اسان کي ڏسڻ شرط درويش ربني رڙ ڪندي چيو”بک پيو مران. خدا جي واسطي هڪ ڪارو بسڪوٽ ۽ هڪ چانهه ڏيو.“

مون مامي کي سمجهائيندي چيو”ماما، آپريشن کان اڳ ڪجهه نه کائبو آهي.“

بيزار ٿيندي پڇيائين،”پر اها بدبخت آپريشن ٿيڻي ڪڏهن آهي؟“

ڦندڻ چيو”اسين ڪن، نڪ ۽ نڙيءَ واري سرجن کان پڇا ڪري تا اچئون.“

ڦندڻ ۽ مان نوجوان سرجن وٽ پهتاسين. سرجن آپريشن ٿيٽر ٻاهران، اڇي اپرن ۾ آپريشن لاءِ بلڪل تيار بيٺو هو. ڦندڻ چيس،”اسان جو درويش مامو آپريشن ڪرائڻ لاءِ تيار آهي.“

سرجن وراڻيو”پائو مان به آپريشن ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

پڇيومانس،”ته پوءِ انتظار ڪنهنجو آهي؟“

ڊاڪٽر جواب نه ڏنو ۽ وراندي ڏانهن ڏسندو رهيو. اسين حيرت مان ڏانهس ڏسندا رهياسين.

هڪ وارڊ بوائي چيو”نرسون سرجن صاحب کان ناراض آهن. سرجن صاحب نرسن جو انتظار ڪري رهيو آهي.“

”ڇو ناراض آهن؟“ ڦندڻ پڇيو. وارڊ بوائي آهستي وراڻيو”نرسن کي شڪايت آهي ته ڊاڪٽر صاحب Unromantic، کهرو ۽ سخت آهي، تنهن ڪري نرسون آپريشن ٿيٽر ۾ سرجن صاحب جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهن.“

ڦندڻ وارڊ بوائي کان پڇيو”ٻاهريان قصا ته مشهور آهن. آپريشن ٿيٽر ۾ به ڊاڪٽر نرسن هٿان بيحال ٿيندا آهن ڇا؟“

وارڊ بوائي وراڻيو”مان اسپتال جو راز ظاهر نه ڪندس.“

بهرحال، ڦندڻ جي مامي، درويش ربني جي ڪن مان پنيوري نه نڪتي آهي، نرسن کي ڊاڪٽر جو رويو ۽ خاص ڪري سنڌي ڳالهائڻ پسند ناهي. هو ساڻس ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ناهن ۽ نرسن جي موجودگيءَ کان سواءِ آپريشن، آپريشن محسوس نه ٿيندي آهي. ■

1973

# حسين دڙڪو

اڄ ڪلهہ ڊرامن جي موسم هلي رهي آهي. موسم آهر مان پنهنجو ڊرامو پيش ڪريان ٿو. هي ڊرامو واڪ آئوٽ، يا واڪ اِن، مرڻ يا مارائڻ جو ڊرامو ناهي. منهنجو ڊرامو سپينس ڊرامو آهي، جنهن کي فلم پروڊيوسر سپينڊ سڏيندا آهن.

ڊرامي پيش ڪرڻ کان اڳ هڪ وضاحت ضروري سمجهان ٿو. منهنجو هيءُ ڊرامو ايندڙ چونڊن لاءِ منهنجي”ورڪ“ جي هڪ ڪڙي ناهي، خدا ۽ خدا جو رسول ٿو ڄاڻي تہ مونکي ايندڙ چونڊن ۾ بيهڻ جو ڪو ارادو ناهي. مان ڪنگلو بادشاهہ آهيان. مان وڏيرو ناهيان. منهنجي ٽنڊ تي ڪراڪلي ٽوپي رکيل ناهي. مون پنهنجا هاري ناري مارايا ناهن. مون پنهنجي تر ۾ ماڻهن کي هيسائڻ لاءِ مٿن ڪوڙا ڪيس نہ ڪرايا آهن. تنهنڪري، منهنجي ڊرامي مان پڙهندڙ مهربانو ۽ قدر دانو اوهين پليءَ پٽ سمجهي ويا هوندا، تہ مونکي ايندڙ چونڊن ۾ بيهڻ جو ڪو بہ ارادو ناهي. پر، سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ مان چونڊن ۾ بيهڻ جو حق بہ نہ ٿو رکان.

هينئر ڊرامو پيش ڪجي ٿو.

مان آفيس ۾ ويٺو هوس. ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. منهنجي عامل ڪامل صحافي دوست ڦندڻ رسيور کڻي چيو،”مان ڦندڻ پيو ڳالهايان.“

ڦندڻ رسيور مان ڪو جواب ٻڌو، هڪ دم رسور مون کي ڏيندي چيائين،”مان سمجهان ٿو ڪو گهوڙو توسان ڳالهائڻ ٿو چاهي.“

مون ڦندڻ کان رسيور وٺي ڪن تي رکندي چيو،”مسٽر گهوڙا، مان اهو پيو ڳالهايان جنهن سان تون ڳالهائڻ چاهين ٿو.“

بيحد کهرو، اٽوٽندڙ ۽ هٽڪڻ جهڙو آواز آيو،”تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي، اسين تنهنجو دماغ درست ڪنداسين. اڄ، آفيس مان نڪرڻ کان پوءِ تنهنجو خير ناهي.“

”خير محمد ڪمپازيٽر موجود آهي، مسٽر گهوڙا.“ چيم،”ساڻس ڳالهائيندين؟“

ڳالهائيندڙ گهوڙي خارن مان فون بند ڪري ڇڏي. مون گهوڙي جي گفتگو کان ڦندڻ کي آگاهہ ڪيو. ڦندڻ چيو،”ممڪن آهي گهوڙو سنڌ جي ڪنهن روحاني رهبر جو چيلو يا چيلو هجي، ۽ توکي ماريندي ويرم نہ ڪري، تنهن ڪري بڪ مري جيڪي ڪتاب ورتا اٿئي، سي مونکي ڏيئي ڇڏ.“

هڪ ڪوري ڪاغذ تي صحيح ڪري، ڪاغذ ڦندڻ کي ڏيندي چيم،”منهنجي مرڻ کان پوءِ هن ڪاغذ تي جيڪي وڏيئي سو لکي وارث ٿجانءِ.“

ڦندڻ ڪاغذ ڦاڙي ڇڏيو.

ٽيليفون تي گهوڙي سان ڪيل گفتگو مون وساري ڇڏي.

سانجهي ٽاڻي جڏهن آفيس مان نڪري بندر روڊ تي اچي بيٺس، تڏهن اوچتو هڪ مرسڊيز ڪار مونکي ذري گهٽ چيٿاڙيندي اڳ نڪري ويئي، مون ڪنڌ ورائي نهاريو. ڏٺم، ته ڪار هڪ ڇوڪري هلائي رهي هئي ۽ سندس پرسان پڻ هڪ ٻئي ڇوڪري ويٺي هئي.

ايتري ۾ بولٽن مارڪيٽ کان ٽرام آئي، مان ٽرام ۾ چڙهي ويٺس. ڪجهه اڳتي هلي منهنجي حيرت جي ڪا حد نه رهي، جڏهن ڏٺم ته ساڳي مرسڊيز ڪار ٽرام سان گڏوگڏ ڊوڙي رهي هئي، ڪار ۾ ويٺل ٻئي ڇوڪريون رکي رکي مون ڏانهن ڏسي رهيون هيون. اوچتو مونکي ٽيليفون تي گهوڙي سان ڪيل گفتگو ياد آئي.

ٻئي ڇوڪريون صدر تائين ٽرام جو پيڇو ڪنديون آيون. صدر ۾ جهانگير پارڪ وٽ ٽرام مان لٿس. مرسڊيز ڪار منهنجي ٻنهه سر تي چڙهي آئي، جيڪا ڇوڪري ڪار هلائي رهي هئي تنهن ابهرائيءَ مان چيو”پيرن مرشدن جي باري ۾ لکڻ ڇڏي ڏي، نه ته توکي ريپ ڙRape جي ڪيس ۾ ڦٽرائي ڇڏينديون سين.“

مون حيرت مان ڇوڪريءَ ڏانهن ڏٺو. ■

1973

# نوان صوبا

ڦندڻ پڇيو ڏني کان، ”ڏنا سائين، نيٺ ڇا سوچيو اٿئي؟“

”ڇا جي باري ۾؟“

”ڪراچي ڇڏڻ جي باري ۾.“

”ڪراچيءَ مان لڏڻ جو ڀيو سوچين ڇا؟“

”ٻيو نہ تہ.“

”اوچتو ئي اوچتو ڪراچي ڇڏڻ جو خيال ڇو آيو اٿئي؟“

ڦندڻ وراڻيو”ملان ڀو تي آهن. ڇون تا ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڇني ڌار ڪرائيندا.“

ڏنو ان انڪشاف تي ڪجهہ حيران ٿيو. چيائين،”ملن ويجهڙائي ۾ ضرور سيري جي ديڳ کي مٿو ڏنو آهي. تنهن ڪري پاڻ نہ ٿا ڳالهائين، سندن پيٽ ٿو ڳالهائي.“

”هوڻءَ بہ ملن جو ميڄالو گوڏي ۾ هوندو آهي.“

ڪجهہ مٿيرو ٿو ٻڌائين، ”ملن جو ميجالو ڪڙيءَ ۾ هوندو آهي.“

”اهو غلط آهي. ڪڙيءَ ۾ ميجالو فقط عورتن کي هوندو آهي.“ ڦندڻ چيو”ٻڌو نہ اٿئي، تہ عورتن کي ڪڙيءَ ۾ عقل هوندو آهي.“

”نہ سائين. ملن کي گوڏي ۾ ميجالو ۽ پيٽ ۾ عقل هوندو آهي، تنهن ڪري ملان ڀو تي ٻوڙ پلائو ۽ سيرا اُڦراتا کائي پوءِ ڳالهائيندا آهن.“

ڏني پڇيو”تنهن جو مطلب آهي تہ ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڇني ڌار ڪرڻ جو مطالبو ملن جي پيٽ پرائي آهي؟“

”ها“. ڦندڻ وراڻيو ”اهو مطالبو ڪنهن چريٽ جي چريائي آهي.“

”پر تڏهن بہ پاڻ کي لڏ پلاڻ جي تياري ڪري ڇڏڻ گهرجي.“

”ڇو؟“

”متان چريٽ جو خواب سچو نڪري پوي!“

ڦندڻ چيو”اهو ناممڪن آهي.“

”دنيا ۾ ڪا بہ شي ناممڪن ناهي.“

”مون کي نيپولين سان ڪا بہ همدردي ناهي.“

”اهي همراهہ وڏا اٽڪلي آهن.“ ڏني چيو”جمهوري طريقي سان منظور ٽيل بل سان ڏٺءِ تہ ڪهڙي حالت ڪيائون!“

”مان نہ ٿو سمجهان تہ ملان ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهندا.“

”ڪراچيءَ کي جيڪڏهن جدا صوبو ڪرائي نہ سگهيا، تہ پوءِ هڪ ٻيو مطالبو ڪندا.“

”ڪهڙو؟“

ڦندڻ چيو”مطالبو ڪندا تہ لالوکيت کي جدا صوبو ٺاهيو وڃي.“

ڏني کلندي چيو”اهو عين ممڪن آهي تہ ملان لالوکيت کي جدا صوبو ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن.“

”پوءِ لالو کيت کي صوبائي ٻولي ڪهڙي ڪندا؟“

”اڙدو.“

”سرڪاري ٻولي؟“

”اڙدو.“

”قومي ٻولي؟“

”اڙدو.“

ڦندڻ چيو”جڏهن لالو کيت کي جدا صوبو مڃيو ويندو تڏهن ان ۾ ٻن قسمن جا مهاجر رهندا.“

ڏني حيرت سان پڇيو”ڪهڙا بہ قسم؟“

ڦندڻ وراڻيو”نوان مهاجر ۽ پراڻا مهاجر.“ • ■

1973

• سنڌ ۾ صوبا ٺاهڻ جو ممڻ 1947 کان متل آهي.

# ڪبي جي ڳالهه

اسان جو عامل ڪامل صحافي دوست ڦندڻ ڏنڌين ڏاند آهي، هو پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهي، مٿس ڪنهن جي جهل پل نه هلي. ڪم اهڙا ڪندو جو شير پاتن سنگهه، جنهن هماليه جي چوٽيءَ تي پير رکيو هو، سو اچي سلام ڪندس.

ڪالهه مون وٽ آيو. وات مان ڪجهه نه ڪڇيائين، منهنجي آڏو ڪجهه ڪاغذ رکيائين. ڏانهس ڏٺم. ته ڪاغذن طرف اشارو ڪيائين. مطلب ته پڙهه. مون ڪاغذ هٿ ۾ کنيا. ڦندڻ زور آوري ڪري پاڪستاني سياست جي سڀ کان ”ڪم سن“ ڪبي سياستدان جو انٽرويو وٺي آيو هو. انٽرويو سوال جواب جي صورت ۾ هو. توهين به پڙهي ڏسو. (سوال ڪندڙ ڦندڻ آهي.)

سوال: توهان سياست ۾ ڇو ٽپي پيا آهيو مسٽر ڪبا؟

ڪبو: مان معاشري کي سڌارڻ چاهيان ٿو.

سوال: ته پوءِ ان ڪم لاءِ يتيم خانو ڇو نه ٿا کوليو؟ سياست ۾ ڇو لٿا آهيو؟

ڪبو: ٻيو ڪو سوال پڇ.

سوال: توهين مُلن جي جماعت طرفان سياست ۾ ڇو آيا آهيو؟

ڪبو: ملان مجهول هوندا آهن، سندن جماعت ۾ مان اڪيلو پڙهيل آهيان. هن جماعت ۾ منهنجي Rise ڪرڻ جا آثار ڏاڍا روشن آهن.

سوال: ويجهڙائي ۾ توهان اداڪار ملان کي انٽرويو ڏيندي فرمايو هو. ته توهان کي وزارت جي آڇ ٿي هئي اها ڳالهه ڪيتري قدر صحيح آهي؟

ڪبو: انٽرويو ڏيڻ کان پوءِ مون هڪدم محسوس ڪيو ته اها آڇ مون کي خواب ۾ ٿي هئي.

سوال: ڪنهن به مسئلي تي ڪهڙي نموني عوام کان راءِ وٺي سگهجي ٿي؟

ڪبو: فساد ڪرائي.

سوال: توهين گهڻو ڪري هارين جي فڪر ۾ ڳرندا ٿا رهو. توهان ڪڏهن ڪو سنڌي هاري ڏٺو آهي؟

ڪبو: ٻيو ڪو سوال پڇ

سوال: تازو هڪ انٽرويو ۾ توهان فرمايو آهي هندو ناڪر پاڪستان جا دشمن آهن، ڇو جو

پاڪستان هڪ اسلامي ملڪ آهي. ان نقط نگاهه کان مراڪش جي شاهه حسن تي ويجهڙائيءَ ۾ جيڪو خوني حملو ٿيو آهي، تنهن باري ۾ توهانجو ڪهڙو خيال آهي؟

ڪٻو: ان حملي ۾ ڪنهن سنڌي اخبار جي اڪائونٽنٽ جو هٿ هو. خدا جو شڪر آهي ته شاهه حسن بچي ويو.

سوال: اداڪار ملان کي انٽرويو ڏيندي توهان انڪشاف ڪيو آهي ته ڪراچيءَ جو شهر ڪنهن به دور ۾ سنڌ جو حصو نه هو. مهرباني ڪري وضاحت ڪندا؟

ڪٻو: ڪراچي حقيقت ۾ لنڪا جو شهر هو جتان راوڻ ان کي چورائي ڪٽي آيو ۽ سنڌ جي رڻ ڪڇ جي گوني ڪنڊ وٽ ڇڏي ويو. ملان جڏهن اقتدار ۾ ايندا، تڏهن خارجه پاليسيءَ کي وڌيڪ بهتر بنائڻ لاءِ اسين ڪراچيءَ جو شهر لنڪا Ceylon کي موٽائي ڏينداسين. ■

1973

# بيوقوف ڪبوتر جو موت

مون آفيس جي دريءَ تان ٻاهر نهاريو.

بندر روڊ جي ٻئي پاسي، سيشن ڪورٽ جي بلڪل سامهون، هڪ مئل ڪبوتر بجليءَ جي تارن ۾ اُبتو لٽڪيو پيو هو.

مان مئل ڪبوتر ڏانهن ڏسي رهيو هوس.

اسان جو عامل ڪامل صحافي دوست قنڌڻ، منهنجي پرسان اچي بيٺو. پڇيائين،" سيشن ڪورٽ جي بلڊنگ ڏانهن انصاف لاءِ پيو واجهائين ڇا؟"

مون ڪيس جواب نه ڏنو. مئل ڪبوتر ڏانهن ڏسندو رهيس.

قنڌڻ چيو"سيشن ڪورٽ جي بلڊنگ پٿر مان ٺهيل آهي. مضبوط آهي. يقين ڪر. تنهنجي مٿي ٽڪرائڻ سان ڪيس لوڏو نه ايندو."

مون قنڌڻ جي ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو.

مون ڳالهايو. چيم،"سيشن ڪورٽ جي سامهون بجليءَ جون تارون ڏسين ٿو؟"

ڪجهه حيرت سان وراڻيائين، "ها."

مئل ڪبوتر ڏانهن نهاريندي چيم،"بجليءَ جي تارن تي هڪ مئل ڪبوتر اُبتو لٽڪيل آهي."

"ڪا وڏي ڳالهه ناهي." قنڌڻ چيو"جيڪي ڪبوتر شاڪ لڳڻ سبب مري ويندا آهن، سي بجليءَ جي تارن تي ابتا لٽڪي پوندا آهن."

مان دريءَ وٽان هٽي ويس. ڪمري جي ڪنڊ ۾ رکيل ڪتابن جي شيلف وٽ وڃي بيٺس، جنهن تي پراڻين اخبارن جا ويڙهوٽا سٿيا پيا هئا.

قنڌڻ دريءَ ڏانهن پٺي ڪري ڇڏي، اُتان ئي ڳالهائيندي چيائين، ،"جيڪڏهن تون اِهو سوچي رهيو آهين، ته ڪبوتر مرڻ ڪانپوءِ ابتو ڇو ٿي پيو ۽ سبتو ڇو نه رهيو، ته پوءِ اهو معاملو ڪجهه ڪجهه غور طلب آهي."

قنڌڻ، پوءِ هڪدم منهن ورائي دريءَ کان ٻاهر، مئل ڪبوتر ڏانهن ڏسڻ لڳو.

مان ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. ڪجهه دير تائين ٻاهر نهارڻ کان پوءِ قنڌڻ دريءَ وٽان هٽي ويو. ۽

منهنجي سامهون ميز تي چڙهي ويٺو. نرڙ ۾ گهنڊ پئجي ويو هوس. ننڍڙو نڪ متي چڪجي ويو هوس. وڏي ڪنهن سوچ ۾ مبتلا ٿي ويو هوا!

پڇيومانس،"مئل ڪبوتر کي حلال ڪرڻ جي ترڪيب پيو سوچين ڇا؟"

خيالن جو سلسلو ٽٽي پيس. منهنجي سوال تي مٺيان لڳس. چيائين،"ميان، تنهنجي باري ۾ پيو سوچيان."

"منهنجي باري ۾؟"

"ها."

"ڇا ٿيو آهي مونکي؟"

"مون کي خبر ناهي تہ توکي ڇا ٿيو آهي." ڦندڻ چيو" پر تون مئل ڪبوتر جي باري ۾ ڇا سوچي رهيو آهين؟"

ڦندڻ جو سوال ذهن جي مقبرن ۾ پڙاڏا ڪرڻ لڳو تہ "مئل ڪبوتر جي باري ۾ڇا سوچي رهيو آهين؟"

مونکي ڪو جواب سجهي نہ آيو. ڪرسيءَ تان اُٿي دريءَ وٽ بيٺس، ۽ مئل ڪبوتر ڏانهن نهارڻ لڳس.

ڦندڻ منهنجي پرسان اچي بيٺو. پڇيائين،"ڇا پيو سوچين؟"

دل اُداس ٿي ويئي. چيم،"ڦندڻ، مونکي ائين پيو محسوس ٿئي، ڄڻ تہ مان بہ ڪنهن ڏينهن بجليءَ جي تار تي وڃي ويهندس، ۽ ڪبوتر جو موت مرندس."

"جنهن نرس توکي ڪاپي ٻانهن ۾ چاليهہ سيون هنيون هيون، تنهن تنهنجا لاهہ ڪڍي ڇڏيا آهن." ڦندڻ ڪليو. چيائين،"ڪبوتر بيوقوف هيو. بجليءَ جي تارن تي ويهي مري ويو. چنبن تي ربڙ چاڙهي ڇڏي ها، تہ جيڪر اُبتو ٿي نہ مري ها." ■

1974

# سوڙ جيترا پير ڊگهيڙڻ

فدا حسين قودنو اسان جو دوست آهي، هو اوچتو ئي اوچتو گم ٿي ويندو آهي، ۽ اوچتو ئي اوچتو ظاهر ٿي پوندو آهي. هڪ آفيس ۾ پندرهن سالن کان ڪلارڪي ڪندو آهي. ڪرامتن جو صاحب آهي. هڪ ڪمال اِهو بہ ڪندو آهي، جو آفيس مان اڪثر موڪل تي غائب رهندو آهي، پر سندس ساليانيءَ ويهن ڏينهن جي ريزڪي موڪل، يعني ڪيزوئل ليو (Casual Leave) ختم نہ ٿيندي آهي. هڪ عام اندازي موجب فدا حسين قودنو سال ۾ نَوَ مهينا موڪل تي رهندو آهي!

ڳالهہ ڪندا آهن تہ فدا حسين قودنو جڏهن ننڍڙو هو تڏهن فلاسافر ٿيڻ جا اهڃاڻ ڏيکاريندو هو. هڪ دفعي ڪنهن اُستاد کان نصيحت ٻڌي آيو تہ ”انسان کي هميشہ سَوَڙ جيترا پير ڊگهيڙڻ گهرجن.“ بس سائين! فدا حسين ڳالهہ کي ڳنڍ ٻڌي، نصيحت تي عملي طرح هلڻ جو پڪو پهہ ڪري ويٺو.

اونهارو اوج تي هو. ڪانوَ جي اک ٿي نڪتي! فدا حسين قودنو نصيحت ٻڌي سڌو گهر آيو. ماءُ کي حڪم ڪيائين تہ تهخانن مان سَوَڙ ڪڍ. ماءُ پنهنجي بودلي پٽ کي تهخانن مان سَوَڙ ڪڍي آڻي ڏني، ۽ ڏانهس حيرت مان نهارڻ لڳي.

فدا حسين سپ کان ويجهي کٽ تي ليٽي پيو. چڱي طرح سوڙ تاڻي، پير ڊگها ڪيائين. اهو ڏسي ڪائنس چرڪ نڪري ويو تہ سَوَڙ ڪائنس قد ۾ ڊگهي هئي، ۽ هو ڪوشش جي باوجود سَوَڙ جيترا پير ڊگهيڙي نہ پئي سگهيو. هن نصيحت ۾ ٻڌو هو تہ انسان کي هيمشہ سَوَڙ جيترا پير ڊگهيڙڻ گهرجن! تنهن ڪري، هن سَوَڙ لاهي، هڪدم ماءُ کي حڪم ڪيو تہ سَوَڙ کي ڪپي ننڍو ڪري، سندن قد جيترو ڪيو وڃي.

ممتا جي ماريل ماءُ! ويچاري سَوَڙ ڪپي، ننڍي ڪري فدا حسين قودني جي قد جيتري ڪري ڇڏي.

فدا حسين ٻيهر نئون سنئون ٿي کٽ تي ليٽي پيو ۽ پوءِ جڏهن پنهنجي مٿان سَوَڙ وجهي پير ڊگها ڪيائين، تڏهن اهو ڏسي کيس بيحد خوشي ٿي، تہ هو نصيحت جي عين مطابق سَوَڙ جيترا پير ڊگهيڙي سگهيو ٿي. نہ هو سَوَڙ کان وڏو هو ۽ نہ سَوَڙ ڪائنس وڏي هئي.

اونهارو گذري ويو. سيارو آيو. تهخانن مان سوڙيون نڪتيون. فدا حسين پنهنجي سَوَڙ کٽي کٽ تي ليٽي پيو. کيس استاد جي نصيحت ياد هئي. هڪ دم سَوَڙ پنهنجي مٿان وجهي پير ڊگهيڙيائين. ڪائنس چرڪ نڪري ويو. سندس ٻئي پير مرن تائين سوڙ کان ٻاهر نڪري ويا هئا. هن هڪ دم گوڏا تنبا

ڪري، پيرمٿي چڪي ورتا. ٿنڊڙو ٿي، جيئن تيئن ڪري رات گذاري ڇڏيائين.

صبح جو ماءُ کي حڪم ڪيائين تہ، سوڙ کي ڳنڍُ هڻي، وڏائي سندس قد جيترو ڪيو وڃي.

ماءُ ويچاريءَ سوچيو تہ ڇوڪرو پنهنجي ڏاڏي جي هاني ڪانيءَ تي ويو آهي. سو سال ۾ ٻہ ٻہ هٿ ٿي وڌندو. سو ڇا ڪيائين، جو سَوَڙ کي فدا حسين جي قد کان فٽ ڏيڍ وڏائي ڳنڍُ هڻي ڇڏيائين.

فدا حسين جڏهن ڳنڍ لڳل سَوَڙ پنهنجي مٿان وجهي پير ڊگهيڙيا، تڏهن سندس پير سوڙ جيترا ڊگهيڙجي نہ سگهيا. هن ڳالهہ کي نصيحت جي انحرافي سمجهندي، سخت اعتراض ڪيو. ماڻس هڪدم، ڊپ وچان سوڙ ڪپي، سندس قد جيتري ننڍي ڪري ڇڏي، جنهن ۾ فدا حسين سوڙ جيترا پير ڊگهيڙي سگهيو ٿي.

پوءِ، ڪيترن سالن تائين سوڙ جيترا پير ڊگهيڙڻ جي جدوجهد ۾ فدا حسين پنهنجي سوڙ هر سال وڏائيندو ۽ ڪپائيندو رهيو. نيٺ اهو وقت بہ آيو. جڏهن هن سوڙ ڪپائڻ ۽ وڏائڻ جو سلسلو بند ڪري ڇڏيو. ائين نہ هو تہ هن جو نصيحت مان اعتقاد نڪري ويو هو! سندس قد وڌڻ بند ٿي ويو هو. ■

1974

# عجيب نسخن جو قلمي ڪتاب

ڪجهه عرصو اڳ، ڏني اها ڳالهه مشهور ڪئي هئي ته ڪيس پنهنجن ڏاڏن جي تهخانن مان هڪ قلمي ڪتاب هٿ لڳو آهي. ڏني اسان کي اهو به ٻڌايو هو ته اهو ڪتاب پنهنجي نوعيت جو نرالو ڪتاب آهي، ۽ منجهس عجيب عجيب نسخا لکيل آهن.

هڪڙي ڏينهن قندڻ ۽ مان آفيس مان نڪتاسين ته سڌو وڃي ڏني جي در تي پهتاسين، ڏنو اڌ رات جو اسان کي پنهنجي گهر جي ٻاهران ڏسي ڏڪي ويو. حقيقت ۾ ڏني کي ڊپ اسان مان نه ٿيو هو هو پنهنجي گهر واريءَ جي جاڳي پوڻ جي خوف کان ڏڪي ويو هو. ان وقت، اسين جيتوڻيڪ سندس گهر کان پرتي بيٺا هئاسين پر تنهن هوندي به سندس گهر واريءَ جا کونگهرا ٻڌي سگهياسين ٿي.

هتي، اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان ته، ڏني جي گهر واري قندڻ ۽ مون کان خار کائيندي آهي. ڏني کي چوندي آهي، ته تنهنجا اهي ٻئي دوست لفنگا آهن ، نه اٿن گهر نه گهاٽ ۽ نه اٿن ڪا ذميداري، توکي ڪاري ٻوهر ڪري رکندا. ڏنو ويچارو اهي ڳالهيون اسان کي اچي ٻڌائيندو آهي. ۽ اسان کان معافي وٺندو آهي. ڏني جي گهر واريءَ کي اسان خلاف سڀ کان وڏي شڪايت اها آهي، ته اسين اڌ رات جو رستن تي رلندا آهيون. ڏني، پنهنجي نيڪ بخت زال کي هر دفعي سمجهايو آهي ته اسين اخبار ۾ نوڪري ڪندا آهيون، ۽ رات جو رستن تي رلڻ ۽ پوليس وارن جي ور چڙهڻ اسان جي نصيب ۾ لکيل آهي، پر ڏني جي نيڪ بخت زال کي ڪا به ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي آهي. ڪين فقط ايترو سمجهه ۾ ايندو آهي ته اسين راتين جا رولاڪ آهيون!

ڏنو قندڻ ۽ مان ننڍپڻ جا يار آهيون. ٻاراڻي درجي کان وٺي يونيورسٽيءَ تائين گڏ پڙهيا آهيون. پر، ڏني جڏهن کان شادي ڪئي آهي، تڏهن کان سندس گهر واري ڏني ۽ اسان جي وچ ۾"سماج جي ديوار" ٿي بيٺي آهي.

ڏني اسان کي اڌ رات جو پنهنجي گهر ڏٺو ته چيو"يار، چانهه جو بندوبست ٿي نه سگهندو. بدبخت ٻلي سمورو کير پي ويئي آهي."

"اسان کي خبر آهي." قندڻ چيو"اسين ٻليءَ جا کونگهرا ٻڌي رهيا آهيون".

ڏنو ويچارو وٺجي ويو.

مون ڏني کي چيو"ڏنا، اسان اُهو قلمي ڪتاب ڏسڻ آيا آهيون، جنهن ۾ عجيب عجيب نسخا لکيل

آهن.“

ڏني هڪدم هٿ ٻڌا، چيائين،”خدا جي واسطي هن وقت هليا وڃو.“

پڇيوسينس،”ڇو؟“

وراڻيائين،”قلمي ڪتاب لوهه جي وڏي ٽرنڪ ۾ رکيو آهي. لوهه جي ٽرنڪ تي ڪٺڪ جي ٻُوڻ، ۽ هڪ پيگل ميز رکيل آهي، ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه تہ اُها ٽرنڪ منهنجي گهر واريءَ جي مٿن کان رکي آهي.“

اسين ڏاڍو مايوس ٿياسين.

ڦندڻ چيو”ڏنا، پلا گهٽ ۾ گهٽ اهو ٻڌاءِ، تہ ان ڪتاب جي فرهنگ جعفريءَ وانگر دوائن جا پوائٽنا نسخا تہ لکيل ناهن؟“

”نہ، اڙي چريا.“ ڏني چيو ”ان ڪتاب ۾ عجب جهڙا نسخا لکيل آهن.“

چيم،”مون هڪ ڪتاب ۾ عجيب عجيب نسخا پڙهيا هئا. مثال طور: ٻئي جا مڪمل طرح لاهہ ڪيڻ، ٻئي ڪي نڪ ۾ نوڙي وجهي هلائڻ. وغيره. اهڙا نسخا لکيل تہ ناهن؟“

”نہ بابا، نہ.“ ڏني چيو”ان ڪتاب ۾ اهڙا نسخا لکيل آهن.جو اڳ نہ ڪنهن ٻڌا، ۽ نہ ڏٺا.“

”الا!“ عجب لڳو سياڻن جي قول مطابق عجب وچان وات ۾ اڱر بہ وجهي ڇڏيسين.

ڏني چيو”ڪتاب ۾ جيڪي نسخا لکيل آهن، سي ڪجهہ هن ريت آهن. خون ڪيئن ڪجي، ۽ خون ڪرڻ کان پوءِ قانون کان ڪهڙي طرح بچجي. رشوت ڪيئن کائجي ۽ اينٽي ڪرپشن کاتي کان ڪيئن بچجي. جاهل ۽ سياست جي سائنس کان ناواقف هئڻ جي باوجود چونڊن ۾ ڪيئن بيهجي ۽ چونڊن ۾ ڪيئن کٽجي، وغيره.“

ڏني واعدو ڪيو آهي تہ اهو ڪتاب اسان کي ڏيکاريندو. ۽ مان توهان سان واعدو ٿو ڪريان، تہ ان قلمي ڪتاب جا عجب جهڙا نسخا هنن ڪالمن ۾ لکندس، جن جي پڙهڻ سان گهڻن جو ڀلو ٿيندو. ■

1974

# نيڪ ۽ بد سمگلنگ

ڏنو ٻوڙندو آيو. پڇيائين،"اڄ شام جو پور پچائڻ جو پروگرام تہ نہ ناهيو اٿئي؟"

مون ڪنڌ ڪٽي ڏني ڏانهن نهاريو. ڏنو ٻهڪيو پئي.

ورائي پڇيومانس. "هندستاني فلم ڊيڪارڻ جو بندوبست ڪيو اٿئي ڇا؟"

"اهڙا ڀاڳ اسان جا ڪٿي!" ٿڌو ساهہ کنيائين، پوءِ چيائين،"ڪنهن صوبيدار سان واقفيت ٿي پيئي، تہ سمجهہ ڀاڳ کلي پوندا."

"تہ پوءِ ڪهڙي سلسلي ۾ واڇون وچي پاپڙين سان لڳيون اٿئي؟"

"مون واري ماسات جو چاچو آهي نہ!"

"ڪهڙو. جيڪو جيل ۾ آهي؟"

"نہ نہ. اهو نہ، اڙي چريا."

"تہ پوءِ ڪهڙو. جيڪو رائيس ڪينال واري ڊاڙي ۾ گهربل آهي؟"

"نہ يار."

"تہ پوءِ تنهن جي ماسات جو اهو چاچو، جنهن وٽ ٻارهن ڍڳو آهن، ۽ جيڪو ڪنڊ ۽ چانورن جي بليڪ ڪندو آهي!"

"مان پنهنجي ماسات جي چوٿين نمبر چاچي جي ڳالهہ پيو ڪريان."

"اڇا تہ اُهو!" ڳالهہ سمجهندي چيم،"اهو چاچو سڳورو، جيڪو هن سال ويهون دفعو حج تي ويو آهي؟"

"ها، ها. بلڪل اُهو." ڏني چيو"هو اڄ شام واري فلائيٽ ۾ حج تان موٽي رهيو آهي."

"هو حج تان موٽي رهيو آهي، اها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي." چيم،"پر يقين ڪر ڏنا، ڪسٽم ڪاتي ۾ منهنجي ڪا بہ واقفيت ناهي."

"چوين تہ ائين پيو جڻ ٻين کاتن ۾ وڏي واقفيت اٿئي!" ڏني وراڻيو."منهنجي ماسات سمورو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. ڪسٽم وارا گڙٻڙ نہ ڪندا."

"تہ پوءِ؟"

"پاڻ ڪيس گلن جو هڪ عدد هار پارائڻ هلنداسين."

مطلب تہ شام جو ھار ڪٽي ايئر پورٽ پھتاسين.

چاچو صاحب پنھنجي نوراني چھري ۽ بيحد صحتمند جسم سان جھاز مان ٻاھر نڪتو. ڏاڍو خوش پئي نظر آيو. ڪسٽم ڪاروائي جھڙي ٿي، تھڙي نہ ٿي. حاجي چاچا جو سامان جنھن ۾ واچون، اشرفيون، سونا زيور ۽ ٻيڙا، ٽرانزسٽر، فونو گرام، ولايتي ڪپڙو، آمريڪي ڊالر وغيره شامل ھئا، سو ٽڙي ڪڙي آزاد ٿي ويو.

اسان سيني ڪيس مبارڪ ڏني، ۽ پوءِ عين اُن وقت جڏھن مان سندس ٻچڙيءَ ۾ ھار وجھي رھيو ھوس، تڏھن اوچتو ايئرپورٽ تي وڳوڙ ٿي پيو. وٺ پڪڙ. ڀڄ ڀڄان! سپاھين جون سيٽون وڄڻ لڳيون. واڪا ٿيڻ لڳا. جنھن کي جيڏانھن منھن آيو ونڃي ڀڳو. حاجي چاچا سامھون بيٺل بس جي ھيٺان لنگھي ويو ۽ پوئين ٽائر جي پُٺيان ٽندڙو ٿي لڪي ويٺو. مان بہ ان بس جي ھيٺان وڃي لِڪس. حاجي چاچا چيو "ڪي عرب گوريلا آھن، ۽ فلسطين کي آزاد ڪرائين پيا!"

"ڪراچي ايئرپورٽ تي فلسطين کي آزاد پيا ڪرائين!" مان حيران ٿيس.

ان وقت الاءِ ڪٿان ڏنو ظاھر ٿيو. ماحول ۾ ٺاپر اچي ويئي ھئي، ڏني وڏي واڪ چيو "حاجي چاچا، جتي بہ لڪل آھين، ھڪدم ظاھر ٿيءُ."

حاجي چاچا ۽ مان بس جي ھيٺان نڪري آياسين.

ڏني اسان کي ٻڌايو "ڪا خاص ڳالھ نہ ھئي، ھڪ بدمعاش سمگلر ڪسٽم کان اڪ بچائي واچون ۽ سون ڪٽي ڀڄو پئي ويو. پر سائين پاڪستاني ڪسٽم کان ڪيڏانھن ويندو! نيٺ پڪڙي ورتائونس."

■

1974

# دل جو آواز

ٽيليفون جي گهنٽي وڳي، ڦندڻ فون رسيور ڪن تي رکيو ۽ چيو "مان عامل ڪامل صحافي فقير محمد ڦندڻ ڳالهائي رهيو آهيان."

جواب ۾ هن رسيور مان ڪجهه ٻڌو. پوءِ اکيون چنجهيون ڪري مون ڏانهن ڏسندي فون رسيور ۾ جواب ڏنائين. "ها، ويٺو آهي. هن وقت مکيون پيو ماري. اوهين پل ساڻس ڳالهايو."

پوءِ رسيور مون ڏانهن وڌائيندي چيائين، "پٽ ڳالهاءِ. اڄ ته ليڪا لهندءِ."

ڦندڻ کان رسيور ورتم. چيم، "هيلو!".

ڪنهن پڇيو "ڪيئن آهين؟"

آواز جيتوڻيڪ اوپرو اوپرو هيو پر تنهن هوندي به ٻڌل ٻڌل پئي محسوس ٿيو ڪو به جواب ڏيئي نه سگهيم. تڏهن پڇيم، "اوهين ڪير پيون ڳالهايو؟"

جواب آيو "منهنجو آواز به نه ٿو سڃاڻين!"

آواز نه سڃاتم. پر محسوس ڪيم ، ته اهو آواز منهنجي پنهنجي وڃايل آواز جو پڙلاءُ هو.

"وقت زخم ڀري ڇڏيندو آهي". آواز آيو "پر وقت زخمن جا نشان ميساري نه سگهندو آهي."

مون ٻيو هٿ به رسيور ۾ وجهي ڇڏيو.

"تو هڪ دفعو چيو هو ته عمارتون ڪنهن کي به ياد نه ڪنديون آهن. اسين عمارتن کي ياد ڪندا آهيون، جن جي ڇانو ۾ زندگيءَ جا يادگار لمحا گذري ويندا آهن." تمام جهيڻو آواز آيو "مان ڀڳل عمارت جي کنڊرن ۾ ويٺي آهيان، ۽ تو سان ڳالهائي رهي آهيان."

"دل!" منهنجن چپن مان سندن نالو ڪڇي ويو. چيم، "ڪيئن آهين، دل!"

وراڻيائين، "ڌڙڪندي آهيان. هڪڙي ڏينهن هميشه لاءِ خاموش ٿي وينديس".

چيم، "وقت بدلجي ويو پر تنهنجو جواب نه بدليو".

هوءَ کلي پيئي. پر سندس کلڻ مان درد جي جهلڪ ظاهر ٿي پيئي. چيائين، "وقت بدلجي ويو پر تنهنجو سوال نه بدليو".

پڇيم، "تو سان ملڻ جو ڪو امڪان ٿي سگهي ٿو؟"

"مون توکي فقط فريب ڏنا آهن." دل جواب ڏنو "اجا به مون سان ملڻ جي خواهش ڪرين ٿو!"

”اها خواهش منهنجي موت سان گڏ ختم ٿيندي، دل.“ وراڻيم،”پاڻ جهانگير ڪوٺاري پريڊ ڪلفٽن جي ڏاڪڻ تان وچڙيا هئاسين. اُن وقت سچ سمنڊ ۾ ٻڏي رهيو هو. ان ڳالهہ کي ڇڻ صديون گذري ويون آهن. پر، مان اڄ بہ وچي اُن ڏاڪڻ تي ويهندو آهيان، ۽ تنهنجو انتظار ڪندو آهيان.“

”تنهنجي ديوانگي ۾ مون ڪڏهن بہ شڪ نہ ڪيو هو.“ دل چيو”ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن، جڏهن سچ سمنڊ ۾ ٻڏي رهيو هوندو، مان جهانگير ڪوٺاري پريڊ جي ڏاڪڻ تي اچي توسان ملنديس.“

مون رسيور رکي ڇڏيو.

ڦندڻ چيو”مان هڪ لک رپين ۾ تنهنجو ويمو ڪرائيندس، ۽ پاليسي پنهنجي نالي لکائيندس.“

ڦندڻ جي ٺوڪ تي مون مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي پر مون کي پنهنجي مرڪ ڦڪي محسوس ٿي. ■

1974

# ٻڪريءَ پاتل ڏند

هڪڙي ڏينهن فدا حسين قودني جي باري ۾ حيرت انگيز انڪشاف ٻڌوسين. قندڻ ٻڌايو ته فدا حسين قودني وٽ چانديءَ ۾ مڙهيل ڪنهن جانور جو ڏند آهي، ۽ اهو ڏند هو ٻڪريءَ ۾ پائي گهمندو آهي.

گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ اسين ان نتيجي تي پهتاسين، جيئن ته فدا حسين ڪٽر مذهبي قسم جو ماڻهو آهي، تنهن ڪري سندس ٻڪريءَ ۾ پاتل ڏند ڪنهن به صورت ۾ سوئر جو ڏند نه هوندو.

قندڻ چيو"تي سگهي ٿو ڪتي جو ڏند هجي؟"

"ڪتو به پليت جانور آهي."

"پلا اُٺ؟"

"اُٺ بيوقوف قسم جو جانور آهي. فدا حسين قودنو بيوقوف ناهي، جو اُٺ جو ڏند چانديءَ ۾ مڙهائي ٻڪريءَ ۾ پائي!"

"هڪ ٻلو قودني جو کير پي ويندو هو." قندڻ چيو"تي سگهي ٿو هن کير پياڪ ٻلي کي ڊيڄارڻ لاءِ ڪنهن مئل ٻلي جو ڏند پائي ڇڏيو هجي!"

"اها ڳالهه به دل سان نه لڳي." چيم،"فدا حسين مذهبي قسم جو ماڻهو آهي، هو ڪتي ٻليءَ جو ڏند هرگز نه پائيندو."

"بس!" قندڻ چيو"قودني جي ٻڪريءَ ۾ خچر جو ڏند آهي."

پڇيم،"سو وري ڪيئن؟"

وراڻيائين."قودنو سخت محنتي ماڻهو آهي. محنت کي برقرار رکڻ لاءِ هن محنتي جانور خچر جو ڏند پائي ڇڏيو آهي، جيئن ڏند جي برڪت سان خچر وانگر محنت ڪندو رهي."

"قودني کي ننڍپڻ ۾ هڪ گهوڙيءَ اِٽ هڻين هئي، ان ڏينهن کان پوءِ قودنو گهوڙن کان ڊڄي ويو آهي."

چيم،"مان سمجهان ٿو فدا حسين قودني گهوڙي جو ڏند چانديءَ ۾ مڙهي، پائي ڇڏيو آهي."

قندڻ ۽ مان جڏهن ڪنهن رايي تي نه نهياسين، تڏهن قودني جي گهر وڃي نڪتاسين. قودني کي جڏهن پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌايوسين. تڏهن ڪائنس ڇرڪ نڪري ويو. چيائين،"ان ڳالهه تان لهي وڃو."

"لهي وري ڪيئن وڃون!" چيوسين،"اسان جو ذري گهٽ جهيڙو ٿيڻ تي آهي. ٻڌاءِ ته تنهنجيءَ

ٻچيءَ ۾ ڪهڙي جانور جو ڏند پاتل آهي؟“

ڦودني وراڻيو”شينهن جو.“

”شينهن جو!“ اسان ڪان ڇرڪ نڪري ويو.

”ها.“ ڦودني ڏند ڏيکاريندي چيو”هيءُ خالص شينهن جو ڏند آهي.“

ڦندڙ چڱي طرح ڏند کي جاچي ڏٺو چيائين،”پائنجي ٿو ڪنهن پوڙهي شينهن جو ڏند آهي.“

ڦودني هڪدم چيو”نه. نه. جوان شينهن جو ڏند آهي.“

”جوان شينهن جو ڏند آهي، ته پوءِ شايد ڏندڙ نه ڏيندو هوندو، جو ڏند هيڏو ٿي، ڪاچي ويو آهي.“

ڦندڙ پڇيو”شينهن جي ڏند جي خاصيت ڪهڙي آهي؟“

فداحسين ڦودني مٿو ڪنهندي وراڻيو”شينهن جو ڏند پائڻ سان جن ڀوت ويجهو نه ايندا آهن.“

”ڪمال آهي!“ ڦندڙ چيو”اسين ٻئي توکي ويجهو اچي ويا آهيون!“ ■

1974

# غريب عوام ڪي ڇا گهرجي

هڪ عاليشان بنگلي جي ڊرائينگ روم مان ٽهڪن جا آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيا. آواز هئا ته ماڻهن جا, پر بيحد ڀوائتا! ڄڻ وحشي قبيلي وطوسيءَ جا سردار هئا. ٽهڪن جو لاڳيتو سلسلو ظاهر ڪري رهيو هو ته بنگلو ڀُورو هو ۽ شايد منجهس جنن جو واسو هيو.

پر پوءِ, جڏهن هڪ ڪيڊلڪ ڪار بنگلي ٻاهران اچي بيٺي, ۽ ڪار مان بيحد بندرو ۽ ٽلهو شخص مٿي تي سولا هيٽ رکي بنا ڊپ ڊاءَ جي بنگلي ۾ هليو ويو تڏهن پڪ ٿي ويئي ته بنگلو ڀورو نه هو. منجهس جنن جو واسو نه هو. بلڪ, بنگلو ماڻهن جو هو ۽ ماڻهو جنن ديوَن جهڙا ٽهڪ ڏيئي رهيا هئا.

اسان جو دوست ڏنو جنهن ڪي جنن ڪان سواءِ دنيا جي ٻيءَ ڪنهن به ڀوائتي شيءَ کان ڊپ نه ٿيندو آهي, سو ماهر جاسوس وانگر بنگلي ۾ هليو ويو. دراصل, ڏٽي بخش ڏني جاسوسيءَ ۾ باقاعدي تربيت ورتي آهي. تربيت وٺڻ کان پوءِ هن جهوني مارڪيٽ مان وڏي ڪالر وارو هڪ ڪارو اوور (Over) ڪوٽ خريد ڪيو آهي. ان اوور ڪوٽ جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي, جو ان ڪوٽ کي پائڻ کان پوءِ ڪو به شريف ماڻهو جاسوس نظر ايندو آهي.

ڏنو بنگلي ۾ ڏاکڻي طرف کان داخل ٿيو. ڏاکڻي طرف هڪ وڏو غسلخانو هو جيڪو پرئين پاسي کان بند هو. ڏاکڻي طرف کان غلسخاني ۾ داخل ٿيڻ لاءِ فقط هڪ روشندان هيو. روشندان ايترو ته ننڍڙو هيو جو ڏنو منجهي بيهي رهيو. ڪنهن به صورت ۾ اوور ڪوٽ پائي ان روشندان مان اندر داخل ٿي نه پئي سگهيو.

ڪجهه دير تائين اهو سوچيندو رهيو ته روشندان مان اول پاڻ داخل ٿئي, يا پهريائين پنهنجو هيبتناڪ اوور ڪوٽ داخل ڪري, نيٺ هن فيصلو ڪري ورتو. اول پنهنجو اوور ڪوٽ اندر غلسخاني ۾ اڇلايائين, جيڪو سڌو وڃي پاڻيءَ سان ڀريل ٽب ۾ ڪريو. پوءِ ڏاڍي خبرداريءَ سان پاڻ روشندان رستي غسلخاني ۾ داخل ٿيو. هن اول اهو آلو اوور ڪوٽ پائڻ جو ارادو ملتوي ڪري ڇڏيو. پر پوءِ ڪيس خيال آيو ته پاڻ جيئن ته جاسوسيءَ جي مهم تي نڪتو هو ۽ جاسوسي لاءِ وڏي ڪالر وارو اوور ڪوٽ پائڻ لازمي هو, تنهن ڪري هن پسيل اوور ڪوٽ ٽب مان ڪڍي پائي ڇڏيو.

غسلخاني مان نڪري, ڏنو بورچيخاني ۾ پهتو جتي قسمين قسمين طعام تيار رکيا هئا. پر بورچي

غائب هيو. بنگلي جي هال مان ٽنولين ۽ ٺهڪن جا آواز اچي رهيا هئا. ڏنو خبرداريءَ سان اوڏانهن هليو ويو. ملڪ جا نامي گرامي ڪرتا ڌرتا، ڪامورا ۽ پوليس جا آفيسر ويٺا هئا ۽ هڪ ڏيري ڏتڙيل کي ٺڦون، ٺڏا هڻي رهيا هئا ۽ پڇي رهيا هئا،

”اڙي غريب عوام جا ڦر توکي ڇا گهرجي؟“

ڏيري مرٽيگ حال ۾ وراٽيو ”روٽي، ڪپڙا اور مڪان،“

هڪڙي حاڪم سڪل ڊوڙو ڏيندي ڏيري کي چيو ”اڙي وٺ روٽي.“

ٻئي حاڪم کيس ڪفن ڏيندي چيو ”وٺي هيءُ ڪپڙو.“

ٽئين حاڪم ڊي آءِ جي چيو ”غريب عوام جو ڦر جيڪڏهن وري روٽي، ڪپڙي ۽ مڪان لاءِ جلوس ڪڍي تہ کيس گولي هڻي ميرا شاھ جي قبرستان ۾ پوري اچجو قبر آهي هن جو مڪان.“

ڏنو ڪنبندو ٻاهر نڪري آيو چيائين،”اندر ماڻهو نہ، جن آهن.“ ■

1974

# ليڊي فش

اسان جو عامل ڪامل صحافي دوست قندڻ، مونکي ڳوليندو ”گدلڪ“ هوٽل مان اچي نڪتو. گدلڪ هوٽل اها هوٽل آهي، جتي گهڻو ڪري، ”بيدلڪ“ قسم جا ماڻهو اچي ويهندا آهن. جنهن وقت مان ڊبل پتيءَ واري ڪڙڪ گوليمار چانهه پي رهيو هوس، ۽ ڏاڍي غور سان اخبار مان اُن مڇيءَ متعلق حيرت انگيز خبر پڙهي رهيو هوس، جنهن جو هيٺيون ڌڙ چيلهه تائين عورت جهڙو ۽ مٿيون مڇيءَ جهڙو هو.

قندڻ اچڻ شرط منهنجي سامهون ميز تي ٻئي پاسي بينچ تي ويهي رهيو. چيائين، ”تنهنجي لاءِ خطرناڪ خبر آندي اٿم.“

مون سندس جملي کي اهميت نه ڏني. چيم، ”مان هن وقت وڏي ويچار ۾ گرفتار آهيان.“

پڇيائين، ”ڇا جو ويچار؟“

ڪيس مڇيءَ متعلق خبر ۽ تصوير ڏيکاريندي چيم، ”مان اهو سوچي رهيو آهيان ته مڇيءَ جو هيٺيون حصو عورت جي ڌڙ جهڙو آهي، يا عورت جو مٿيون حصو مڇيءَ جهڙو آهي!“

”في الحال مڇيءَ جي باري ۾ سوچڻ ڇڏي ڏي،“ قندڻ چيو ”ڏيان سان منهنجي ڳالهه ٻڌ.“

”يار، عجيب انسان آهين، قندڻ.“ چيم، ”مان اُن مڇيءَ متعلق سوچي رهيو آهيان، جنهنجو هيٺيون حصو عورت جي ڌڙ جهڙو آهي. يا ان عورت متعلق سوچي رهيو آهيان، جنهنجو مٿيون ڌڙ مڇيءَ جهڙو آهي.“

”۽ مان ان ليڊي فش جي باري ۾ توکي خبر ٻڌائڻ آيو آهيان جيڪا سڄي سموري عورت جهڙي آهي.“ قندڻ چيو ”۽ سڀ کان وڏي ڳالهه، ان مڇيءَ، يعني ليڊي فش يعني اُن عورت تنهنجي متعلق ڳالهايو آهي.“

مون عجب وچان قندڻ ڏانهن ڏٺو.

قندڻ چيو ”تنهنجي وڃڻ کان اڌ ڪلاڪ پوءِ هڪ عورت تنهنجو پڇائيندي اچي پاڻ واري ڪمري مان نڪتي. اها عورت نهايت عجيب هئي.“

پڇيومانس، ”ڪنهن مڇيءَ جهڙي هئي ڇا؟“

”ها. هوبهو ليڊي فش جهڙي هئي.“ قندڻ چيو ”اها عورت پنجاهه فٽن جي مفاصلي تان سورهن سالن

جي ڇوڪري، ۽ پنجن فٽن تان سٽ سالن جي پوڙهي پي نظر آئي.“

”ان قسم جون اڌ ڊزن عورتون مان سڃاڻان.“ پڇيم، ”ڇا پئي چيائين؟“

”تنهنجي باري ۾ معلومات پئي ورتائين.“ ڦندڻ وراڻيو.

پڇيم، ”ڪهڙي قسم جي معلومات؟“

وراڻيائين، ”تنهنجي باري ۾ ڪجهه هن قسم جا سوال ڪيائين. شادي ڪيل آهي، يا ناهي. جيڪڏهن شادي ڪيل آهي، ته ٻار اٿس، يا نه اٿس. گهر اٿس ته پوءِ گهر ويندو آهي، يا نه ويندو آهي. قرض ۾ مبتلا آهي، يا ناهي. پگهار ڪيتري ملندي اٿس وغيره.“

ڦندڻ کان پڇيم، ”پوءِ تو ڪهڙو جواب ڏنس؟“

وراڻيائين، ”مون ڪيس هڪ ڪوپ چانهه جو هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو. هن جيستائين ڪوپ خالي ڪيو، مون تيستائين سندس سوالن جو پوسٽ مارٽم ڪري ورتو. هن کي يتيم ۽ لاوارث قسم جي هڪ عدد جاٽي جي ضرورت هئي، جيڪو نه فقط سندس الٽرا ماڊرن ڏيءَ سان شادي ڪري، پر سندس بورچي ٽيڻ جو فرض پڻ انجام ڏئي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن سندس ڪپڙا به ڌوئي.“

”يار اجائي بڪ نه ڪر.“ چيم، ”مون کي ٻڌاءِ ته تو منهنجي باري ۾ ڪهڙا انڪشاف ڪيا؟“

”مون ڪيس ٻڌايو ته توکي چار زالون، ۽ چوويهه ٻار آهن. توکي ٻنا ڇت وارو هڪ گهر آهي ته سهي، پر تون گهر نه ويندو آهين، ۽ فٽ پاٿن تي ڌڪا کائيندو آهين. ٻيو ته تون وياج خورن ۽ منهنجي قرض ۾ مبتلا آهين. جيڪا پگهار ملندي اٿئي، سا ڪينٽين واري، ۽ گدلڪ هوٽل جي مالڪ کي ڏئي ڇڏيندو آهين.“ ڦندڻ چيو ”ليڊي فش منهن جا جواب ٻڌي ڏاڍي متاثر ٿي. چيائين ته سندن مسجد جو ٻانگو مري ويو آهي هو توکي پنهنجي مسجد جو ٻانگو مقرر ڪندا.“

مون کان ڇرڪ نڪري ويو. پڇيم، ”اها حيرت انگيز عورت ڪير هئي؟“

”سياڻي صبح جو يارهين لڳي توسان ملڻ ايندي.“ ڦندڻ چيو ”ليڊي فش توکي هڪ دفعي صدر ۾ به ملي هئي. پنهنجو نالو مسز واءِ واءِ لکي ٻڌايائين..“

مون هڪدم ٻئي ڏينهن لاءِ موڪل جي درخواست لکي ڦندڻ کي ڏئي ڇڏي. ■

1974

# وقت جو انتقام

ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن تان ڪجهه نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گاڏي ۾ اچي چڙهيا. چڙهڻ شرط گاڏو مٿي تي کڻي کڻي ڇڏيائون. ڏيک ويک مان ڪنهن ڪاليج، يا يونيورسٽيءَ جا شاگرد پئي ڏٺا. اسان جي سامهون خالي سيٽ تي اچي ويٺا. پنهنجي ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ حرڪتن مان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪيائون، ته ڪائنات اڳ ڪوبه ماءُ جو جائو شاگرد نه هو ۽ نه هوندو. بس هو شاگرد آهن. ڏسڻ جي شيءِ آهن! سندن گوڙ گهمسان تي گاڏي جي مسافرن ڪنڌ ورائي ڏانهن ڏٺو. هو ٽانءِ ۾ پير جي ويا. هٿن مان نڪتا ٽي ويا.

منهنجي پرسان منهنجو گهر ٽيل دوست فدا حسين ڦودنو ويٺو هو. فدا حسين ٻوڙ نه هاريندو آهي. ٻوڙ ۾ ڪچو ڦودنو وجهي کائيندو آهي. دوستن يڪ راءِ فيصلو ڪيو ته فدا حسين جو نالو ڦودنو رکيو وڃي. بس ! منائي ورهائي، فدا حسين جي نالي سان ڦودني جو اضافو ڪيو ويو. اڄ ڪلهه هر ڪو دوست کيس فدا حسين ڦودنو سڏيندو آهي. فدا حسين جو ذڪر جيئن ته پهريون دفعو ڪيو اٿم، تنهن ڪري سندس هڪڙي ادا جي باري ۾ توهان کي ضرور ٻڌائيندس. فدا حسين ڦودنو جڏهن ملندو آهي، تڏهن روز ملندو آهي. پوءِ اوچتو الوپ، يعني گم ٿي ويندو آهي. هو جڏهن يونيورسٽيءَ جو ايٿليٽڪ چيمپئن هوندو هو. تڏهن مقابلي کان ڪجهه دير اڳ گم ٿي ويندو هو ۽ پوءِ اوچتو عين موقعي تي ڪٿان اچي نازل ٿيندو هو. تنهن ڪري اسين کيس گم ٿيل به سڏيندا هئاسون، ۽ هينئر به سڏيندا آهيون.

فدا حسين ڦودني الٽرا ماڊرن قسم جي شاگردن ڏانهن ڏسندي چيو "هي هر لمحي پاڻ کي سمارٽ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا، اجايو بور ڪندا. هل ته ٻئي ڪنهن گاڏي ۾ هلي ٿا ويهون."

فدا حسين ڦودنو اٿي بيٺو.

مون کيس سَٽ ڏيئي ويهاري ڇڏيو. چيم،" ڦودنا، تو پنهنجي شاگرديءَ واري دور ۾ ماڻهن جو نڪ ۾ دم ڪيو هو. اڄ پٽ ماٺ ڪري ويهه ۽ وقت جو انتقام ڏس. "

ڦودني پڇيو " ڇا جو انتقام؟"

وراڻيم،" ڪو زمانو هو جڏهن تون به پاڻ کان سواءِ ڪنهن کي شاگرد نه سمجهندو هئين ۽ هٿن مان نڪتو ويندو هئين. اڄ تون شاگرد نه رهيو آهين. تنهنجي سامهون شاگرد ويٺا آهن، ماٺ ڪري ويهه. ڪجهه عرصي کان پوءِ هي به شاگرد نه رهندا، هنن جي سامهون ٻيا ڪي شاگرد اچي ويهندا. اهو وقت جو

انتقام آهي.“

شاگرد پاڻ ۾ مرد ۽ عورت جي تخليقي قوتن جي باري ۾ بحث ڇيڙي ويٺا. هڪڙي ڇوڪري، ڇوڪرين ڏانهن ڏسندي چيو ”مرد جي تخليقي ۽ فني ذات جو عورت مقابلو ڪري نہ ٿي سگهي. تاج محل مرد ٺاهيو آهي. مونا ليزا بہ هڪ مرد جي تخليق آهي. شيڪسپيئر مرد هو. ملٽن مرد هو. چارلس ڊڪنس مرد هو. مون کي ڪنهن بہ هڪ عورت جو نالو ٻڌايو جيڪا اهڙي ذات واري هجي.“

ڇوڪريون منجهي پيون. ڇوڪرن پنهنجي ڪاميابيءَ تي ٺهڪ ڏنا.

جنهن ڇوڪري دليل ڏنو هو، تنهن سان ڳالهايم. چيم، ”مون کي ڪجهہ چوڻ جي اجازت آهي؟“

ڪجهہ حيرت مان وراڻيائين، ”ها،ها. ڀلي!“

”تاج محل، ليونارڊ اونشيءَ جي مونا ليزا، ڊڪنس جا ناول، ملٽن جي شاعري ۽ شيڪسپيئر جا ڊراما؛ اها تخليق اوچتو نہ ٿي آهي مرد جي فني تخليق جي پٺيان، پس منظر ۾ ڪا نہ ڪا عورت ضرور هوندي آهي!“ چيم، ”سندس زندگيءَ ۾ آيل پهرين عورت سندس ماءُ هوندي آهي، جنهن جي پٺيان هو جنم وٺندو آهي.“ ■

1974

# اسٽوڊنٽ ليڊر

فدا حسين ڦودنو، اسان جو سنگتي، ڪجهه عرصي کان غائب ٿي ويو هو. پوءِ، هڪڙي ڏينهن هو ظاهر ٿي پيو. اوچتو ئي اوچتو!

هن دفعي فدا حسين ڦودنو ڏاڍي پر اسرار نموني ظاهر ٿيو. هو پنهنجي پراسرار گهر جي پر اسرار پڏر ۾ ويٺو هو ۽ هڪ پر اسرار شخص سان ڳالهائي رهيو هو.

پر اسرار شخص کي مٿي تي ڪاري پڳ هئي ۽ پٽ پڌل هئي. ڪيس مليشيا جو وڏو پهراڻ ۽ ڏهن کن والن جي شلوار پاتل هئي. چٽائي ڏسڻ کان پوءِ خبر پئي ته جنهن ڪپڙي کي مون مليشيا سمجهيو هو سو حقيقت ۾ وولي ٽيٽران هيو ۽ انهن ڏينهن ۾ پنجويهين رپئي وال ملندو هيو.

نوجوان کي پيرن ۾ لانگبوٽ هيو ۽ هٿ ۾ بندوق. آٽوميٽڪ رائيفل! گولين جا ٻه پٽا سيني تي، ۽ چيلهه واري پٽي مان هڪ روالور پڻ لٽڪي رهيو هوس.

مان موتمار شخص کي ڏسي ٻيهي رهيس. فدا حسين چيو" اچ اچ ڊاريو ناهي."

مان ڊڄندو ڊڄندو فدا حسين ۽ پر اسرار شخص جي پرسان وڃي ويٺس. فدا حسين ڦودني منهنجي سڃاڻپ ڪرائيندي پراسرار شخص کي چيو" هي اخبار ۾ نوڪري ڪندو آهي، ڪوڙا ڪالم، ۽ ڪوڙيون ڳالهيون لکندو آهي. "

مون پر اسرا شخص سان هٿ ملايو.

فدا حسين مونکي چيو" تون سائين سان ويهي رهاڻ ڪر، مان تيستائين چانهه جو بندوبست ڪري وٺان."

اڱڻ ۾ ٻه موڙا پيا هئا. مون پر اسرار شخص کي موڙي تي ويهڻ لاءِ چيو. هو ويهي رهيو.

پراسرار شخص آٽوميٽڪ رائيفل هنج ۾ رکي جڏهن ويهي رهيو، تڏهن مون محسوس ڪيو ته بدبخت ڦودنو پراسرار شخص جي باري ۾ ڪجهه ٻڌائڻ کان سواءِ هليو ويو هو. مون دل ئي دل ۾ ڦودني کي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ پوءِ پر اسرار شخص سان ڳالهائڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪيو.

پر اسرار شخص کان پڇيم،" سائين اوهان ڪنهن جهاد تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيا آهيو؟"

هن کهري آواز ۾ چيو" نه."

هبڪندي چيم، ته پوءِ هيءَ آٽوميٽڪ رائيفل ۽، هو پستول.... يعني روالور......"

منهنجو جملو ڪپيندي چيائين،”مان فلاڻو آهيان، ۽ فلاڻي ڪاليج ۾ پڙهندو آهيان. مان ڏاڍو نامور شاگرد آهيان. تو منهنجو نالو ضرور ٻڌو هوندو. “

مون سندس نالو ڪڏهن بہ نہ ٻڌو هو. پر، تنهن هوندي بہ چيم،” برابر، برابر. اوهين ڏاڍا مشهور شاگرد آهيو. مون اوهان کي انٽر ڪاليجيئٽ، ۽ انٽر يونيورسٽي ڊبيٽ يعني مباحثن ۾ ٽرافيون ۽ ڪپ کٽيندي ڏٺو آهي. “

بي سري آواز ۾ چيائين ،” پليو آهين. مان ڊبيٽر ناهيان. “

” تہ پوءِ مون توهان کي راندين جي مقابلي ۾ چيمپئن ٿيندي ڏٺو آهي. “ هڪدم چيم،” ها، ياد آيو. اوهين ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ جي فٽبال ۽ ڪرڪيٽ ٽيمن جا ڪيپٽن بہ آهيو. “

کهري آواز ۾ چيائين،” مان رانديگر بہ ناهيان. “

” اڇا اڇا ! هينئر ياد آيو. “ چيم،” مون ڪاليج مئگزن ۾ اوهان جي شاعري پڙهي آهي. بس سائين، ڪمال آهي. “

چيائين،” مان شاعر ناهيان. “

” ها. بس، بس. “ چيم ” مون اوهان جي آئل پينٽنگز جي نمائش ڏٺي آهي. اوهين آئيندي جا عظيم فنڪار آهيو. “

وراڻيائين،” مان آرٽسٽ ناهيان، ڪوبلا. “

پڇيم ،” تہ پوءِ اوهين ڪير آهيو ۽ مشهور ڇو آهيو؟“

جواب ڏنائين،”مان اسٽوڊنٽ ليڊر آهيان. ماڻهن کي ٽيپ ڪارائي سگهندو آهيان. مان پنهنجي ڪاليج يونين جو صدر آهيان. “

ان وقت فدا حسين ڦودنو ڇانهہ ڪٽي آيو. ■

1974

# ٻڪرءِ ماڻهو جو گوشت

ڦندڻ، اسان جو عامل ڪامل صحافي دوست اوچتو ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ بندر روڊ ڏانهن کلندڙ دريءَ وٽ وڃي ويٺو. ڪجهه دير کان پوءِ دري ڇڏي، پنهنجي ميز وٽ وڃي ويٺو. ڪنهن وڏي ويچار ۾ غرق هو.

چيو مانس، ” گوشت کائڻ ڇڏي ڏي. پوءِ گوشت جي وڌندڙ قيمت تي ڪالم ڪارا نہ ڪندين. “

ڦندڻ چپن تي آڱر رکي مونکي خاموش رهڻ لاءِ اشارو ڪيو.

گوشت جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ قيمت کان متاثر ٿي، هڪڙي ڏينهن ڦندڻ چيو هو” يار، گوشت ايڏو مهانگو ٿي ويو آهي، جو پنهنجو گوشت وڪڻڻ تي دل ٿي پيئي آهي“.

ڦٽ لعنت ڪندي چيو هو مانس،” پنهنجي جسم جو گوشت وڪڻڻ متعلق ٿو سوچين، ڀڪ آدمخور جو بد روح آهين“.

” اهڙي ڳالهہ ناهي ديوانا“. ڦندڻ چيو هو”ماڻهو پئسن تي رت وڪڻندا آهن. هڪڙي ڏينهن گوشت وڪڻڻ جو رواج بہ پئجي ويندو“.

”تنهنجو گوشت صحت مند ناهي“ ڦندڻ کي پٽائڻ لاءِ چيو هوم،”تنهنجي گوشت کي ميونسپالٽيءَ وارا وڪڻڻ لائق نہ سمجهي، هر گز نيو نہ هڻندا.“

”پئسي ۾ وڏي ڪرامت آهي، ديوانا.“ ڦندڻ چيو هو” قاصائي گڏهہ جي گوشت کي ڳئونءَ جو ۽ ڪتن جي گوشت کي ٻڪريءَ جي گوشت جو نيو هڻائي وڪڻي ڇڏيندا آهن!“

پوءِ، ان ڏينهن ڦندڻ کي ويچار ۾ غلطان ڏٺم، تہ سوچيم، شايد پنهنجو گوشت وڪڻڻ لاءِ دل من هڻي رهيو آهي.

پڇيو مانس ” اڙي ڦندڻ، پنهنجي ران جو گوشت وڪڻڻ جي چڪر ۾ آهين ڇا؟ “

” هش“ . هن چپن تي آڱر رکي مونکي خاموش رهڻ لاءِ اشارو ڪيو.

” ڪمال آهي! “ چيم ،” ڀڪ شادي ڪرڻ جو منصوبو پيو رٿين. “

”جنهن ڏينهن رحمت جا دروازا بند ٿيندا، ان ڏينهن شادي ڪندس.“ ڦندڻ چيو،”مونکي ڊسٽرب نہ ڪر. مان وڏي ويچار ۾ آهيان.“

پڇيو مانس،” ڇا جي ويچار ۾؟ “

وراڻيائين،” مان پنهنجي صفحي لاءِ نهايت ڇرڪائيندڙ خبر جي سرخي سوچي رهيو آهيان.“

هڪدم چيم،” ترڪيءَ واري هوائي حادثي ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي معجزانه طور بچي وڃڻ جي خبر ڏيئي ڇڏ.“

”اون هون.“

” ته پوءِ هيءَ سرخي ڏيئي ڇڏ. هٽلر جيئرو آهي.“

” نه.“

”يلا هيءَ، سياڻي ٿين لڳي ٽين عالمگير جنگ شروع ٿيندي. “

” بلڪل واهيات.“

”هيءَ ٻڌ ـ هڪڙي عالم چوندن ۾ بهرو ونڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي.“

” غلط “

” هڪ ماڻهو ريل گاڏي چورائي ڀڄي ويو؟“

” نه، يار نه.“ ڦندڙ چيو،” ماٺ ڪر. تون creative ناهين. مونکي سوچڻ ڏي. “

ڪجهه دير تائين هو سوچيندو رهيو. پوءِ هڪدم اُڇل ڪاڏائين. چيائين،” ملي ويئي سرخي ـ ٻڪرن جو ماڻهن خلاف اقوام متحده وٽ احتجاج. ٻڪرن ڪي پنهنجي گوشت جي قيمت پاڻ مقرر ڪرڻ جو بنيادي حق ڏنو وڃي. ٻڪرن جي ليڊر جو مطالبو. ڪيئن آهي سرخي؟“ ■

1974

# ڦودني جو سوال

مون اوهان کي اڳواٽ ئي ٻڌائي ڇڏيو آهي، ته اسان جو پراسرار دوست فدا حسين ڦودنو ڳالهائڻ ۾ فلسفو فلسفي ۾ منطق، ۽ منطق ۾ ابجد استعمال ڪندو آهي.

هڪڙي ڏينهن پڇيائين، ”اُها ڪهڙي شيءِ آهي، جيڪا دولت سان به حاصل ڪري نٿي سگهجي.“

سموري سنگت يڪراءِ جواب ڏنس، ”ڪابه نه.“

”ڪجهه دير تائين سوچيو پوءِ جواب ڏيو.“فدا حسين چيو ”هڪ شي اهڙي آهي، جنهن کي دنيا جو ڪوبه دولتمند پيسي جي زور تي حاصل ڪري نه ٿو سگهي. ٻڌايو ته اها شيءِ ڪهڙي آهي.“

اسين سڀ سوچ ۾ پئجي وياسين.

ڦندڻ مون کي ڪن ۾ چيو ”مان سمجهان ٿو دولت جي زور تي دل وٺي نه ٿي سگهجي.“

ڪيس سڻ‌ٻاٽن ۾ جواب ڏنم، ”اُهو زمانو گذري ويو. اڄ ڪلهه ڪنهن به ليليٰ کي دولت جي اُٺ تي ويهاري مسڪين مجنونءَ کان ڌار ڪري سگهجي ٿو.“

”سڻ‌ٻاٽ بند ڪريو.“ فدا حسين ڦودني چيو ”هٽلر جي شڪست جو سڀ کان وڏو سبب اهو ئي هو. جو هو روميل سان سڻ‌ٻاٽن ۾ ڳالهائيندو هو.“

ڏٽي بخش ڏني چيو، ”دولت سان جنت جا دروازا کولي نه ٿا سگهجن.“

”درن ۽ دروازن جي ڳالهه نه ڪر، ڏنا“ ڦودني چيو”هتي ڪوبه واڍو موجود ناهي. پنهنجي جواب جي وضاحت ڪر.“

ڏني وضاحت ڪندي چيو، ”منهنجو مطلب آهي، ته دولت جي آڌار تي ماڻهو جنت ۾ جاءِ حاصل ڪري نٿو سگهي.“

”پليو آهين، ڏٽي بخش ڏنا.“ فدا حسين چيو ”به چار حج ڪرڻ کان پوءِ، ۽ هڪ اڌ يتيم خانو، فلاحي ادارو، خيراتي اسپتال، ۽ هڪ عدد مسجد ٺاهرائڻ کان پوءِ جنت جو الاٽمينٽ ملي ويندو آهي.“

ڏنو مٺو جهلي ويهي رهيو. فقط ايترو چيائين، ”تنهنجي باري ۾ عالمن ڪفر جي جيڪا فتوا ڏني آهي، سا درست آهي.“

”نهيو نهيو جزا ۽ سزا جا ٺيڪيدارا!“ ڦودني چيو ”مون کي ان شيءِ جو نالو ٻڌايو جنهن کي دولت سان به حاصل ڪري نه ٿو سگهجي.“

گهڻي سوچ ويچار ۽ مغز مارڻ کان پوءِ آڻ ميجين سين. هٿيار ڦٽا ڪياسين. ڦودني جي منطق ۽ ابجد آڏو پيش پياسين.

فدا حسين چيو "آئيس ڪريم کارايو ته صحيح جواب ٻڌايانوَ."

کيس آئيس ڪريم کارائڻ جو واعدو ڪيوسين.

فدا حسين ڦودني چيو "دنيا جو ڪوبه دولتمند گنجو پيسي جي زور سان پنهنجي گنجي ٽڪڻ تي وار پيدا ڪري نٿو سگهي." ● ■

1974

● هن ڪهاڻي 1972ـ75 واري دؤر ۾ مٿي تي وار هٽائڻ ممڪن نه هو. اجڪلهه گرين گنجن مٿي تي وارن جو فصل پوکائي ڇڏيو آهي.

# غريب جو هڏ ڏوکي

لاڳيتو ٽن ڪلاڪن تائين پنهنجا سياسي ۽ سماجي ڪارناما ٻڌائڻ کان پوءِ چيائين،" يار ڳالهه ٻڌ. مان اصل ۾ بلڪل وڏي ڳالهه آهيان. پنهنجي ضلعي ۾ چوٽيءَ جو وڏيرو آهيان. مون ايندڙ چونڊن ۾ بيهڻ جو پڪو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. "

چيم،" اها ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ مون بيحد خوشي محسوس ڪئي آهي."

چيائين،" مون ٻڌو آهي، تہ تون گدو بندر هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو آهين. مان بہ گدو بندر هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو آهيان. هڪ هم اسڪولي جي حيثيت ۾ توکي منهنجي مدد ڪرڻي پوندي. "

چيم،" يقين ڪر، مان تنهنجي مقابلي ۾ چونڊ نہ لڙندس. "

" مونکي خبر آهي، تہ تو جهڙا ماڻهو فقط ووٽ ڏيندا آهن، چونڊ ۾ بيهڻ جو خواب بہ ڏسي نہ سگهندا آهن." هن چيو." مان ٻئي قسم جي مدد چاهيان ٿو."

پڇيم ." ڪهڙي قسم جي مدد؟ "

وراڻيائين،" مان وڏن وڏن ليڊرن جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ چاهيان ٿو تہ جيئن، ڪنهن طاقتور پارٽيءَ طرفان چونڊ لڙڻ لاءِ ٽڪيٽ ملي پويم."

ڪلڻ جي ڪوشش ڪندي چيم."يار، ليڊر تہ وڏي ڳالهه آهن، پر يقين ڪر، ڪنهن ليڊر جي بورچيءَ سان بہ منهن جي واقفيت ناهي. "

" نہ نہ ، اها ڳالهه ناهي . " هن چيو" تو منهنجو مقصد سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي آهي. "

"مون هميشه غلطيون ڪيون آهن" چيم،" مان اصل کان سمجهہ ۾ ڪجهہ جڏو آهيان."

چيائين،" ٻين اخبارن سڄي صفحي تي منهنجي متعلق خبرون، تصويرون ڏنيون آهن. پر توهان جي اخبار مون کي بلڪل نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي. "

"ان باري ۾ مان پنهنجي اخبار جي مينيجر سان ڳالهائيندس. " چيم،" اسين بہ اشتهار لاءِ سڄو سڄو صفحو ڏيندا آهيون. تولاءِ زبردست رعايت ڪرائيندس . "

" آهستي ڳالهاءِ." هن منهنجي وات تي هٿ رکي ڇڏيو. چيائين "اشتهار جي ڳالهه آئوٽ ٿيڻ نہ گهرجي. "

وات تان سندس ٿلهو هٿ هٽائيندي چيم، "يقين ڪر، اها ڳالهه راز ۾ رهندي جيئن تہ تون گدو بندر

هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو آهين. تنهن ڪري مان پنهنجي عامل ڪامل صحافي دوست ڦندڻ کي عرض ڪندس تہ تنهنجي متعلق اشتهار کي پنهنجي نالي ۾ لکيل مضمون ڪري هلائي. ”

” بلڪل ٺيڪ. مان تنهنجي عامل ڪامل صحافي دوست کي خوش ڪري ڇڏيندس. “ چيائين.” مون سماجي ڀلائيءَ جا جيڪي ڪم ڪيا آهن، انهن جي فهرست آندي اٿم. ان جو ذڪر ضرور اچڻ گهرجي. “

چيم،” هڪ قول آهي، تہ نيڪيءَ جو ڪم اهڙي نموني ڪجي جو ساڄي هٿ جي کاٻي هٿ کي خبر نہ پوي.“

” اهو دور گذري ويو. “ هن چيو” اڄڪلهہ نيڪيءَ ۽ خير جو ڪم ڪجي، ۽ ان ڪم جي خوب پبلسٽي ڪجي. “

هن مونکي پنهنجن سماجي ڀلائي وارن ڪمن جي فهرست ڏني ، جنهن ۾ وڏن ڏينهن تي ٻارن ۾ ڪيلا ۽ ڪٽمنڙا وراهڻ کان وٺي، مصيبت وارن ڏينهن ۾ هوائي جهاز مان پيرا شوٽ رستي ٽپو ڏيئي ماڻهن ۾ پڳڙا وراهڻ وارن سمورن ڪارنامن جو تفصيل سان ذڪر ڪيل هو. ان کان پوءِ ، فهرست ۾ جن سماجي ڪمن جو ذڪر هيو سي شير شاهہ جي سڏارن سان ملندڙ جلندڙ هئا. مثال طور، کوهہ کوٽائڻ، وڻ پوکائڻ،مسجدون ۽ يتيم خانا ٺاهرائڻ وغيره .

ان کان پوءِ ڪجهہ تصويرون ڏيندي چيائين،” هي منهنجون ناياب تصويرون آهن. هن تصوير ۾ مان هانو لولو جي مشڪري لولوهانو سان مڇيون ماري رهيو آهيان. هن تصوير ۾ مان ٽينگونيڪا ۾ ناريل جي وڻ هيٺان بيٺو آهيان. ۽ ناريل ڪرڻ جو انتظار ڪري رهيو آهيان. هن تصوير ۾ مان مومباسا ۾ ڪبوتر ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان ۽ هن تصوير ۾ مان باربيڊاس ۾ سيهڙن جو شڪار ڪري رهيو آهيان. “

مان سندس تصويرون ڏسي متاثر ٿيس. مان اڃا متاثر ٿي رهيو هوس جو هن چيو” مضمون ۾ غريبن لاءِ منهنجي همدرديءَ جو ذڪر ضرور اچڻ گهرجي. منهنجيءَ دل ۾ غريبن لاءِ الله سائين درد ڀري ڇڏيو آهي. مان الله سائينءَ کان دعا گهرندو آهيان، تہ مولا، دنيا ۾ غريبن جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌندو رهي، جيئن منهنجي ءَ دل ۾ درد جاري رهي. “

چيم،”مان ڦندڻ کي چوندس تہ غريبن جي سلسلي ۾ توکي جيڪي دل جا دورا پيا آهن. انهن جو بہ ذڪر ڪري. “

”هاٿي راز جي ڳالهہ ٻڌ.“ هن چيو”تون جيئن تہ گدو بندر هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو آهين. تنهن ڪري

اهو راز ٻڌيانءِ ٿو.“

” خدا تي ڀروسو ڪري پنهنجو راز مونکي ڏيئي ڇڏ. “ چيم، ”يار تون به ته گدو بندر هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو آهين. “

چيائين ،”مضمون ۾ ڪٿي به اهو ذڪر اچڻ نه گهرجي، ته مان هر دور ۾ هر ڪنهن حڪومت جو ٻانهن ٻيلي ۽ مداح رهيو آهيان. اها ڳالهه هرگز اچڻ نه گهرجي ۽ خاص طرح سان خيال رکيو وڃي، ته ڪٿي به اها خبر مضمون ۾ نه اچڻ گهرجي ته ايوب خان ۽ يحييٰ خان سان منهنجا ذاتي تعلقات هئا، ۽ مان آخر تائين فوجي حڪومت جو گهٽگهرو هيس. خيال ڪجانءِ يار. متان پنهنجي عامل ڪامل صحافي دوست ڦندڻ هٿان مونکي مارائي وجهين. “

ڪيس دلداري ڏيندي چيم،” تون جيئن ته گدو بندر هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو آهين، تنهنڪري توکي مون منجهان ڪنهن به قسم جو ڊپ ڪرڻ نه گهرجي. ها،اِها ٻئي ڳالهه آهي، ته منهنجي سمجهه ڪجهه جڏي آهي.“ ■

1974

# قلم جو جديد استعمال

اسان جو سنگتي، ڏٽي بخش ڏنو نہ فقط پنهنجي بيحد بندري ۽ بيحد ٺلهي زال کان ڊڄندو آهي، پر ڳالهائڻ ۾ فلسفو فلسفي ۾ منطق، منطق ۾ ابجد، ۽ ابجد ۾ آلجبرا استعمال ڪندو آهي.

هڪڙي ڏينهن سموري سنگت کان پڇيائين، ”قلم جو جديد استعمال ڪهڙو آهي؟ “

ڪنهن جواب ڏنس،” ٽيپ ڏيڻ .“

” ٽيپ هميشه قلم سان ڏبي آهي. اهو ڪو جديد استعمال ناهي. “ ڏني چيو” مون کي قلم جو جديد استعمال ٻڌايو. “

هڪ دوست وراڻيو”پريم پتر، يعني جيڪي Love Letters مجنونءَ ليليٰ کي لکيا هئا، سي سمورا قلم سان لکيا هئا. اها ٻي ڳالهہ آهي، تہ انهن ڏينهن ۾ پارڪر ۽ شيفرس قسم جا قلم ايجاد نہ ٿيا هئا، تنهن ڪري مجنون ڪاٺي جي ڪلڪ سان پريم پتر لکندو هو. “

ڪنهن چيو” قلم سان قصيدو لکي سگهجي ٿو. “

”اهو دستور صدين کان هلندو اچي. قلم جو بلڪل جديد استعمال ٻڌايو.“

”ڪنهن جو رڪارڊ خراب ڪرڻ. “

”اهو بہ ڪو جديد استعمال ناهي.“ ڏني چيو” قلم جو جديد استعمال ٻڌايو.“

” قلم سان لکين رپين جي ڏيتي ڪري سگهجي ٿي. “

” اهو ڪو جديد استعمال ناهي. “

” ماحول ۾ زهر پکيڙڻ. “

” پراڻي ڳالهہ آهي. “

” بليڪ ميل ڪرڻ .“

” بلڪل قديم.“ ڏني چيو”قلم جو بلڪل جديد استعمال ٻڌايو.“

سيئي منجهي پياسين . پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪيوسين. ڏني جي سوال جو صحيح جواب ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي سين.

ڏني پڇيو، ”صحيح جواب لاءِ Hint ڏيانو؟“

چيوسين ،” ها“

ڏني چيو” قلم جي جديد استعمال جو لکڻ سان ڪو بہ تعلق ناهي.“

” مطلب تہ لکڻ کان سواءِ قلم ٻئي ڪهڙي ڪم اچي سگهي ٿو. ائين نہ؟ “ فدا حسين پڇيو.

” ها“ ڏني وراڻيو.

ڦندڻ چيو” قلم اک ۾ ٽنبي، ڪنهن کي ڪاڻو ڪري سگهجي ٿو. “

” ڪجهہ ڪجهہ ٺيڪ آهي، پر بلڪل صحيح جواب ناهي. “

” قلم سان ڀني کنهي سگهجي ٿي. “

” مڙيئي ڇڳيرڙو جواب آهي پر صحيح ناهي. “

” قلم سان ڪن مان مر ڪڍي سگهجي ٿي. “

” ٺيڪ آهي صحيح جواب ناهي.“ ڏني چيو” مونکي بلڪل صحيح جواب گهرجي. قلم جو جديد استعمال ڪهڙو آهي. “

اسان کي صحيح جواب سجهي نہ آيو. هٿيار ڦٽا ڪياسين. آڻ مڃي سين. ڏني کي عرض ڪيوسين، تہ قلم جو جديد استعمال ٻڌائي اسان جي علم ۾ اضافو ڪري.

ڏني اسان کي قلم جو جديد استعمال ٻڌايو. چيائين،” قلم کي اڳٺ ڪاٽڙي، يعني اڳٺ وجهڻيءَ طور استعمال ڪري سگهجي ٿو. “ ■

1974

# ڪلا ڪير هئي؟

مان سمجهان ٿو مونکي خاموش ويهندي، ڪي پهر گذري ويا هئا، جو ڦندڻ پڇيو"سون ٺاهڻ جي ترڪيب پيو سوچين ڇا؟"

مون ڪنڌ ورائي ڏانهس ڏٺو. ڪيس جواب نہ ڏنم.

" گهٽي سوچڻ سان ننڊ ڦٽي پوندي آهي." ڦندڻ چيو" ياد رک، تہ جنرل ڪان پوءِ، ويليم ۽ لبريم جون گوريون چاليهين رپئي شيشيءَ جي حساب سان وڪامي رهيون آهن."

مان خاموش رهيس.

ڦندڻ پڇيو" ڇا پيو سوچين؟"

وراڻيم،" مان پريشان آهيان."

" ڪا نئين ڳالهہ ناهي". ڦندڻ چيو"تون سدائين پريشان رهندو آهين".

چيم ،" مان تنهنجي فرمائش تي لکي نہ سگهندس". هو ڪليو. پڇيائين،" دل جو معاملو تہ ناهي".

وراڻيم،" مان اها عمر پوئٽي ڇڏي آيو آهيان".

" مان عشق جي ڳالهہ نٿو ڪريان." هن ٺهڪ ڏيندي چيو "مان هارٽ ٽربل جي ڳالهہ پيو ڪريان. دل جو دورو!"

" تون اجايو اڇي صحافي ٿيو آهين، سو بہ عامل ۽ ڪامل . " چيم، "توکي تہ ڪنهن سر ڪس جو مشڪرو ٿيڻ گهرجي ها. "

" جنهن سرڪس ۾ تون فلاسافر ڏاند جو ڪردار خوبيءَ سان ڪري ڏيکاريندين، تنهن سرڪس ۾مان مشڪري جو رول ڪندس." ڦندڻ چيو "اِهو منهنجو توسان عهد نامو آهي. "

مان پنهنجي ميز وٽان اُٿي، اوپر واري دريءَ وٽ وڃي بيٺس.

ان وقت رات جا ساڍا ٻارهن ٿي رهيا هئا. جناح روڊ ٽريفڪ کان آجو ٿيندو پئي ويو. لائيٽ هائوس سينيما جو پويون شو ختم ٿي ويو هو ۽ ان پاسي سنسان ٿي ويو هو.

ڦندڻ آخري خبر ٺاهي رهيو هو.

هو ٽيبل وٽان اٿي منهنجي پاسي ۾ اچي بيٺو منهنجي ڪلهي تي هٿ رکندي چيائين،" مون وٽ

چار رپيا آهن. انهن مان اڄ رات عياشي ڪنداسين. يعني چانهه پيئنداسين“

” ڪلا ڪير آهي، ڦندڙ ؟“ مون منهن ورائي ڦندڙ ڏانهن ڏسندي پڇيو،” ڪلا ڪير آهي ؟“

مونکي ايتري خبر آهي، ته منهنجيءَ ماسيءَ جو نالو ڪلا ناهي“. ڦندڙ چيو ،” پر تون جيڪڏهن ڪالهه واري ديواني جي ڪلا جو ذڪر ڪري رهيو آهين، ته پوءِ عنقريب تنهنجي پنهنجي ديوانگيءَ جي خبر اخبار ۾ شايع ٿي ويندي. “

دل چاهيو ته ڦندڙ کي ٻڌائي ڇڏيان، ته مان گذريل دفعي جڏهن اروڙ ويو هوس، تڏهن ڏاڙهوءَ جي وڻ وٽ ويهي رهيو هوس. ان وڻ ۾ گل ٽيندا آهن. اتي مونکي ڪلا جي ويراڳ جو احساس ٿيو هو.

پر، مون ڦندڙ کي ڪجهه نه ٻڌايو. • ■

1974

• 2012 ۾ مون بنهه ياد نه ٿو اچي ته ڪلا ڪير هئي؟ ڪير ڪلا لاءِ ديوانو ٿي پيو هو؟ مون ڪهڙي ڪيلا جي ويراڳ جو ذڪر ڪيو آهي؟ اسان سڀني جي زندگيءَ ۾ هڪ ڪلا هوندي آهي جيڪا وڇڙي وڃڻ کان پوءِ مختلف نالن ۽ حوالن سان سامهون ايندي آهي.

# قلمي ڪتاب مان گم ٿيل باب

مون گھڻو اڳ، هڪ دفعي اوهان کي ٻڌايو هو تہ اسان جي پياري دوست فدا حسين ڦودني وٽ هڪ قديم قلمي ڪتاب آهي، جنهن ۾ طرحين جا راز ۽ رمزون، نسخا ۽ فامولا لکيل آهن. اهو قديم قلمي ڪتاب فدا حسين ڦودني جي گھر ۾ حفاظت هيٺ هٿيڪو رکيل آهي. اهو ڪتاب هڪ پيٽيءَ ۾ پختو آهي، ۽ اها پيٽي ٽين جي هڪ تمام وڏي ٽرنڪ ۾ رکيل آهي. ٽرنڪ تي فدا حسين جي گھر جون پڳل ڪرسيون ۽ منجيون ڍهہ ڪيل آهن. حفاظت جو انتظام جيڪڏهن ان حد تائين هجي ها، تہ اسين جيڪر قلمي ڪتاب گھڻو اڳ فدا حسين جي مدد سان سمگل ڪرائي پڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيون ها! پر، ڪتاب لاءِ حفاظتي انتظام تمام سخت ڪيل آهن. ٽين جي ٽرنڪ سان لڳو لڳ کٽ تي فدا حسين ڦودني جي خونخوار زال سمهندي آهي، ۽ ڪتاب تي پهرو ڏيندي آهي.

فدا حسين ڦودني جي زال کي يقين آهي، تہ ان قلمي ڪتاب ۾ نہ فقط مٽيءَ مان سون ٺاهڻ جي ترڪيب لکيل آهي، پر، مڙس کي مڇو ڪرڻ جو راز پڻ ٻڌايل آهي! هوءَ پڙهيل ناهي، پر اڄڪلهہ پڙهڻ جي تيارين ۾ آهي. هوءَ اهو ڪتاب پنهنجي ساءِ پڙهڻ، ۽ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ پنجن سالن وارو منصوبو رٿي چڪي آهي، ۽ ان تي سختيءَ سان عمل ڪري رهي آهي.

هينئر ڳالهہ ٻڌو تہ ڪيئن ۽ ڪهڙي نموني اهو ناياب قلمي ڪتاب سمگل ٿي، ڪجهہ دير لاءِ اسان دوستن تائين پهتو ۽ اهڙي طرح اسان کي قديم ڪتاب مان فيضياب ٿيڻ جو موقعو مليو.

هڪڙي ڏينهن فدا حسين جي خونخوار زال پنهنجي پيڪي ويئي. فدا حسين رٿيل پروگرام موجب، ٽرنڪ تان پڳل ڪرسيون ۽ منجيون لاٿيون، ۽ ٽرنڪ جو ڍڪ کولي، پيٽيءَ مان قلمي ڪتاب ڪڍي ورتو. ان ڊپ کان تہ، ڪٿي چوري پڪڙ جي نہ پوي، اسان ڦودني کي صلاح ڏني هئي، تہ قديم قلمي ڪتاب پيٽيءَ مان سمگل ڪرڻ کان پوءِ، ان جي جاءِ تي ڏٽي بخش ڏني جي اسڪول واري دور جي آلجبرا ۽ جاميٽريءَ جي ڪاپي پيٽيءَ ۾ رکي ڇڏي. ڦودني اها صلاح پسند ڪئي. اسان سڀني کي خبر آهي، تہ ڦودني جي گھر واري علم ۽ ادب ۾ اسان جي چونڊيل ڪجهہ نمائندن جهڙي اڪابر آهي. هوءَ آلجبرا ۽ جاميٽري جي ڪاپيءَ ۽ قلمي ڪتاب ۾ ڪو فرق محسوس ڪري نہ سگھندي.

متان اهو سمجهو تہ فدا حسين ڦودنو ڪو ڀالو ڀولو آهي، ۽ اسان جي ڀنيلائڻ تي پنهنجو ڪتاب گھر مان سمگل ڪري اسان تائين پهچائڻ تي راضي ٿيو هو! هر گز نہ، سائين! ڦودنو وڏو پلستر آهي. هن

پنهنجي ذاتي مقصد ۽ غرض سبب ڪتاب ڪجهه دير لاءِ سمگل ڪرڻ جي حامي پري هئي.

فدا حسين ارادو ڪيو هو ته ڪتاب سمگل ڪرڻ ڪانپوءِ هو سڀ کان اڳ ڪتاب مان اهو باب ڦاڙي ڇڏيندو جنهن جو عنوان هيو.” مڙس کي مجو ڪري هلائڻ جا راز ۽ آزمايل نسخا“ . هن نٿي چاهيو ته سندس خونخوار زال ڪيس مجو ڪرڻ جو راز هٿ ڪري.

فدا حسين ڊوڙندو، سهڪندو ڪتاب کڻي آيو.

اسان سڀني کي اهو ڏسي حيرت، ۽ ڦودني کي مايوسي ٿي، ته ڪتاب مان مڙس کي مجو ڪرڻ وارو باب اڳواٽ چورايل هو. ■

1974

# هر دلعزيز ٿيڻ جو نسخو

گذريل ڪالم ۾ مون اوهان کي ٻڌايو هو ته ڪهڙي نموني فدا حسين ڦودنو پنهنجو قلمي ڪتاب سمگل ڪري اسان تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو ۽ پوءِ ڪتاب مان مڙس ڪي مجو ڪرڻ وارو باب غائب ڏسي ڪيئن مايوس ٿيو هو.

بهرحال، اسين دوست قديم قلمي ڪتاب ڏسي خوش ٿياسين. اڄڪلهه پشاور يونيورسٽيءَ وارا سنڌ جي قلمي ڪتابن جي ڪڍ آهن. اسان جا بزرگ ڳوٺين ۾ قلمي ۽ ناياب ڪتاب وجهي، تور تي پشاور يونيورسٽيءَ کي وڪڻي ڇڏيندا آهن. فدا حسين جي هٿ ۾ قلمي ڪتاب ڏٺوسين، ته خوش ٿياسين.

پروگرام موجب فدا حسين ڦودني جي زال ڇهن ڪلاڪن لاءِ پنهنجي پيڪي ويئي هئي. ان حساب مطابق، قديم قلمي ڪتاب مان فيضياب ٿيڻ لاءِ اسان کي ساڍن پنجن ڪلاڪن جي مهلت مليل هئي.

سمورو ڪتاب راز، رمزن ۽ نسخن سان ڀريل هيو. مثال طور، خون ڪرڻ کان پوءِ قانون کي گوهي ڪيئن ڏجي، رشوت وٺجي، ۽ ايماندار ڪيئن سڏائجي، جاهل هئڻ جي باوجود عوام جي نمائندگي ڪيئن ڪجي، ۽ چونڊبن ۾ ڪامياب ڪيئن ٿجي، وغيره.

ڪتاب جيئن ته بيحد ڪار آمد آهي، پر گڏوگڏ اڻ لڀ به آهي، تنهن ڪري اهڙي ڪتاب مان فيضياب ٿيڻ جو موقعو اوهان کي هر گز نه ملندو. تنهنڪري، عام ڀلائيءَ جي خيال کان، مون جيڪي ڪجهه ان ڪتاب ۾ پڙهيو آهي، هنن ڪالمن ۾ ان باري ۾ لکندس.

اڄ هر دلعزيز ٿيڻ جي باري ۾ ڳالهائبو. (هر دلعزيز جي عبدالعزيز سان ڪابه مائٽي ڪونهي) هر دلعزيز ٿيڻ لاءِ اوهان کي پامسٽري، يعني هٿ جي ليڪن سڃاڻڻ جي ساڃهه پاڻ ۾ پيدا ڪرڻي پوندي. گهبرائڻ جي ڳالهه ناهي. دوست شناسيءَ جو علم ڪنهن به لوڪ شناس کان حاصل ڪري سگهجي ٿو. لوڪ شناس هٿ نه چڙهي ته ڪنهن فلڪ شناس جي ڳولا ڪجي. هو به جيڪڏهن ڪٿي ملي نه سگهي، ته پوءِ پامسٽريءَ جو ڪو ڪتاب خريد ڪجي ، يا لائبريريءَ مان چورائجي.

هٿ ڏيکارڻ ، ۽ قسمت جو حال معلوم ڪرڻ، هر ڪنهن جي ڪمزوري آهي. اوهان بين جي ان ڪمزوريءَ مان باقاعدي فائدو حاصل ڪري سگهو ٿا. ريل گاڏي ءَ ۾ سفر ڪندي جيڪڏهن اوهان کي ويهڻ جي جاءِ ملي، ته ماڻهن جا هٿ ڏسي، اوهين ويهڻ جي جاءِ حاصل ڪري سگهو ٿا . اهڙي طرح ويهڻ

جي جاءِ بدران سمهڻ لاءِ سيٽ هٿ ڪري سگهو ٿا. سموري گاڏيءَ جا ماڻهو اوهان ڪي عزت جي نگاهه سان ڏسندا، ۽ پنهنجا پنهنجا هٿ اڳتي ڪري اوهان. ڪي ڏيڪارڻ لاءِ منتظر نظر ايندا.

آفيسر، ڪامورا، واپاري، ۽ وڏيرا بہ هٿ ڏيڪارڻ ۽ قسمت جو حال معلوم ڪرڻ جي چڪر ۾ رهندا آهن. اوهان سولائيءَ سان سندن خوشنودي حاصل ڪري سگهو ٿا. سندن هٿ ڏسندا وڃو ۽ ڪين چمڪندڙ ۽ ڪامياب مستقبل جي باري ۾ خوشخبري ٻڌائيندا وڃو. ان قسم جا ماڻهو جڏهن راضي ٿيندا آهن، تڏهن توهان کي ڪنهن بينڪ جو مئنيجر، ڪٿي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر، ڪٿي ليگل ائڊوائزر وغيره ڪرائي ڇڏيندا آهن. هو اوهان کي خاص ۽ خانگي دعوتن تي بہ گهرائيندا آهن، جتي سندن بيگمون اوهان کي پنهنجا هٿ ڏيکاريندون آهن. تنهن ڪري، اوهين جيڪڏهن هر دلعزيز ٿيڻ چاهيو ٿا، تہ پوءِ علم ادب جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏيو ۽ هٿ جون ليڪون جاچڻ شروع ڪيو. ماڻهو اوهان کي مٿي تي ويهاريندا. ■

1974

# ڏرتيءَ جو درد

ڏنو ڪمري جي پرئينءَ ڪنڊ ۾ ويٺو هو. ظاهري طرح تہ هو ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هو پر اندر ۾ اُجهامي رهيو هو. هو منهنجو دوست آهي، منهنجو سنگتي آهي، منهنجو ساٿي آهي. هو منهنجو درد سمجهي سگهندو آهي. مان هن جو درد سمجهي سگهندو آهيان. اسان ٻنهي ۾ درد جو رشتو آهي.

مون ڏني کي چيو” ڏنا، توکي گهٽ ۾ گهٽ ٿوري دير لاءِ ضرور ڪلڻ گهرجي. “

ڏني ڪتاب مان نظرون هٽائي مون ڏانهن ڏٺو. جواب نہ ڏنائين. مون ڏانهن ڏسي، نظرون ٻيهر ڪتاب تي ڄمائي ڇڏيائين. مون سندس اکين ۾ اندر جي اوساٽ ڏسي ورتي.

مون اوهان کي ڏني جون فقط ڳالهيون ٻڌايون آهن. مون اوهان کي ڏني متعلق ڪجهہ نہ ٻڌايو آهي. اڄ مان اوهان کي ڏني جون ڳالهيون نہ ٻڌائيندس. مان اوهان کي ڏني متعلق ڪجهہ ٻڌائيندس.

ڏنو سوشيالاجيءَ ۾ ايم اي آهي. ڪنهن هلندي پڄنديءَ واري جو ماڻهو ناهي. هو الله سائينءَ جو ماڻهو آهي. تنهنڪري هميشه آزمائش ۾ رهندو آهي. پرائمري ماستر آهي. چوندو آهي،” ٻار آئينده جي امانت آهن. مان سندن مستقبل روشن ڪندس“.

ٻارن جو مستقبل روشن ڪندي ڪندي، ڏني جو مستقبل اونداهو ٿي ويو آهي، هو جيئندو آهي ٻين لاءِ. پنهنجي لاءِ هن اياڳ جي ٿالهہ مان وڏو حصو ڪٽي ورتو آهي.

ڏني جي پيٽ کي سرطان آهي. ڪينسر جون پاڙون سندس نڙيءَ ۾ پختيون ٿي ويون آهن. ڏنو ٽن ويلن بدران هڪ ويلو ماني کائيندو آهي، ۽ ڪنهن معمولي ڊاڪٽر کان پيٽ جو علاج ڪرائيندو آهي. ڪينسر جي ماهر ڊاڪٽرن سان ڳالهائڻ لاءِ ڏني وٽ پيسا ناهن. ڪيس خبر آهي، تہ ڪنسلٽنگ فزيشين ۽ سرجن سان مشورو ڪرڻ لاءِ هو سموري زندگيءَ ۾ ٽڪو بہ ميڙي نہ سگهندو. پاڙيسرين جو خيال آهي، تہ ڏني جي پيٽ عنقريب مري ويندي.

مون ڏني کان پڇيو” ڏرتي ڪيئن آهي؟ “

” جيئن هئي، تيئن آهي. “ ڏني جواب ڏنو.

ڏني جي پيٽ جو نالو تہ اهو ئي آهي، جيڪو مائٽن مٿس رکيو هو پر ڏنو ڪيس سڏيندو آهي، ڏرتي !

ڏني جو فلسفو منهنجي سمجهہ ۾ نہ آيو آهي، ڏني جي پيٽ بيمار آهي. ڪيس نڙيءَ جي ڪينسر آهي. هوءَ تڪليف ۾ آهي. لڇندي آهي. ڦٿڪندي آهي. عذاب ۾ ڇيڇلائيندي آهي. ڏني مٿس نالو رکيو آهي ـ ڏرتي! ■

1974

# سيني ڪان وفادار جانور

فدا حسين ڦودنو ڪالهہ رات ساڍي نوين لڳي اسان سان ملڻ آيو. اسين ڪيس ڏسي حيران ٿياسين. اچرج وچان آڱريون ڏندن هيٺان وجهي ڇڏيو نسين، ۽ زخمي ڪري وڌيونسين.

متان اِهو سمجهو تہ فدا حسين ڦودنو اوندهہ کان ڊڄندو آهي، تنهن ڪري رات جو گهر کان ٻاهر نہ نڪرندو آهي! ائين ناهي. فدا حسين پنهنجي ٿلهي ۽ بندري زال کان سواءِ دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ جانور ۽ آفت کان نہ ڊڄندو آهي. تنهنڪري، رات جي ساڍي نوين لڳي جڏهن ڪيس اخبار جي آفيس ۾ ڏٺوسين، تڏهن سخت حيران، ۽ پريشان ٿياسين.

ڦندڻ پڇيس، "ٻاجائي سڳوري پيڪي ويئي آهي ڇا؟"

" اسانجا اهڙا ڀاڳ ڪٿي!" فدا حسين چيو" هو پنجابي فلم، جورو دا غلام ڏسڻ ويئي آهي. "

" پٽ ڦودنا، هڪدم ويمو ڪرائي ڇڏ." ڦندڻ صلاح ڏيندي چيس، "۽ اڄ کان هندستان جي رنگين تاريخ مان غلام گهراڻي جا قصا ڪهاڻيون پڙهڻ شروع ڪر."

ڦودني ڪي چيم،" ڦندڻ جي صلاح تي اکيون بند ڪري عمل ڪر. انشاالله تعاليٰ تنهنجا سڀ ڏک دور ٿي ويندا. .

ڦودنو سوچ ۾ گم ٿي ويو. ڪجهہ دير کان پوءِ عجب جي نشانيءَ جهڙو نظر اچڻ لڳو.

مون ڦودني کان پڇيو" ڇا پيو سوچين؟ "

ٿڏو ساهہ کڻندي وراڻيائين،" دنيا جي سڀ کان وڏيڪ وفادار جانور جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان."

ڦندڻ هڪدم چيو" يار، تو کي سوين دفعا منع ڪئي آهي ، تہ ڪتن جي باري ۾ نہ سوچيندو ڪر."

" مان ڪتي جي باري ۾ تہ نہ پيو سوچيان!"

"تہ پوءِ ڪنهن جي باري ۾ پيو سوچين؟"

"دنيا جي سڀ کان وڏيڪ وفادار جانور جي باري ۾. "

"تہ پوءِ پڪ ڪنهن گهوڙي جي باري ۾ سوچي رهيو آهين،"

" نہ"

" گڏهہ جي باري ۾؟ "

" اون هون."

" اُٺ؟"

” نہ يار، نہ.“

” پارٽي ورڪر؟“

” نہ بابا، نہ .“

بيزار ٿياسين. پڇيو سينس ”تہ پوءِ ڪهڙي جانور جي باري ۾ سوچي رهيو آهن، جيڪو دنيا جو سڀ کان وڏيڪ وفادار جانور آهي؟ “

جواب ڏنائين،” مان پنهنجي، ۽ پاڻ جهڙن مڇن جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان. “ ■

1974

# ڏک جي پڇاڙي نہ آهي

جڏهن رات جو پڇاڙي حصو خواب وانگر بي آواز گذري ويو تڏهن ڦندڻ ۽ مان اخبار جي آفيس مان ٻاهر نڪري آياسين. رستا اسان جي زندگين وانگر بي رونق ٿي ويا هئا, لوهي ٿنڀن مان بجليءَ جي بلبن جون روشنيون يادگيرين وانگر دل جي غفائن کي روشن ڪري نہ سگهنديون آهن. اوندهہ اٽل آهي. اوندهہ مستقل آهي. اوندهہ دائم آهي. روشنيون عارضي آهن. روشنيون هيڪلاين کي برداشت ڪرڻ جو بهانو آهن. اسين سڀئي اونداهين جا مسافر آهيون

ڦندڻ پنهنجي مضبوط ۽ طاقتور ٻانهن منهنجي ڪلهي تي رکي ڇڏي, پڇيائين," مونکي ڪڏهن روئندي ڏٺو اٿئي؟"

وراڻيم," مون ڀٽرن کي روئندي نہ ڏٺو آهي. "

ڦندڻ جو سوال مونکي بي سبب محسوس نہ ٿيو. هو ڪجهہ ڏينهن کان اُداس اُداس آهي. هونءَ بہ, جيڪي ڀين کي ڪلائڻ جا هيلا ڪندا آهن, سي پنهنجا لڙڪ ڪنهن کي بہ ڏيکاري نہ سگهندا آهن. ڦندڻ اسان سڀني کي ڪلايو آهي. هن, اسان فقيرن جا ڪشتا ٿهڪن سان ڀري ڇڏيا آهن. جڏهن اسين کلندا آهيون, تڏهن ڪنهن کي بہ لکا پئجي نہ سگهندي آهي, تہ اسان جا ٽهڪ اڌارا آهن, جيڪي ڦندڻ اسان جي جهول ۾ وجهي ڇڏيا آهن.

ڦندڻ چيو" دل چاهي ٿي, تہ اڄ , زندگيءَ ۾ پهريون ۽ آخري دفعو روئي ڇڏيان .ايترو روئان, جو ٻيهر روئي نہ سگهان. "

مان ٻيهي رهيس. منهن ورائي ڦندڻ ڏانهن ڏٺم.

ڦندڻ چيو" هلندو رهہ. ٻيهہ نہ. "

مان هلڻ لڳس.

زندگي جڏهن بي معنيٰ, بي مقصد, ۽ بيڻل بيڻل محسوس ٿيندي آهي, تڏهن بيچين روحن جهڙا انسان هلندا رهندا آهن. لاڳيتو هلندا رهندا آهن. پوءِ جڏهن هلندي هلندي هو ٿڪجي ڪري پوندا آهن, تڏهن خوابن وانگر ٽٽي پوندا آهن. ڪنهن کي بہ ياد نہ رهندا آهن.

ڦندڻ چيو" هلندو رهہ, منهنجا دوست, منهنجا ساٿي, هلندو رهہ, هن رات وانگر, رات جي راهين وانگر, ازلي سفر جي مسافرن وانگر هلندو رهہ. ٻيهہ نہ."

اسين خاموش، چپ چاپ هلندا رهياسين.

”خبر اٿئي، هوءَ مونکي روزانو هڪ خط لکندي هئي، ڪڏهن ڪڏهن ٻہ ٻہ خط بہ لکندي هئي.“ قندڻ جو آواز درد ۾ ٻڏي ويو. چيائين ،“ مان سندس خطن جو جواب نہ ڏيندو هوس. پوءِ هڪ نہ ٻئي ڏينهن هن جا خط اچڻ لڳا. مون ڪيس جواب نہ ڏنو. پوءِ هن هفتي ۾ هڪ خط موڪلڻ شروع ڪيو. تڏهن بہ مون ڪيس جواب نہ ڏنو. ان ڪانپوءِ هن جو مهيني ۾ هڪ خط اچڻ لڳو. تڏهن بہ مون ڪيس جواب نہ ڏنو ۽ پوءِ ، ۽ پوءِ هن خط لکڻ ڇڏي ڏنو. هن دوکي جي ديوار سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو. “

قندڻ کي هڪ ڇوڪري خط لکندي هئي. هوءَ هيڪلي هئي. هڪ حادثي کان پوءِ ٻنهي ٽنگن کان محتاج ٿي ويئي هئي. ٻئي ٽنگون وڃائڻ کان پوءِ سموري دنيا هن جي اکين آڏو هڪ وڏي ۽ هيبتناڪ ريگستان ۾ بدلجي ويئي. تڏهن، هن قندڻ جي تحرير ۽ نظرين کان متاثر ٿي کيس خط لکڻ شروع ڪيا.

”هوءَ مون کان تاج محل نہ گهرندي هئي. هوءَ مونکان منهنجي زندگيءَ جو هڪ حصو نہ گهرندي هئي. هن مون کان خوشين جي خيرات نہ گهري هئي. “

قندڻ جو آواز ڀڄي پيو. چيائين،” هن مون کان ريڊيو، ٽيليويزن، رسالن ۽ اخبارن لاءِ لکڻ جو طريقو پڇيو هو. ڪجھ ڪهاڻين، ۽ ڊرامن جي اصلاح لاءِ عرض ڪيو هو. هن پنهنجي تحرير جي ڪمائيءَ مان عزت جي زندگي گذارڻ ٿي چاهي. پر مون سندس مدد نہ ڪئي. مان سندس هيڪلائي کان ڊڄي ويس. سندس ويران زندگيءَ ۾ ليئو پائي نہ سگهيس. مان بزدل آهيان، گيدي آهيان، ڊڄڻو آهيان.“

هو احساس جي ڄر ۾ پڄرندو رهيو. اونده ۾ هلندو رهيو. • ■

1974

• اها ڇوڪري نوابشاه ۾ موني بازار پوسٽ آفيس پرسان فٽپاٿ تي مري ويئي هئي.

# قيامت ڪاري ٿيڻ

انسان جي قيامت ڪاري ڪڏهن ٿيندي آهي؟ ان سوال جي قطعي ۽ آخري جوابن جي چونڊ جو حق اسان دوستن پنهنجي پياري سنگتي فدا حسين ڦودني کي ڏيئي ڇڏيو آهي.

ڏاٽي بخش ڏني مٿئين سوال جو جواب ڏيندي چيو ”جيڪو مڙس پنهنجي زال جو مجو ٿيندو آهي، سو پنهنجي قيامت ڪاري ڪرائيندو آهي.“

ان جواب تي ڦودني سخت احتجاج ڪيو ۽ انصاف جي ڪرسيءَ تان اٿي وڃڻ جو پڪ دڙڪو ڏنو. تنهن ڪري ڏني جي جواب کي مقابلي کان خارج ڪيو ويو.

ڏني اعتراض ڪيو. چيائين، ”منهنجي جواب کي جيڪڏهن مقابلي مان خارج ڪيو ٿا، ته پوءِ مونکي ٻئي جواب جو حق ڏيو.“

”معاملو حق ۽ ناحق جو اٿيو آهي.“ فدا حسين ڦودني چيو ”ڏاٽي بخش ڏني کي ٻئي جواب لاءِ موقعو ڏجي ٿو.“

ڏاٽي بخش ڏني ٻيهر پنهنجي جواب ۾ چيو ”انسان جڏهن اديب يا شاعر ٿيندو آهي، تڏهن سندس قيامت ڪاري ٿيندي آهي.“

ان کان پوءِ ڦنڊڻ جو وارو آيو. هن چيو ”انسان جي قيامت تڏهن ڪاري ٿيندي آهي، جڏهن هو ڪنهن پوليس واري سان دوستي رکندو آهي.“

جانو مڪرانيءَ چيو ”اڙي ان خانه خراب سوال جو جواب آئون ڏيندوس.“

جانو مڪرانيءَ اسان سان اين جي وي هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو. باڪسر هوندو هو. اسڪول لاءِ هميشه ڪپ کٽي ايندو هو. هڪ دفعي هيڊ ماستر جي منظور نظر کي ٺونشو وهائي ڪڍيو هئائين، ۽ سندس نڪ ڇٽي ڇڏيو هئائين. هيڊ ماستر صاحب جانوءَ کي رسٽيڪيٽ ڪري ڇڏيو هو. ان کان پوءِ جانو ڪٽي ٻه پڙهي نه سگهيو.

اڄڪلهه ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ۾ پورٽر آهي. اسڪول ڇڏئي اسان کي ڪي ورهيه گذري ويا آهن، پر اسان جي ياري هلندي اچي.

جانوءَ چيو ”ماڻهو جڏهن حق تي هوندو آهي، تڏهن هن جو قيامت ڪارو ٿيندو آهي.“

فدا حسين ڦودني مونکي چيو ”گدڙ تنهنجو ڪهڙو جواب آهي؟“

ڪاوڙ وچان چيم، ”توکي لک دفعا سمجهايو اٿم. تہ مون کي گدڙ نہ چوندو ڪر.“

ڦودنو ڪليو. چيائين، ”هٿ ڪنگڻ کي آرسي ڪهڙي!“

چيم، ”تہ پوءِ تون بہ دنيا ۾ سڀ کان وڏو جوءِ جو مچو آهين.“

ڦودنو اپو ٿي ويو. رڙ ڪري چيائين، ”مان مچو ناهيان.“

چيم، ”مان بہ گدڙ نہ آهيان.“

چيائين ”تہ پوءِ جواب ڏي“

وراڻيم، ”ڪنهن ڦودني کان انصاف جي اميد ڪرڻ، پنهنجي قيامت ڪاري ڪرائڻ آهي.“ ■

1974

# پـڇـرو

ڏني کي نيٽ ڳولي وچي هٿ ڪيوسين. ملول پئي ڏٺو. اسان جي عامل ڪامل صحافي دوست ڦندڻ ڪائنس پڇيو”خوش ته آهين نه ڏنا.“

”ها.“ ڏني هڪ لفظ ۾ جواب ڏنو.

مون ڪائنس پڇيو”ڏرتي ڪيئن آهي؟“

”هوءَ بيمار آهي.“ ڏني وراڻيو پانيان ٿو سندس مرض لاعلاج ٿيندو پيو وڃي.“

ڏني جي پيڻ جو نالو ته اهو ئي آهي، جيڪو ڇتيءَ تي مائٽن مٿس رکيو هو. پر، اسان وارو سنگتي. ڏنو کيس ڏرتي سڏيندو آهي، ڏرتيءَ کي ڪينسر آهي ڏنو کيس خيراتي اسپتال مان دوا وٺي ڏيندو آهي. اسپتال جي ڊاڪٽرن اڄ تائين ڏرتيءَ کي نه تپاسيو آهي. اسپتال جو ڪمپائونڊر ڏرتيءَ کي مٿي جي سور لاهڻ لاءِ دوا ڏيئي ڇڏيندو آهي. بهرحال هوءَ جيئري آهي.

مون ڏني کان پڇيو”ملول ڇو پيو ڏسجين؟“

ڏني وراڻيو”مان وڏي ويڌن ۾ آهيان. يار.“

ڦندڻ پڇيس،”عشق ۾ گرفتار ته نه ٿيو آهين؟“

”نه يار.“ ڏني چيو”مان نفسياتي مريض ٿي پيو آهيان.“

”اسين بدهاضمي جا مريض ٿيندا آهيون، پر نفسياتي مريض ٿي نه سگهندا آهيون.“ مون کيس چيو”تنهنجو هاضمو خراب هوندو.“

”هاضمو تڏهن خراب ٿيندو آهي، جڏهن ڀو تي ماني کائڻ لاءِ کيسي ۾ ڏوڪڙ هوندا آهن.“ ڏني چيو”مان سچ پچ نفسياتي مريض ٿي پيو آهيان.“

پڇيومانس،”ڇا ٿو محسوس ڪرين؟“

ڏني وراڻيو”مان ائين محسوس ڪريان ٿو ڄڻ ته هڪ وڏي پڃري ۾ بند آهيان.“

”تون پاڻ کي پولڙو ته محسوس ڪرڻ نه لڳو آهين.“ ڦندڻ ڪائنس پڇيو.

”نه.“ڏني وراڻيو”مان فقط ائين محسوس ڪندو آهيان، ته مان ڪنهن وڏي ويڪري پڃري ۾ بند آهيان. ڪنهن ڪنهن وقت ته مان پڃري جي شيخن کي هٿ به لڳائي سگهندو آهيان.“

”تون پڃري جي شيخن کي هٿ بہ لڳائي سگهندو آهين!“ مون اچرج وچان ڏني کان پڇيو.

”پڃري ۾ ماڻهو نہ ويهندا آهن.“ قندڻ چيو”توکي نفسياتي طرح محسوس ڪرڻ گهرجي تہ تون ڪنهن نہ ڪنهن قسم جو ڪو پکي جهڙوڪ چيهو طوطو وغيره، يا ڪو جانور جهڙوڪ، چيتو پولو بگهڙ وغيره آهين.“

ڏني چيو”مون شعوري طرح ڪوشش ڪري ڏٺي آهي. مان پاڻ کي ڪنهن بہ قسم جو ڪو پکي يا جانور محسوس ڪري نہ سگهيو آهيان.“

”تہ پوءِ تون احساس کان دوکو کائي وينو آهين.“ قندڻ چيو”جنهن کي تون پڃرو محسوس ڪندو رهيو آهين، سو اصل ۾ ماحول جو قيد خانو آهي.“ ■

1975

# ڦندڻ جيئرو آهي

ڪالهہ ڦندڻ کي لفافي ۾ ٽائيپ ٿيل هڪ ڪاغذ مليو. ڪاغذ پڙهڻ کان پوءِ، ڦندڻ مونکي سڏ ڪندي چيو”گدڙ مان چئن ڏينهن ۾ لکاپتي ٿي ويندس.“

پڇيومانس،”چئن ڏينهن کان پوءِ واچن سان پريل ڪا سمگل ٿيل لانچ تنهنجي نالي اچڻي آهي ڇا؟“

جواب ڏنائين،”مونکي خبر ڪونهي.“

پڇيومانس،”تہ پوءِ چئن ڏينهن ۾ تون ڪنگال اوچتو ئي اوچتو لکاپتي ڪيئن ٿي پوندين؟ ڪنهن بينڪ کي ڏاڙو هڻندين ڇا؟“

”مون کي ڪا خبر ڪانهي.“ ڦندڻ چيو”نيدر لينڊ ۾ هڪ پادريءَ کي ڪشف ٿيو آهي، تہ دنيا جي ڪجھہ ماڻهن کي خوشنصبيءَ واري سلسلي (Chain) ۾ شامل ڪيو ويو آهي. مان هنن مان هڪ آهيان.“

مان حيران ٿيس. پڇيومانس،”اڙي بدنصيب، تنهنجي خوشنصيبيءَ بابت نيدرلينڊ جي هڪ پادريءَ کي ڪيئن خبر پئجي ويئي؟“

”پادري صاحب کي حقيقت ۾ منهنجي نالي متعلق انڪشاف نہ ٿيو آهي.“ ڦندڻ ٽائيپ ٿيل ڪاغذ ڏسندي چيو. ”پادري صاحب کي ڪشف ٿيو آهي، تہ خدا جي روشني ماڻهن جا ڏک سور دور ڪرڻ لاءِ ڌرتيءَ تي اچڻ لاءِ آتي آهي، بشرطيڪ، ماڻهو الله ۾ اعتبار رکن. پادري صاحب جو فرمان آهي، تہ جيڪو بہ سندن ڪشف جون ويهہ ڪاپيون ٽائيپ ڪرائي ويهن ماڻهن کي پوسٽ ڪرائي موڪليندو، تنهن کي چئن ڏينهن ۾ اجر ملندو ۽ اهو شخص لکاپتي ٿي ويندو.“

ڪائنس ڪاغذ وٺڻ لاءِ مون هٿ وڌايو. ڦندڻ چيو”پادرين جي پروپئگنڊا جو نئون نمونو آهي.“

مون ڪائنس ڪاغذ وٺي، پڙهي ڏٺو. ڪاغذ ۾ نيدر لينڊ جي پادري صاحب فرمايو هو. تہ لنڊن جي مسٽر فلاڻي جڏهن هن ڪاغذ جون ويهہ ڪاپيون پوسٽ ڪري ڇڏيون، تڏهن چئن ڏينهن کان پوءِ هو چئن لکن پائونڊن جو مالڪ ٿي پيو. ۽ فرانس جي مسٽر فلاڻي هن ڪشف جون ويهہ ڪاپيون ڪرائي، پوسٽ رستي ويهن ماڻهن کي موڪلي ڇڏيون، تہ اجوري ۾ قدرت وٽان ڪيس ويهہ هزار پائونڊ مليا. ان قسم جا ٻيا ڪيترائي مثال ڏنل هئا. جن ۾ پادري صاحب فرمايو هو تہ جن بہ حڪم جي پابندي ڪئي،

۽ هن ڪاغذ جون ويھ ويھ ڪاپيون روانيون ڪيون، سي لڪاپتي ٿي ويا. ڪين نوڪريءَ ۾ ترقي ملي، سندن عزت ۾ مرتبو وڌي ويو وغيره. ڪاغذ جي پڇاڙيءَ ۾ پادري صاحب دڙڪو لکندي فرمايو هو تہ جيڪڏهن ڪو بہ شخص هن سلسلي کي ٽوڙيندو يعني ويھ ڪاپيون ڪرائي دوستن، احبابن ڪي نہ موڪليندو، سو مشڪلن ۽ مصيبتن جو شڪار ٿيندو. ان باري ۾ پڻ ڊيجارڻ لاءِ پادري صاحب مثال ڏنا هئا. آسٽريليا جي مسٽر فلاٽي ويھ ڪاپيون نہ موڪليون، تنهن ڪري هو چوٿين ڏينهن مري ويو. نيدر لينڊ جي مسٽر ڊمڪي هيءُ سلسلو ٽوڙي ڇڏيو تنهن ڪري ريل جي حادثي ۾ منڊو ٿي پيو. هڪڙو ٻيو ناخلف انڌو ٿي پيو. پادريءَ جي ڪشف جي ڪاپي ڦندڙ کي ڪنهن حيدرآباد مان موڪلي هئي.

مون ڦندڙ کي چيو ”پٽ هاڻي قابو ٿيو آهين. اڻ سڌي طرح ڪرستان ٿيءُ، يا مرڻ لاءِ تيار ٿيءُ.“

ڦندڙ پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي آيو، منهنجي پرسان اچي بيٺو. مون کان ڪاغذ ورتائين، هڪدم ڦاڙي، ٽڪريون ٽڪريون ڪري، دريءَ مان ٻاهر اڇلائي ڇڏيائين.

بہ ڏينهن گذري ويا آهن. ڦندڙ نہ مئو آهي. جيئرو آهي.• ■

1975

• 2012 کان ٽيھ چاليھ سال اڳ هيروئن جو ڪاروبار نہ هوندو هو. سون، چاندي، واچون سمگل ٿينديون هيون.

# ڦندڻ لاءِ ڪنوار جي ڳولا

اسان جي پاڙي ۾ هڪ پر اسرار عورت رهندي آهي، جيڪا سڄي پاڙي جي ماسي سڏبي آهي، پر حقيقت ۾ ڪنهن جي به ماسي نه آهي، هوءَ هر اهو ڪم ڪندي آهي، جيڪو ڪم ان قسم جون ماسيون ڪنديون آهن. جهيڙن جهٽن، ۽ سڱابندين ڪرائڻ کان سواءِ، چٺين چپاٽين پهچائڻ جو ڪم به اعليٰ نموني ڪندي آهي.

اسين هڪڙي ڏينهن ماسيءَ کي ڦري آياسين. مون ماسيءَ کي چيو"اسان پنهنجي هڪ دوست کي مڪمل نموني برباد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، يعني سندس شادي ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اٿئي ڪا سگهڙ قسم جي ڇوڪري نظر ۾؟"

ماسيءَ اسان کي مشڪوڪ نگاهن سان ڏٺو. سندس منهن جا گهنج وڏيڪ چٽا ٿي پيا. چنجهيون اکيون چمڪڻ لڳس. پڇيائين،"هو توهان سيني جهڙو نڪمو ته ناهي؟"

"نه، ماسي. وڏي ڪم جو آهي."

"توهان جهڙو نالائق ته ناهي؟"

"ڏاڍو لائق آهي ماسي."

"توهان وانگر بدبخت ته ناهي؟"

"بيحد بختاور آهي، ماسي"

"ته پوءِ هو اوهان جهڙن نالائقن، نڪمن، ۽ بدبختن جو سنگتي ڪيئن ٿي پيو آهي؟"

"اِهي لکئي جا ليکا آهن، ماسي". ڏٽي بخش ڏني ماسيءَ کي چيو"نهايت ناهوڪو جاڻو ۽ بردبار آهي اسان جو دوست!"

ماسيءَ پڇيو"توهان جو دوست اترادي ڏڳو ته ناهي؟"

هڪدم چيوسين،"هرگز نه ماسي. هو ماٺو آهي، ۽ اتفاق سان ڳالهائي به سگهندو آهي."

ماسيءَ چيو"جاڻا، ناهوڪا ۽ بردبار فقط اترادي ڏڳا ٿيندا آهن."

"بهرحال، هو ماٺو آهي، ۽ اسان سندس شادي ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي." ماسيءَ کان پڇيوسين،"اٿئي ڪا ڇوڪري چڱي نظر ۾؟"

"ڇوڪري نظر ۾ ته آهي، پر هوءَ چڱي ناهي." ماسيءَ چيو"هِن کي اٺ ڀائر، اٺ ڀينريون، هڪ پيءُ ۽

چار مائرون آهن.“

فدا حسين چيو”ماسي تون تڪليف نہ ڪر، اسين پنهنجي دوست ڪي ڦليليءَ ۾ ڀوڙي ڇڏينداسين.“

”ها!“ ماسيءَ ڪجھہ سوچيندي چيو”هڪڙي ٻئي ڇوڪري بہ منهنجيءَ نظر ۾ آهي، ۽ هوءَ نوڪريءَ ۾ بہ آهي.“

”خوش رهہ ماسي“. ڦودني چيو”هاڻي هڪدم ٻڌاءِ تہ هوءَ ڪير آهي، ڪيئن آهي، ڪٿي آهي، ۽ ڪٿان جي آهي؟“

”اڙي بس ماريا!“ ماسيءَ چيو”اول ٻڌايو تہ توهان جو سنگتي نوڪريءَ ۾ آهي.“

”ها، بلڪل آهي.“ ڪيس جواب ڏنوسين.

ماسيءَ پڇيو”متئين آمدني اٿس؟“

”نہ.“ جواب ڏنوسين،”پر پگهار چڱي چوکي اٿس.“

”سڪي پگهار واري ڪي ڪو بہ پنهنجي ڌيءُ ڪٽي نہ ڏيندو بابا“ ماسي پڇيو”ڇا ڪندو آهي، توهان جو سنگتي؟“

وراڻيوسين،”عامل ڪامل صحافي آهي.“

”مئي نپٽي، نالائق ڦندڙ جي ڳالهہ تہ نہ پيا ڪريو؟

ماسيءَ رڙ ڪندي چيو”نہ بابا، نہ. اهڙي هچيا پئي ڪي ڪير پنهنجي ڌيءَ ڏيندو! مون ڪي پنهنجي چوٽي پٽائڻي ناهي!“ ■

1975

# قرض جو مرض

مون ۾ وڏا وڏا عيب آهن. بس، سمجهيو ته عيب ئي عيب آهن! چڱائي ڪا به ڪونهي. خاص ڪري قرضن جي معاملي ۾ مان ڏاڍو بدنام آهيان. مان حيدرآباد جي هڪ پلستر ڪي چڱي طرح سڃاڻان، جيڪو قرضن وٺڻ ۽ وٺي ڪائي چڙڻ جي معاملي ۾ پاڪستان جو قومي هيرو آهي. پر سائين، مان به پنهنجيءَ جاءِ تي گهٽ نه آهيان. قرض وٺڻ ۽ وٺي ڪائي چڙڻ جي معاملي ۾ اصل سائيڊ هيرو آهيان. حيدرآباد وارو پلستر، يعني قرضن جو قومي هيرو ڪو آپريٽو بينڪن ۽ حڪومت کان قرض ڪڍندو هو (۽ آهي!)، ۽ ڪائي چڙيندو هو. سندس تازه ترين مشغولين جي باري ۾ مونکي ڪا به خبر ڪونهي . مونکي فقط ايتري خبر آهي، ته هن وانگر جيڪڏهن مون تي پڻ بينڪن ۽ حڪومت جي قرضن جا در کلي پون، ته خدا ٿو ڄاڻي حيدرآباد واري قرضن جي قومي هيرو کي پنهنجي مقابلي ۾ جيڪر ايڪسٽرا ڪري ڇڏيان! پر ڇا ڪريان! بدبخت آهيان. نصيب جو ڏٽي نه آهيان! بينڪن ۽ حڪومت طرفان جاري ٿيندڙ قرضن جا در مون تي بند آهن.

مون هڪ دفعي زراعتي بينڪ کان قرض ڪڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، مينيجر مون کان پڇيو هو"زمين اٿئي؟"

وراڻيو هوم،"ها، آهي."

پڇيو هئائين،"ڪتي اٿئي زمين؟"

جواب ڏنو هوم، "جتي بيٺو آهيان، اها زمين منهنجي آهي."

"اڙي بيوقوف! هيءَ زمين تنهنجي آهي!" مينيجر صاحب چيو هو"هيءَ زراعتي بينڪ آهي، جيڪا الحاج. . . جي زمين تي ٺاهيل آهي، تون ته ڪو وڏو فراڊ آهين. ڪير آهين؟"

مون پڇي جند ڇڏائي هئي! ان کان پوءِ، مون قرض لاءِ فقط دوستن تي ڀاڙيو آهي. کانئن قرض وٺندو آهيان، پر موٽائيندو هرگز نه آهيان. اڄڪلهه حالت اِها ٿي آهي جو دوست مونکي پريان ايندو ڏسي، هڪدم ٿهي، ڪنهن گس گهٽيءَ ۾ گم ٿي ويندا آهن. اهو عام روش جي ابتڙ آهي، هونءَ ٿيندو ائين آهي، جو قرض وٺندڙ قرض ڏيندڙ کان پيو لنوائيندو آهي. پر منهنجو معاملو ان جي اُبتڙ آهي. مان جن جي قرض ۾ مبتلا آهيان، اهي مونکان پيا لنوائيندا آهن، منهنجي ويجهو نه ايندا آهن. ڀائيندا آهن. وري قرض وٺندو ۽ موٽائي اصل نه ڏيندو! ادا قرض وڏو مرض آهي. لڳو ته اصل نه لهندو!

مان قرض انڪري وٺندو آهيان ڇو جو منهنجو ملڪ بہ قرض وٺندو آهي. منهنجو ملڪ جيئن هڪڙن کان قرض کڻي ٻين کي موٽائيندو آهي، ۽ ٻين کان کڻي ٽين کي موٽائيندو آهي، تيئن مان بہ هڪ دوست کان قرض وٺي ٻئي کي موٽائيندو آهيان، ۽ ٻئي کان قرض وٺي ٽئين کي موٽائيندو آهيان. اهو سلسلو جاري آهي. مون کي پڪ ڪونهي، پر سمجهان ٿو تہ مان هن وقت تائين سموري سنگت جي قرض ۾ مبتلا ٿي ويو آهيان. سڀ کان وڏيڪ پنهنجي پياري دوست ڦندڙ جي قرض ۾ مبتلا آهيان، جنهن گذريل دفعي سوفينيءَ جي پتلون وڪڻي مون کي قرض ڏنو هو. ڦندڙ مون سان سچو آهي. منهنجين مجبورين کي سمجهي سگهندو آهي، تنهن ڪري هن منهنجي لاءِ امدادي ڪيمپ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي! ■

1975

# ساڃي ۽ ڪاڃي ڏر

”اڙي گدڙ هڪڙي ڳالهه ته ٻڌاءِ“. قندڻ مونکان پڇيو”ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي باري ۾ ڇو ڪجهه به نه لکيو اٿئي؟“

مون دريءَ کان ٻاهر نهاريو. چيم،”اڄ موسم مزيدار آهي!“

”اڙي موسم جا مائٽ، مون توکان سوال پڇيو آهي.“

”ڇا جو سوال؟“

”ته ڇو حيدربخش جتوئيءَ جي باري ۾ ڇو ڪجهه به نه لکيو اٿئي؟“

”هڪ بيحد ٿلهو ماڻهو ڪيلي جي کل تان ترڪي پيو آهي.“ مون دريءَ کان ٻاهر نهاريندي چيو،”ماڻهو مٿس کلي رهيا آهن، ۽ هو روئي رهيو آهي.“

”اڙي، نيرن تي پينگ ته نه پي آيو آهين!“ قندڻ کهري لهجي ۾ چيو.”مون توکان سوال پڇيو آهي.“

”ڪهڙو سوال؟“

”ته حيدربخش جتوئيءَ جي ورسي گذري ويئي، پر تو ڪجهه به نه لکيو آخر ڇو؟“

”هڪ شخص وڏن جتنن کان پوءِ هڪ ٽيڪسيءَ واري کي ٻيهاريو آهي.“ مون بندر روڊ ڏانهن ڏسندي چيو”پر، ان کان اڳ جو هو ٽيڪسيءَ تائين پهچي، هڪ ٻيو شخص ٽيڪسيءَ ۾ ويهي هليو ويو آهي. پهريون شخص روڄهارڪو ٿي پيو آهي. هن پنهنجي مٿي تان ٽوپي لاهي سڙڪ تي سٽي آهي.“

قندڻ پنهنجيءَ ڪرسيءَ تان اٿي، منهنجيءَ ميز تي اچي وينو. چيائين، ”گدڙ تون بي ڪفن مري ويندين، پر چالاڪ ٿي نه سگهندين.“

”تون سچ ٿو چوين، قندڻ.“ چيم،”ڪجهه عرصو اڳ مون جيڪو ڪفن سر سان ٻڌي ڇڏيو هو ان ڪفن مان هينئر چڏيون سبرائي ڇڏيون اٿم.“

”منهنجو سوال ڇو ٿو لنوائين؟“

”ڪهڙو سوال؟“

”ته حيدربخش جتوئيءَ جي باري ۾ ڇو ڪجهه به نه لکيو اٿئي؟“

”ڪهڙو حيدربخش جتوئي؟“

”ڪامريڊ حيدربخش جتوئي.“

”ڪير هو ڪامريڊ حيدربخش جتوئي؟“

”اڙي! “ ڦندڻ ڪان ڇرڪ نڪري ويو. مونکي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهندي، چيائين. ”اڙي! بدبخت، اڄ تون ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ کي بہ سڃاڻڻ ڪان نابري واري ويٺو آهين! وڏو ڪو بيغيرت آهين!“

”مان سڀ ڪجهہ ٿي سگهان ٿو پر بيغيرت ڪڏهن بہ نہ.“ مون جهيڻي آواز ۾ چيو.

”تہ پوءِ حيدربخش جتوئيءَ جي باري ۾ چو خاموش رهيو آهين؟“ ڦندڻ پڇيو ”۽ هينئر هيءُ کهڙو ناٽڪ ڪيو اٿئي؟“

”ڦندڻ، يار مان مسڪين آهيان. غريب آهيان منهنجو گذر بسر اٿئي نوڪريءَ تي!“ وراڻيم، ”ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي باري ۾ لکندس، تہ سنڌ جا ايڪويهہ دانشور خفي ٿيندا. منهنجي خلاف بيان ڏيندا. فتوائون ڏيندا ۽ مون کي نوڪريءَ مان ڪڍائي ڇڏيندا. مون کي بيروزگار ڪرائي بک ماري ڇڏيندا. سنڌ جا ملان رزاق ڪان اسان جي رزق جي ذميداري کسڻ جي چڪر ۾ آهن. اهڙين حالتن ۾ ماٺ چڱيءَ اٿئي، پيارا ڦندڻ.“ • ■

1975

• انهن ڏينهن ۾ ليکڪ ساڄي ۽ کاٻي ڌر ۾ وراهيل هئا. ٌکاٻي ڌر وارن کي ڪميونسٽ ۽ ڪافر سمجهيو ويندو هو. مرحوم حيدربخش جتوئيءَ کي مئي پڇاڙيا بہ کاٻي ڌر جو ليڊر لکيو ويندو هو.

# ٻليءَ سان عشق

ڪالهه مون پنهنجي پياري دوست، عامل ڪامل صحافي ڦندڻ کي هڪ خوبصورت ٻليءَ سان ڳالهائيندي ڏٺو. بيگاني وقت ۾، بيگاني رستي تي، ڦندڻ جي ٻليءَ سان گفتگو بہ بيگاني هئي.

مان يوڪيلپٽس جي وڻ جي اوٽ وٺي بيهي رهيس ۽ ڦندڻ جي ٻليءَ سان گفتگو ٻڌڻ لڳس.

ڦندڻ چيو، ”جيڪي شخص سوچي سگهندا آهن، سي شخص بيپناهہ محبت ۽ بيپناهہ نفرت ڪري سگهندا آهن.“

ٻليءَ ڪجهہ نہ چيو.

ڦندڻ چيو، ”مون کي توسان محبت آهي. توکي مون سان محبت نہ آهي. ان جي خبر سموري جڳ کي آهي. پر تنهن هوندي بہ مون کي تو سان محبت آهي.“

ٻلي ماٺ رهي. ڦندڻ جو ٻڌندڙ ترندڙ آواز ٻڌندي رهي.

ڦندڻ چيو، ”مان اداس، ويران ۽ هيڪلن رستن تي هليو ويندو آهيان. توکي ياد ڪندو آهيان. تون نہ ملندي آهين. پر جڏهين ملندي آهين، تڏهن خاموش رهندي آهين.“

خوبصورت ٻلي کيس ٻڌندي رهي.

ڦندڻ چيو، ”مون وٽ پنهنجن جذبن جي اظهار لاءِ لفظ آهن، جملا آهن. مان تنهن ڪري بڪواس ڪندو رهندو آهيان. مان تنهنجو ڪزن نہ آهيان. هوائي جهاز ۾ ويهي يورپ کان نہ موٽيو آهيان. مان پاڻ سان ڪا ميم صاحب نہ وٺي آيو آهيان. منهنجي ميم صاحب تون آهين.“

ٻليءَ شوخ نگاهن سان ڦندڻ ڏانهن ڏٺو ۽ مرڪڻ لڳي.

”تنهنجي مرڪ ۾ ڪشش آهي - پر عارضي ڪشش آهي.“ ڦندڻ چيو، ”تنهنجي مرڪ بي معنيٰ آهي - بي مقصد آهي.“

ٻلي ناراض ٿي پيئي. ڦندڻ کان ٻہ - چار قدم پري ٿي ويٺي.

ڦندڻ چيو، ”محبت مفاصلن جي محتاج نہ ٿيندي آهي. اهو روسي خلاباز، جيڪو خلائن ۾ دم ٽوڙيو رهيو هو تنهن جي زال زمين تي، هن کان هزارين ميل پري، هن لاءِ ڦٿڪي رهي هئي، هنجون هاري رهي هئي.“

ٻليءَ ڪجهہ ڪجهہ اچرج وچان ڦندڻ ڏانهن ڏٺو.

”تون منهنجي زال ٿي نٿي سگهين، ڇو جو تون سوچي نٿي سگهين.“ ڦندڻ چيو. ”۽ مان توسان شادي ان لاءِ نٿو ڪري سگهان، ڇو جو مان سوچي سگهان ٿو.“

ٻلي ٿهڪ ڏيئي کلي پيئي.

ڦندڻ چيو، ”تون ان ڪري کلين ٿي، ڇو جو ڪجهه به سمجهي نه ٿي سگهين. جيڪي انسان ڪجهه به سمجهي نه سگهندا آهن، سي سڄي عمر کلندا رهندا آهن، يا روئيندا رهندا آهن.“

ٻليءَ وات تي هٿ رکي اوٻاسي ڏني.

ڦندڻ چيو، ”منهنجي هڪ دوست جو نالو گدڙ آهي. هو هن بيگاني وقت ۾، بيگاني رستي تي، يوڪيلپٽس جي وڻ پٺيان بيٺو آهي ۽ اسان جي بيگاني گفتگو ٻڌي رهيو آهي.“ ■

1975

# ڀاڪن جي ڀڃاڻي

اسڪول ۾ هڪڙي دفعي استاد سائينءَ مون کان هڪ ڀاڪي جي معنيٰ پڇي هئي. مان ڪيس معنيٰ ٻڌائي نہ سگهيو هوس. اُستاد سائينءَ مون کي بينچ تي بيهاري ڇڏيو هو. منهنجي ڪلاس ۾ اڌو اڌ تعداد ڇوڪرين جو هو. ڇوڪرين جي سامهون بينچ تي بيهڻ ۾ مون ڏاڍو شرم محسوس ڪيو. دل ۾ پڪو پهہ ڪيم تہ جڏهن وڏو ٿيندس، ان بيهودي ڀاڪي کي ڪتابن مان خارج ڪرائيندس ۽ ايندڙ نسلن تي احسان ڪندس.

مون هڪ ڀاڪي کي ڪتابن مان خارج ڪرائڻ جو عزم ڪيو هو. پر، منهنجي ڪوشش ڪانسواءِ اڄڪلهہ سمورا ڀاڪا ڪتابن مان خارج ڪيا ويا آهن. مان سرهو آهيان. سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايل ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻيءَ جي ڀاڪن جي ڪتاب ”گل شڪر“ جون گذريل اٺن سالن ۾ هڪ هزار ڪاپيون بہ وڪامي نہ سگهيون آهن. ڀاڪن جو مشهور ڪتاب ”گل شڪر“ اڄڪلهہ اڏوهيءَ جو دلپسند ڪاج آهي. اُڏوهي سنڌ جي عالمن لاءِ دعاگو آهي. (مان بہ دعاگو آهيان. جيتوڻيڪ مان اُڏوهي نہ آهيان.)

جنهن ڀاڪي جي معنيٰ نہ ٻڌائڻ جي ڪري مان ڪلاس جي ويهارو کن ڇوڪرين آڏو بينچ تي بيهاريو ويو هوس، سو ڀاڪو مون کي اڄ بہ ياد آهي، پر ڀاڪي جي معنيٰ کان اڄ بہ بي خبر آهيان. اهو ڀاڪو آهي:

”چور جي ماءُ ڪنڊ ۾ روئي.“

مون ان ڀاڪي متعلق هڪ چور سان ڳالهايو. مون چور کان پڇيو، ”تنهنجي ماءُ ڪنڊ ۾ ڇو روئيندي آهي؟“

”توکي ڪيئن خبر پيئي تہ منهنجي ماءُ ڪنڊ ۾ روئيندي آهي؟“ چور مون کان پڇيو، ”ڇا تون جاسوسي ڊائجيسٽ پڙهندو آهين؟“

چور جي غلط فهمي دور ڪندي چيم، ”مان ڪجهہ بہ نہ آهيان، فقط هڪ ڀاڪي جي معنيٰ جو متلاشي آهيان.“

چور مون کي مايوس ڪيو. مون کي ڀاڪي جي معنيٰ ٻڌائي نہ سگهيو. چيائين، ”مون کي خبر ڪونهي تہ منهنجي ماءُ سڙڪن، چؤواٽن ۽ بازارن بدران ڪنڊ ۾ ڇو روئيندي آهي.“

هڪڙي ڏينهن مون هڪ پوڙهيءَ عورت کي ڪنڌ ۾ روئيندي ڏٺو. خوش ٿيم. پوڙهيءَ کان پڇيم، ”چاچي، تون چور جي ماءُ آهين، جو ڪنڌ ۾ پئي روئين؟“

پوڙهي باهه ٿي ويئي. چيائين، ”چور هوندين تون. ڪنڌ ۾ روئيندي هوندي تنهنجي ماءُ.“

آزي نيزاري ڪندي پوڙهيءَ کان پڇيم، ”ته پوءِ تون ڪنڌ ۾ ڇو پئي روئين؟“

پوڙهيءَ اوچنگار ڏني ۽ پوءِ سڏڪن ۾ چوڻ لڳي، ”پنهنجن هٿن سان پٽ کي پرڻايو هوم. اهڙي ننهن ڪيم جو منهنجي پٽ کي پٽيون پڙهائي، مون کان جدا ڪري ويئي آهي. هينئر ويٺي ڪنڌ ۾ روئان.“

”ان جو مطلب آهي، ته تون چور جي ماءُ ناهين ۽ اجايو ڪنڌ ۾ ويٺي روئين.“ چيم، ”مان وڃان ٿو. خدا حافظ.“

آخر ۾ مون پنهنجي پياري دوست فدا حسين ڦودني کان مشهور پهاڪي، ”چور جي ماءُ ڪنڌ ۾ روئي،“ جي معنيٰ پڇي.

فدا حسين ڦودني چيو ”اسڪول ۾ بينچ تي ان ڪري ويهڻو پيو هوءِ جو تون ان پهاڪي جي معنيٰ ٻڌائي نه سگهيو هئين. وقت بدلجي ويو آهي. هينئر جيڪڏهن ان پهاڪي جي صحيح معنيٰ ۽ مفهوم ٻڌائيندين، ته پٽ اچي ڏاڙهيءَ ۾ بينچ تي ابتو بيهو هوندين! تنهن ڪري ان پهاڪي جي معنيٰ جي پچر ڇڏي ڏي.“ ■

1975

# ڄمندي ڄام

اسان جو دلبر سنگتي فدا حسين ڦودنو اوچتو ئي اوچتو غائب ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ وري اوچتو ئي اوچتو ظاهر ٿي پوندو آهي. ڪالهہ رستي تي ملي ويو. پريشان پئي ڏٺو. ڪڇ تي ٽن - چئن سالن جو پٽ هجيس ۽ ذري گهٽ پڄندي پئي ويو. پنيان سڏ ڪيو مانس. بيهي رهيو.

پڇيو مانس، ”خير تہ آهي ڦودنا، پرايو ٻار چورايو اٿئي ڇا؟“

ڦودني چيو ”پنهنجي ٻولي سڏار، گدڙ. چورائيبيون شيون آهن. ٻار اغوا ڪبا آهن. بهرحال، هيءُ منهنجو پنجون نمبر پٽ آهي.“

ٻولي سڌارڻ بابت مون سندس ٿورا مڃيا. پوءِ پڇيو مانس، ”پنهنجي پٽ کي ڪٺي ڪيڏانهن ڊوڙندو پيو وڃين؟“

”ڊاڪٽر ڏانهن.“

”خير ۾؟“

”منهنجو پنجون نمبر پٽ پائلي ڪائي ويو آهي.“

”پائلي، يعني چار آنا؟“

”هائو.“

”ان ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي!“ چيم، ”توکي تہ خوش ٿيڻ گهرجي، ڦودنا.“

”عجيب بيوقوف ماڻهو آهين!“ ڦودني چيو. ”منهنجو پٽ چار آنا ڪائي ويو آهي ۽ تون چوين ٿو تہ اها وڏي ڳالهہ ناهي!“

”هن عمر ۾ تنهنجو پٽ چار آنا نہ ڪائيندو، تہ ڇا چار هزار رپيا ڪائيندو؟“

”تون منهنجي پريشاني سمجهي نہ سگهندين. مان ڊاڪٽر ڏانهن وڃان پيو.“

”مان تنهنجي پريشاني سمجهي سگهان ٿو.“

”ڏوڙ سمجهي سگهين ٿو.“

”تون چاهين ٿو تہ تنهنجو پٽ ڄمندي ڄام هجي ۽ ننڍيءَ وهيءَ ۾ ئي سرڪاري فنڊ ڪائڻ شروع ڪري.“

”تو سان تہ خدا پڄندو، گدڙا!“ ڦودني چيو ”منهنجو پٽ چار آنا ڪائي ويو آهي، تنهن ڪري پيٽ ۾

سور اٿس.“

”شروعات ۾ ائين ئي ٿيندو آهي.“ چيم، ”تون فڪر نہ ڪر ڦودنا. تنهنجو پٽ انشاءَ الله چار آنا هضم ڪري ڇڏيندو.“

ٻارڙو ڪلي پيو.

”ڏس!“ چيم، ”منهنجيءَ ڳالهہ تان ٻارڙي کي بہ کل آئي آهي.“

ڦودني غور سان پنهنجي ننڍڙي پٽ ڏانهن ڏٺو. چيائين، ”هي تہ سچ پچ ڪلي پيو. شايد پيٽ جو سور لهي ويو اٿس.“

”نہ فقط پيٽ جو سور لهي ويو اٿس، پر وڏي صفائيءَ سان چار آنا بہ هضم ڪري ويو آهي.“ ڦودني کي چيم، ”توکي خوش ٿيڻ گهرجي ڦودنا، تہ تنهنجو پٽ ڄمندي ڄام آهي.“

ٻارڙو تاڙيون وڄائي کلڻ لڳو. ■

1975

# مٽي جو ڏک

ڦندڻ ۽ مان پهه پچائي رهيا هئاسين.

اسان جي پاڙيسريءَ جو ٻار ٻوڙندو واءُ ويلا ڪندو اسان جي گهر ۾ ڪاهي آيو. ان کان اڳ جو هو ڪجهه ڳالهائي، ڦندڻ کانئس پڇيو”اڙي ڇورا، ڪٿي ڪو افسانو ڇپرايو اٿئي ڇا!“

ڇوڪري ڪنڌ سان انڪار ڪيو.

ڦندڻ کانئس پڇيو”ڪا شاعري ڪئي اٿئي ڇا؟“

هن انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

”ته پوءِ ڇجندو ڇو پيو وتين!“ ڦندڻ چيو”جيڪڏهن سنڌي اديب ناهين، ته پوءِ سمجهه ته مزي ۾ آهين“.

ٻار جو ساهه جائيتو ٿيو. هن چيو”منهنجي پيءُ کي مٽي تي ڏک لڳو آهي“.

”مٽي جي ڏک جو فڪر نه ڪبو آهي، ٻارڙا“. ڦندڻ چيو”فقط دل جو ڏک پنائي رکندو آهي“.

ٻار چيو”منهنجو پيءُ پنهنجي يادگيري وڃائي ويٺو آهي. ڪيس ڪجهه به ياد نه ٿو اچي.“

ان کان پوءِ ٻارڙي نهايت دردناڪ پيرائي ۾ پنهنجي پيءُ جي ڏک جو ذڪر ڪيو ۽ ٻڌايو ته ڪيئن وهنجندي هو ڪري پيو، مٽي ۾ نلڪو لڳس ۽ يادگيري وڃائي ويٺو.

مون ڦندڻ کي چيو”اسين جيئن ته ثواب جو ڪو به ڪم نه ڪندا آهيون، تنهن ڪري اڄ ته پاڙيسريءَ جي مدد ڪري ثواب ڪمايون.“

ڦندڻ ۽ مان پاڙيسريءَ جي گهر وياسين. پاڙيسريءَ اسان کان پڇيو”توهين ٻئي ڪير آهيو؟“

مون وراڻيو”اسين تنهنجا پاڙيسري آهيون.“

”مان توهان کي نه ٿو سڃاڻان،“ هن هڪدم چيو.

”تنهنجو پٽ اسان کي وٺي آيو آهي.“ مون پاڙيسري کي چيو”توکي مٽي تي ڏک لڳو آهي.“

”ڪير ٿو چوي مونکي مٽي تي ڏک لڳو آهي.“ هن پڇيو.

ڪيس ٻڌايم،”تنهنجو پٽ ٿو چوي.“

”منهنجو پٽ!“هن پڇيو”ڪٿي آهي منهنجو پٽ؟“

ٻار هڪدم چيو”بابا مان تنهنجو پٽ آهيان، اندر امان ويٺي آهي ۽ روئي رهي آهي.“

پڇيائين، ”روئي رهي آهي، ڇو؟“

”ڇو جو تون پنهنجي يادگيري وڃائي ويٺو آهين.“ ٻار چيو ”توکي ڪجهه به ياد نه ٿو اچي. مان تنهنجو پٽ آهيان.“

”تون مونکي خرڪارن جو ٻار ٿو لڳين.“ هن چيو ”تون منهنجو پٽ ناهين.“

ٻار روئڻ لڳو. اندران سندس ماءُ جي روئڻ جو آواز اچڻ لڳو.

ڦندڻ مونکي چيو ”فلمن ۾ جڏهين هيري جي يادگيري مٿي تي ڌڪ لڳڻ سبب غائب ٿي ويندي آهي، تڏهن هيري جي مٿي تي ٻئي ڌڪ لڳڻ سان سندس يادگيري موٽي ايندي آهي. ڇو نه اسين به پاڙيسريءَ جي مٿي تي هڪڙو ٻيو ڌڪ وهائي ڪڍون!“

”ڌڪ لڳڻ سان مري پوي ته پوءِ!“ مون سندس صلاح رد ڪندي چيو ،”منهنجو خيال آهي ته ڊاڪٽر زيدي کان سندس علاج ڪرايون.“

”زيدي بيڪار آهي.“ ڦندڻ چيو ”ڊاڪٽر ايڪس وڏيڪ هوشيار ۽ تجربيڪار آهي.“

”ڊاڪٽر ايڪس تمام ڳري في وٺندو آهي. ٽن مهينن کان پوءِ ته مون کي مسين مسين پگهار ملي آهي.“ پاڙيسريءَ چيو ”توهين ڊاڪٽر زيدي کي وٺي اچو. سستو ڊاڪٽر آهي.“

ڦندڻ ۽ مون عجب وچان هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو.

پاڙيسريءَ چيو ”في الحال رمضان جي مهانگائي جو ڌڪ بچائڻو آهي. تنهنڪري توهين منهنجي مٿي جي ڌڪ جو فڪر نه ڪريو. وڃو. مان بلڪل ٺيڪ آهيان. فقط پنهنجي يادگيري وڃائي ويٺو آهيان.“ ■

1975

# آل سنڌ بيپير ايسوسئيشن

هڪڙي ڏينهن پنهنجي عامل ڪامل صحافي دوست ڦندڻ کي سوچ ۾ غلطان ڏٺم. پڇيومانس،”ڪهڙن پورن ۾ پيو آهين، ڦندڻ؟“

چڙٻ ڏيندي چيائين،”متو نہ کاءُ. هي وٺ پائلي، وڃي چولا کاءُ.“

”يار ڏاڍو ڪو ڪنجوس آهين.“ مون کانئس پائلي وٺندي چيو”هڪ رپيو نہ تہ ڏئين!

”اڄ ڪلهہ مٿي جي قيمت فقط پائلي آهي.“ ڦندڻ چيو. ”پائلي کڻي گم ٿي وڃ. ۽ مونکي سوچڻ ڏي.“

”ڇا پيو سوچين؟“ پڇيومانس،”سون ٺاهڻ جي ترڪيب تہ نہ پيو سوچين؟“

”نہ.“

”تہ پوءِ؟“

”مان علم عمرانيات بابت سوچي رهيو آهيان.“

”اهو علم عمرانيات ڇا آهي؟“

”جنهن کي انگريزيءَ ۾ Sociology چئبو آهي.“

”ڪنهن خاص مسئلي تي پيو سوچين ڇا؟“

”ها.“

”مان مدد ڪريانءِ؟“

”تون موڳو مٺر آهين“

”مٺر بہ اڄ ڪلهہ مهانگو آهي، ڦندڻ تون. مسئلو ٻڌاءِ، مان تنهنجي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

”مفت ۾؟“

”بلڪل مفت ۾.“

”تہ پوءِ نهايت غور سان ٻڌ.“

”ٻڌاءِ“

”مان هڪ جماعت يا ايسوسيئيشن ٺاهڻ جي ترڪيب سوچي رهيو آهيان.“

”ڪهڙي قسم جي جماعت؟ سياسي؟“

”نہ“

”تہ پوءِ“

”جيئن بيون جماعتون ۽ ايسوسيئيشن ويا وانگر سنڌ ۾ اڀري رهيون آهن. تيئن مان بہ ڪا ايسوسيئيشن يا جماعت ٺاهڻ جي موڊ ۾ آهيان.“

”مثال طور.“

”جيئن سومرا ايسوسيئشن آهي، چانڊيا برادري آهي، ڪلمتي جماعت آهي،۽. . . . . “

”۽ ابڙا ايسوسيئيشن، شيخ ايسوسيئيشن، ڪوسا جماعت، مستوئي آرگنائيزيشن. . . . . . ۽ . . . . . “

بس، بس، بس. ان قسم جي ڪا جماعت ٺاهڻ جي موڊ ۾ آهيان.“

”ميمبر ڪٿان آڻيندين؟“

”تون منهنجي جماعت جو ميمبر نہ ٿيندين؟“

”ٿيندس، پر اسين پنهنجي جماعت جو نالو ڪهڙو رکنداسين؟“

”اهو ئي مسئلو آهي بابا، تہ اسين نہ آهيون، قاضي، نہ آهيون قريشي، اسين نہ آهيون مير، نہ آهيون پير.“

”ترس ـ نالو ٻڌ. آل سنڌ ٻيپير ايسوسيئيشن! ڪيئن رهندو؟“

”نالو تہ سٺو آهي.“

”بس، تہ پوءِ اسين آل سنڌ ٻيپير ايسوسيئيشن جي ٺاهڻ جو اعلان ڪريون ٿا، ۽ ڏيڍ سر جي مسيت ٺاهيون ٿا.“ ■

1975

# بـوٽ

مون ڪيترن ڏينهن کان پنهنجي عامل ڪامل دوست ڦندڻ جي باري ۾ ڪجهه نہ لکيو آهي. ڦندڻ (عامل ڪامل صحافي) منهنجو جگري دوست آهي. هن سان مون پنهنجي زندگيءَ جا اٿوسرندڙ لمحا گذاريا آهن. اسان جا ڏينهن ڏونگر ڏوريندي گذريا آهن، اسان جون راتيون گردش ۾ گذريون آهن. اسان ٻنهي موت کي ياڪر ۾ پري ڏٺو آهي. اسان ٻنهي زندگيءَ کي آزمائش جي سوريءَ تي لٽڪايو آهي. مان جيڪڏهن ڦندڻ جي باري ۾ روزانو لکڻ شروع ڪريان، تہ جيڪر ناول لکي ويهي رهان! سوچيندو آهيان تہ هفتي ۾ هڪ ڪالم ڦندڻ جي باري ۾ ضرور لکندس، ۽ ماضيءَ جي سونهري گهڙين کي ياد ڪري حال کي پرچائيندس. پر پوءِ پنهنجيءَ بدحواسيءَ سبب پنهنجي فيصلي ۽ سوچ کي وساري ويهندو آهيان. پر، اڄ مان ڦندڻ جي باري ۾ ڪالم لکندس.

مون کي ڦندڻ ياد آيو آهي. شدت سان ياد آيو آهي.

ڦندڻ هڪ دفعي بوٽ وٺڻ جو فيصلو ڪيو ڪجهہ دوستن صلاح ڏنس تہ اڄ ڪلهہ نئون بوٽ اسان مولائين جي پهچ کان ٻاهر آهي. تنهنڪري جهوني مارڪيٽ مان ڪيس پراڻي بوٽ جي جوڙي خريد ڪرڻ گهرجي. ڦندڻ سخت اعتراض ڪيو. چيائين تہ پيرين اگهاڙو گهمندس. پر پراڻو بوٽ هرگز نہ وٺندس. دوستن پڪ ڏياريس، تہ جهوني مارڪيٽ مان ملندڙ پراڻا بوٽ هرويرو پراڻا نہ هوندا آهن ۽ ڪي ڪي بوٽ تہ ڏاڍي چڱي حالت ۾ هوندا آهن. خاص ڪري اُهي بوٽ پائڻ وٽان هوندا آهن، جيڪي مسجدن مان چورائجي جهوني مارڪيٽ ۾ وڪامڻ ايندا آهن. پر ڦندڻ نہ مڙيو. چيائين، ڪيسو گرم آهي. وٺندس تہ نئون بوٽ وٺندس. پراڻو بوٽ هرگز نہ وٺندس.

ان سلسلي ۾ ڦندڻ جڏهن مون کان صلاح ورتي، تڏهن ڪيس مشورو ڏيندي چيم، تہ اسين پاڻ پراڻا ٿي ويا آهيون، تنهنڪري اسان کي بوٽ بہ پراڻو وٺڻ گهرجي. ۽ جيڪڏهن تون هڪ جوڙي بوٽ جي ڪنهن مسجد يا عيدگاهہ مان چورائين تہ پوءِ خريد ڪرڻ جي خفي کان بہ بچي پوندين.

منهنجيءَ ڳالهہ تان ڦندڻ کي مرچيون لڳيون. مون کي ڪنڌ کان وٺندي چيائين، تہ نئون بوٽ وٺندس ۽ توکي ربڙ وارو هوائي چمپل وٺي ڏيندس. مان خوش ٿيس. انهن ڏينهن ۾ منهنجي بوٽ جو ترو غائب ٿي ويو هو ۽ منهنجا پير ڌرتيءَ کي ڇوهڻ لڳا هئا.

ڪجهہ دڪانن تي نوس نوس ڪرڻ، ۽ بوٽن جون بيهوش ڪندڙ قيمتون ٻڌڻ ۽ تنهن هوندي بہ

هوش ۾ رهڻ ڪان پوءِ اسين هڪ ڀاڪڙي هوٽل تي وڃي ويٺاسين.

ڦندڻ مونکان پڇيو”ڪجهه بوٽن جي کڙي وڏي ڇو هوندي آهي.“ وراڻيم،”هرڪو بندرو ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن ڪيتر ۾ پنهنجو قد وڌائڻ لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن قسم جو وڏيءَ کڙي وارو بوٽ استعمال ڪندو آهي.“

پوءِ ڦندڻ مون کان پڇيو،”تنهن جو قد ڏاڍو بندرو آهي گڏڙ تون بہ وڏيءَ کڙيءَ وارو بوٽ ڇو نہ ٿو استعمال ڪرين؟“

”وڏيءَ کڙيءَ وارو بوٽ وٺڻ منهن جي وس کان ٻاهر آهي.“ چيم،”هڪ دفعي اوڌر تي وڏيءَ کڙيءَ وارو بوٽ ورتو هيم، لڦ ڪري وڌائين.“

”مجنونءَ کي جيڪڏهن سوڙهو بوٽ پارائين ها تہ ڪانئس جيڪر ليليٰ جو عشق غائب ٿي وڃي ها.“ ڦندڻ پڇيو.”۽ پلا ڪجهه بوٽ چيڪاٽ يا چيچاٽ ڇو ڪندا آهن؟“

چيم،”اسين جڏهن ٻئي ڪنهن نموني ماڻهن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي نہ سگهندا آهيون، تڏهن چيچاٽن وارو بوٽ پائي ماڻهن جو ڌيان ڇڪائي وٺندا آهيون.“ ■

1976

# منهنجي پڇاڙي

اونڌي ٿيل بس، مئل ماڻهن ۽ زخمين جون تصويرون اخبار ۾ ڇاپيون هيون. مون تصويرون ويٺي ڏٺيون. منهنجو عامل ڪامل صحافي دوست قندڻ منهنجي پاسي ۾ اچي ويٺو. پڇيائين، ”ڇا پيو ڏسين؟“

”ڏسان پيو ته اُنهن حسرتن ۽ تمنائن جون تصويرون ڪٿي آهن، جيڪي بس جي حادثي ۾ اوچتو ئي اوچتو ناتمام رهجي وينديون آهن!“ مون قندڻ ڏانهن ڏسندي چيو ”انهن خوابن جي تصوير پيو ڳوليان، جن کي تعمير نه ملندي آهي.“

قندڻ چيو ”تون جڏهن ڪنهن حادثي ۾ مري ويندين، تڏهن اسين تنهنجو پوسٽ مارٽم نه ڪرائينداسين.“

مونکي ڪل نه آئي، قندڻ کان پڇيم، ”حادثي ۾ مرڻ کان پوءِ پوسٽ مارٽم ضروري هوندو آهي ڇا؟“

”ها.“ قندڻ چيو پر تنهنجي معاملي ۾ اسين پوليس کي پئسا ڪارائي تنهنجو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ موڪلڻ نه ڏينداسين.“

پڇيومانس، ”پوءِ ڇا ڪندين؟“

قندڻ چيو ”تنهنجو لاش اسين گهر کڻائي ويندا سين.“

ڪلندي ڪانئس پڇيم، ”منهنجي قبر تي پڙ چاڙهي، لوبان ۾ اگر بتيون ٻاري منهنجو مجاور ٿي ويهندي ڇا؟“

”تون ڀليل آهين، پيارا گدڙ“ قندڻ چيو ”تو ۽ مون جهڙن، چوڙهن، چمارن، ڪولهين ۽ اوڏن کي مرڻ کان اڳ، ۽ مرڻ کان پوءِ سنڌ ۾ ڪو به پير ڪري نه پوڄيندو آهي. سنڌ ۾ پيرن وانگر پاڻ پوڄائڻ لاءِ ٻين ڪواليفڪيشنس جي ضرورت هوندي آهي.“

”۽ ظاهر آهي ته اهي ڪواليفيڪشنس اسان منجهه نه آهن.“ مون قندڻ کان پڇيو ”پيارا، ته پوءِ تون منهنجي لاش سان ڪهڙي تعدي ڪندين؟“

”تون نڪ جو بيحد پڪو آهين.“ قندڻ چيو ”تون جيئرو هوندي تعدين تي هري ويو آهين. مرڻ کان پوءِ تعدين سان ڏوڙ سڌرندين!“

”لاش کي ڇا ڪندين؟“

قندڻ جي چپن تي بدمعاشن واري مرڪ تري آئي. چيائين، ”اسين تنهنجي لاش جو پوسٽ مارٽم

ڪنداسين.“

مان ٿهڪ ڏيئي کلي پيم. چيم،”ان ڪم لاءِ اسپتالن جا نيم ڊاڪٽر گهٽ آهن ڇا!“

”ڊاڪٽر تنهنجي جسم جو پوسٽ مارٽم ڪري سگهندا جيڪو بيسود آهي.“ ڦندڻ چيو”اسان کي تنهنجي صحتمند جسم سان ڪابه همدردي، ڪابه دلچسپي نه آهي.“

پڇيومانس،”ته پوءِ ڪهڙي مطلب سان منهنجو پوسٽ مارٽم ڪندين؟“

”تون وڏو ڦڏائي آهين ۽ پراسرار زندگي گذاريندو آهين.“ ڦندڻ چيو”اسين تنهنجي ذهن جو دل جو دماغ جو پوسٽ مارٽم ڪنداسين.“

پڇيم، ”ڇو؟“

”تنهنجي دماغ ۾ گند آهي، تنهنجو ذهن ڪنهن جي تصور سان آباد آهي، ۽ تنهنجيءَ دل ۾ ڪنهن جي مسلسل ياد آهي.“ ڦندڻ چيو”ان کان سواءِ تون پنهنجي وجود ۾ وڏا وڏا راز مبهم مبهم خواب، ۽ يادگيرين جا سفرنامه لڪائي رکيا آهن. اسين توکي ايڪسپوز ڪنداسين. توکي ڏٺو ڪنداسين.“

پڇيومانس،”منهنجو دوست آهين يا دشمن؟“

جواب ڏنائين،” مان تنهنجو دشمن آهيان.“

چيم،”ته پوءِ تون مون کي ايڪسپوز ڪري نه سگهندين. منهنجن خوابن کي، رازن کي وائکو نه ڪندين.“

حيرت وچان پڇيائين،”ڇو؟“

چيم،”اهو ڪم دوستن جو آهي.“ ■

1976

# چورن مٿان مور

اسان جي دوست، سڄڻ ۽ ساٿيءَ سعديءَ جي چوري ٿي وئي آهي. چور سندس گهر مان ريڊيو، ٽيپ رڪارڊ، رڪارڊ پليئر، زيور، ڪپڙا ۽ ڪتاب ٻوهاري ويا آهن. سعديءَ پوليس ۾ رپورٽ ڪئي آهي. خدا شل ڪيس هينئر پوليس کان امان ۾ رکي.

هڪ دفعي اسان جي پياري دوست عامل ڪامل صحافي ڦندڻ جي چوري ٿي ويئي هئي. چور وڏا شاهينگ هئا. ڦندڻ پليٽ ۾ پڪوڙا ڍڪي رکيا هئا. چور ويندي ويندي پاڻ سان پڪوڙن جي پليٽ به کڻي ويا. ڦندڻ ڊوڙ پائي پوليس ٿاڻي تي وڃي رپورٽ لکائي آيو. شام جو هڪ سپاهي سندس گهر تي آيو ۽ پوءِ هيٺين قسم جي گفتگو ٻنهي جي درميان هلي.

”اسلام عليڪم.“

”وعليڪم اسلام.“

”اسان ٻڌو آهي ته توهان جي چوري ٿي آهي.“

”مون ٿاڻي تي رپورٽ لکائي ڇڏي آهي.“

”مان پڻ ان سلسلي ۾ آيو آهيان.“

”حڪم ڪريو.“

”اڄ رات صوبيدار صاحب جانچ تي اوهانجي گهر ايندا.“

”ڀل اچي، مان گهر تي ئي هوندس.“

”صوبيدار صاحب رات جي ماني ۾ ڪڪڙ پسند ڪندو آهي.“

”ڪڪڙ مونکي به وڻندو آهي، پر مان ڪائي نه سگهندو آهيان.“

”جانچ ڪندي صوبيدار صاحب کي جيئن ته ڪافي دير ٿي ويندي، تنهن ڪري ماني توهان وٽ ئي کائيندا.“

”صوبيدار صاحب ماني مون وٽ کائيندو!“

”ها. پر اهو اڪيلو نه هوندو. مشير نامي لاءِ ٻه مشير، ٻه اي ايس آءِ ۽ ٻه سپاهي پڻ صوبيدار صاحب سان گڏ هوندا.“

”هو سيئي ڪڪڙ پسند ڪندا آهن؟“

”ها. گولڊ ليف سگريٽن جا اٺ پاڪيٽ بہ گهرائي رکجانءِ.“

”گولڊ ليف سگريٽ!“

”جاني واڪر، بليڪ ڊاگ يا واٽ 69 جون ڇهہ بوتلون بہ گهرائي وٺجانءِ.“

ڦندڻ پنهنجيءَ پيشانيءَ تان پگهر اُگهيو.

سپاهيءَ چيو”صوبيدار صاحب صبح کان هڪ ٽيڪسي پاڙي تي ڪندو آهي ۽ رات جو جنهن بہ فريادي‌ءَ جي دانهن ٻڌڻ ۽ جانچ ڪرڻ ويندو آهي، تنهن کان ٽيڪسيءَ جو پاڙو پرائيندو آهي. پاڙو وڏيڪ نہ هوندو آهي. بس اهو ئي ڪو بہ اڍائي سئو رپيا ٽيندو آهي.“ *

مونکي خبر ڪونهي، تہ سعدي بہ اهڙي دلچسپ تجربي مان لنگهيو آهي يا نہ. منهنجي دعا آهي تہ خدا شل ڪيس چورن بدران پوليس کان امن ۾ رکي.

اتفاق سان ڦندڻ جو سامان ليي پيو هو. صوبيدار صاحب ڪيس پوليس اسٽيشن تي گهرايو. اتي جيڪا گفتگو هلي سان هن ريت هئي.

”چا هي ٽيپ رڪارڊ توهان جو آهي.“

”ها، ها صوبيدار صاحب. اهو ٽيپ رڪارڊر منهنجو آهي.“

”پڪ؟“

”بلڪل پڪ سائين.“

”هن ٽيپ رڪارڊر جي ٽو وٺ رسيد آهي؟“

”نہ سائين.“

”هن ٽائيپ رڪارڊر جي رسيد ٽو وٺ ناهي!“

”نہ سائين.“

”پوءِ هيءُ ٽيپ رڪارڊر توکي نہ ملندو.“

”چو سائين.“

”ڪهڙي خبر چوريءَ جو هجي.“

”پر سائين. . . .“

”۽ هيءَ ڪينن جي ڪيميرا بہ توهان جي آهي؟“

”ها سائين.“

”هن ڪيميرا جي رسيد اٿئي؟“

”اها ڪيميرا مون جاپان ۾ ورتي هئي.“

”جاپان ۾ ورتي هيئه يا چين ۾. ان سان اسان جو واسطو ناهي. هيءَ ڪيميرا بہ چوريءَ جي ٿي لڳي.“

مون کي خبر ڪونهي تہ سعديءَ کي آخر ۾ ان قسم جي گفتگو سان واسطو پوندو يا هو پنهنجي چوري ٿيل سامان تان هٿ کڻندو!• ■

1976

• ان دور جا ڍہ آڊائي سو رپيا اڄ ڪلهہ جي ڏهہ پندرهن هزار رپين برابر سمجهي سگهجن ٿا.

# آئيندي جو اونو

هڪ دفعي ڦندڻ ۽ مان اونهي سوچ ۾ غلطان هئاسين. اسين پنهنجي آئيندي يعني مستقبل لاءِ فڪرمند هئاسين. لفظي معنيٰ مطابق اسين پنهنجي مستقبل لاءِ فڪرمند نه هئاسين. بس، سمجهو ڪٽي ته اسين ٻئي پنهنجي آئيندي متعلق سوچي رهيا هئاسين.

ڦندڻ چيو"اسين جيئن آهيون، جهڙا آهيون، تهڙا رهنداسين."

پڇيومانس،"اهڙي سياسي بيان لاءِ ڪو دليل به اٿئي، يا فقط ڦڙٻاٽيون وينو هڻين!"

ڦندڻ چيو"خميسو خان جڏهن مڇن جي ساوڪ سان هو تڏهن به الغوزا وڄائيندو هو ۽ اڄ جڏهن هو خضاب استعمال ڪري رهيو آهي، تڏهن به الغوزا وڄائي رهيو آهي."

ڦندڻ کان پڇيم،"لکڻ ۽ الغوزي وڄائڻ جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي؟"

جواب ڏنائين،"لکڻ جو جيستائين طبيعت جي رحجان سان تعلق آهي، تيستائين لکڻ ۽ الغوزي وڄائڻ ۾ ڪو فرق ڪونهي. ٻئي آرٽ آهن."

چيم، "لفظن جي اجائي تگڙمبازي نه ڪر."

ڦندڻ ڪاوڙجي پيو. مون کان پڇيائين،"تون لکڻ کان سواءِ ٻيو ڪهڙو ڪم ڪري سگهندو آهين؟"

وراڻيم، "ڪو به نه."

پڇيائين،"ڇو؟"

جواب ڏنم،" ڇو جو مان ٻئي ڪنهن به ڪم جي لائق نه آهيان."

"سبب؟"

"سبب جي مون کي خبر ڪونهي."

"مطلب ته تون لکڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به ڪم ڪري نه سگهندو آهين."

"ها."چيم، "مان لکڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به ڪم ڪري نه سگهندو آهيان."

"خميسو خان پڻ الغوزي وڄائڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به ڪم ڪري نه سگهندو آهي." ڦندڻ چيو، "اهو طبيعن جو رحجان آهي، جو تون لکڻ کان سواءِ ٻئي ڪم لاءِ بيڪار آهين، ۽ خميسو خان الغوزي وڄائڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڪم لاءِ بيڪار آهي."

ان وقت مونکي پاڪستاني ثقافت جو شو بوائي Show Boy ياد آيو. هو ٽيليويزن تان خميسي خان، عالم لوهار ۽ فيض محمد بلوچ جا پروگرام پيش ڪندو هو ۽ پوءِ ڏسنديئي ڏسندي هو پاڪستان جي چئن صوبن جي ريتن رسمن، تهذيب تمدن، موسيقي ۽ ثقافت جو ٺيڪيدار ٿي پيو. هن وقت هو پاڪستاني ثقافت جو ڏاڏو آدم آهي.

مون ڦندڻ کان پڇيو، "تون لکڻ کان سواءِ ٻيو ڪهڙو ڪم ڪري سگهندو آهين."

نهه پهه جواب ڏنائين، "مان ڪوڙ ڳالهائي سگهندو آهيان."

چيم، "بڪواس پيو ڪرين."

پڇيائين، "ڇو؟"

وراڻيم، "ڪوڙ ڳالهائڻ وارا تو وانگر ٻاڪڙن جي چانهه ۽ لنبي بازار جي ڪپڙن تي گذارو نه ڪندا آهن."

پڇيائين، "ته پوءِ ڪوڙ ڳالهائڻ وارا ڇا ڪندا آهن؟"

"مزا ماڻيندا آهن." جواب ڏنم، "ڪوڙ ڳالهائڻ وارا سچ جي منهن ۾ ڌوڙ وجهي اڳتي نڪري ويندا آهن."

ڦندڻ چيو "مان به اڳتي نڪري ويو آهيان."

پڇيم، "ڇا ۾؟"

جواب ڏنائين، "ڪوڙ ڳالهائڻ ۾."

چيم، "اهو به تنهنجو ڪوڙ آهي."

پڇيائين، "مڃين ٿو نه، ته مان ڪوڙو آهيان."

مون ڪيس جواب نه ڏنو. ■

1976

# محبت ۽ مرڻ

منهنجي پياري دوست ڦندڻ زندگيءَ ۾ لاتعداد محبتون ڪيون آهن. هڪ محبت ۾ ناڪام ٿيڻ کان پوءِ، هو اڻپوري محبت جي تلافيءَ لاءِ هڪ ٻئي محبت ڪري وٺندو آهي. ڦندڻ جي هر ڪا محبت سنجيده نوعيت جي هوندي آهي. پنهنجي گذريل محبت ۾ ناڪام ٿيڻ کان پوءِ هو مون وٽ آيو. چيائين، ”گدڙ دوڪي باز دنيا مان دل کڻي ٿي پيئي آهي. هينئر خودڪشي ڪبي.“

دلداري ڏيندي چيومانس”في الحال خودڪشيءَ جو پروگرام ملتوي ڪر، ۽ مون کي ٻڌاءِ ته ڇوڪريءَ توکي ڇو ٺڪرايو آهي، يا سندس خوفناڪ مامي؟“

ٻه چارٽڏا ساهه کڻڻ کان پوءِ ڦندڻ چيو،”ڇوڪريءَ مون کان ڪجهه سوال پڇيا. مان انهن سوالن جا اطمينان بخش جواب ڏيئي نه سگهيس. ڇوڪريءَ چيو ته تو منهنجن سوالن جا اطمينان بخش جواب نه ڏنا آهن، تنهن ڪري مان مولابخش سان شادي پئي ڪريان.“

پڇيم، ”پوءِ ڇا ٿيو؟“

جواب ڏنائين، ”سڀاڻي گل صنوبر رخشيءَ جي شادي مولابخش سان ٿي رهي آهي.“

مون ڦندڻ کي چيو”وڏو ڪو بيشرم آهين، هڪ ئي مهل ٽن ڇوڪرين سان محبت ڪري رهيو آهين.“

ڦندڻ چيو”گل صنوبر رخشي هڪ ئي ڇوڪريءَ جو نالو آهي.“

ڪجهه دير تائين حيران ٿيڻ کان پوءِ مان جڏهن پريشان ٿي نه سگهيس، تڏهن ڦندڻ کان پڇيم،”گل رخشي صنوبر توکان ڪهڙي قسم جا سوال پڇيا هئا.“

”گل رخشي صنوبر نه يار.“ ڦندڻ احتجاج ڪندي چيو ”هن جو نالو گل صنوبر رخشي آهي.“

”آئي ايم سوري.“ پڇيم”گل صنوبر رخشيءَ توکان ڪهڙي قسم جا سوال پڇيا.“

”هن پڇيو ته سائي ساڙهيءَ تي شام جي وقت ڪهڙي لپ اسٽڪ استعمال ڪبي آهي.“

”تو ڇا چيو؟“

”خاموش رهيس.“

”ٻيو ڇا پڇيائين.“

”پڇيائين ته تفريح لاءِ ميامي بيچ سٺو آهي، يا هوائي.“

”ڪهڙو جواب ڏنوسين؟“

”چيم مون کي خبر ڪونهي.“

”پوءِ ڇا پڇيائين.“

”پڇيائين تہ بنگلي جي ٻاهرين پاسي ڪهڙا رنگ هٽائجن جو اونهاري سياري ٺاهوڪا پيا لڳن.“

”ڇا چيوسين؟“

”چيومانس تہ مان پنهنجي پياري دوست گدڙسان هڪ ڪچي گهر ۾ رهندو آهيان.“

”پوءِ؟“

”پوءِ ڇا!“ ڦندڻ چيو”ناراض ٿي پيئي. چيائين تہ مان هڪ ڪنگلي شاعر، اديب ۽ صحافيءَ سان هرگز محبت نہ ڪنديس ۽ پوءِ هن مونکي صلاح ڏيندي چيو تہ وڃي آئيني ۾ پنهنجي شڪل ڏس.“

پڇيومانس، ”آئيني ۾ شڪل ڏٺئہ.“

”ها، ڏٺم.“ ڦندڻ چيو”ڀڳل آئيني ۾ پنهنجو ڀڳل عڪس ڏٺم.“

پڇيومانس، ”هينئر ڇا سوچيو اٿئي؟“

وارٽيائين،”سوچيو اٿم تہ خودڪشي ڪريان.“

پڇيم،”زهر ڪائي مرندين يا پاڻ کي مٿي ۾ گولي هڻندين؟“

جواب ڏنائين، ”سنڌي ۾ افسانو لکندس. مونکي پاڦهيئي ڦاهي ڏئي ڇڏيندا.“ • ■

1976

• ان دور ۾ سنڌي ليکڪن لاءِ حڪومت رڻ ٻاري ڏنو هو.

# زلزلو

ڏٽي بخش ڏني جو هڪ مامو ڏاهو آهي. ڏاڍو مشهور آهي. ماڻهن جا مسئلا حل ڪندو آهي. ڳجهارتون سليندو آهي، پوشيده رازن تان پڙدو کڻندو آهي. مطلب ته ڏٽي بخش ڏني جو مامو غضب جو ڏاهو آهي.

هيءَ ڪالهوڪي آهي.

ڏٽي بخش ڏنو مون وٽ آيو. چيائين، ”جاتيءَ ۾ ڌرتيءَ جو ڏبڻ پراسرار راز ٿي پيو آهي تنهن ڪري ماما ڏاهي کان ان آفت بابت ڪا معلومات هلي هٿ ڪجي.“

مون ڏني کان پڇيو ”تنهنجو مامو جيالاجسٽ آهي ڇا؟“

ڏني وراڻيو ”منهنجو مامو جيالاجسٽن جو بابو آهي.“

چيم، ”ان جو مطلب آهي ته سيئي جيالاجسٽ تنهنجا ماروٽ آهن!“

”بڪواس بند ڪر.“ ڏني مونکي مڪ ڏيکاريندي چيو ”سڏو ٿي ماما ڏاهي ڏانهن هل، ملڪ پيو ڏبي ۽ توکي اچي مشڪريءَ ڪنيو آهي.“

اسين مڪن کان اهڙو ته هيسجي ويا آهيون، جو جيڪو صاحب هڪ مڪ ڏيکاريندو آهي، تنهن صاحب جي سلامي پريندا آهيون. جيڪو صاحب مڪ الاريندو آهي، تنهن صاحب سان سچار ٿيندا آهيون ۽ چيلن وانگر سندس ڪڍ لڳندا آهيون. ڏٽي بخش ڏني مونکي نه فقط مڪ ڏيکاري بلڪ هن مونتي مڪ اُلر پڻ ڪئي. منهنجي لاءِ ٻي ڪا واهه نه هئي، مان ڏني سان گڏ سندس ڏاهي مامي وٽ ويس.

ڏني پنهنجي ڏاهي مامي کي سربستو احوال ڏيندي چيو ”ماما، جاتيءَ جي ڌرتي پئي ڏبي. ڪو الاهي اسرار آهي، يا ٻيو ڪو سبب آهي. اسان کي ڪا خبر نه آهي. تون ڏاهو آهين. ڌرتيءَ ۾ آسمان جي رازن کان واقف آهين. تنهن ڪري انهن ماهرن جي مدد ڪر، جيڪي جاتيءَ ۾ ڌرتيءَ ڏبڻ جو راز ڪراچيءَ جي ايئرڪنڊيشن ڪمرن ۾ ويهي هٿ ڪري رهيا آهن.“

مامي غور سان ڏني ڏانهن ڏسندي پڇيو،”تنهنجي ساليانې تقرير ختم ٿي، يا اڃا جاري رهندي؟“
ڏني ڪياڙي کنهندي چيو ”منهنجي تقرير ختم ٿي.“
ڏاهي مامي مون ڏانهن ڏسندي چيو ”جاتيءَ جي زلزلي جو راز ڪو پيچيده ناهي، صاف ظاهر آهي.“
”سو وري ڪيئن ماما؟“ ڏني حيران ٿيندي پڇيو.
ڏاهي مامي غور سان مون ڏانهن ڏسندي چيو،”جنهن شهر ۾ هيءُ رڇ رهندو، تنهن شهر ۾ زلزلو نه ايندو، ته ڇا گلاب جو مينهن وسندو!“

”پر هيءُ جاتي ۾ نه رهندو آهي.“ ڏني منهنجي وڪالت ڪندي چيو ”هيءُ شخص ڏسڻ ۾ برابر رڇ جهڙو آهي. پر اصل ۾ گدڙ آهي. اسين سڀئي کيس گدڙ سڏيندا آهيون.“
”ها ماما، ڏنو سچ پيو چوي،“ چيم،”اهو قدرت جي ڪارخاني جو ڪارنامو آهي جو مان شڪل شبيهه مان ته رڇ لڳندو آهيان، پر سيني ۾ دل گدڙ جي ڌاريندو آهيان.“
ڏاهي مامي مون ڏانهن چتائي ڏٺو ۽ پوءِ پڇيو،”ته ڇا، تون اهو شخص آهين جنهن سان دنيا جي ڪا به عورت محبت نه ڪندي آهي، ۽ دنيا جو ڪو به مرد دوستي نه رکندو آهي.“
”تو نيڪ مونکي سڃاتو آهي.“ مون ڏني جي مامي کي چيو ”تون سچ پچ ڏاهو آهين.“
ڏني چيو ”پر ماما، اسين توکان گدڙ جي باري ۾ نه، پر جاتيءَ جي زلزلي جي باري ۾ پڇڻ آيا آهيون.“

ڏاهي مامي چيو ”ابا، جتي عصمتن جا سودا ٿين، ۽ عزتن جا جنازا نڪرن، جتي سمگلر عزت جي زندگي گذارين ۽ عالم هيڊ ڪانسٽيبلن کان ڊڄندا وتن، اتي زلزلا نه ايندا ته ڇا رحمت جا فرشتا ايندا!“
”اوهو، تو غلط اندازو لڳايو آهي ماما.“ ڏني چيو ”اسين ڪراچي ۽ لاهور جي باري ۾ نه پيا ڳالهايون . اُتي زلزلو نه آيو آهي . زلزلو جاتيءَ ۾ آيو آهي .“
”ته ڇا، جاتيءَ ۾ ڪا به نائيٽ ڪلب ڪونهي؟“
”نه ماما“

”جاتيءَ ۾ ساقي خانه ۽ جوا جا اڏا نه آهن؟“
”ايڪڙ ٻيڪڙ هوندا. پر ڪراچي، لاهور، حيدرآباد ۽ راولپنڊيءَ جي ڀيٽ ۾ نه هئڻ جي برابر هوندا.“

”جاتيءَ ۾ جاهل سرمائيدار ادبي انجمنن جا صدر نہ ٿيندا آهن ڇا؟“

”نہ ماما.“

”پلا جاتيءَ ۾ ڀاڳيا لاکبن ۽ جيلن ۾ ۽ چور ڌاڙيل آزاد نہ گهمندا آهن ڇا؟“

”ايڪڙ ٻيڪڙ پر وڏن شهرن جي مقابلي ۾ گهٽ.“

ڏٽي بخش ڏني جو مامو سوچ ۾ پئجي ويو. ڪجهہ دير  ڪان پوءِ هن چيو، ”مان سمجهان ٿو حساب ڪتاب ۾ ڪا گڙٻڙ ٿي ويئي آهي. زلزلو ڪراچي، لاهور، حيدرآباد يا راولپنڊيءَ ۾ اچڻ گهربو هو. پر ڪمپيوٽر جي خرابيءَ سبب زلزلو جاتيءَ ۾ آيو آهي. ان ۾ گهٻرائڻ جي ڳالهہ ناهي. جيئن ئي ڪمپيوٽر ٺيڪ ٿيندو، جاتيءَ ۾ زلزلا اچڻ بند ٿيندا ۽ وڏن شهرن ۾ زلزلا شروع ٿيندا!“ ■

1976

# پنهنجو علاج پاڻ ڪجي

ميرپورخاص ۾ ڪجهه غنڊن ديده دليريءَ سان ڇوڪرين کي زخمي ڪرڻ شروع ڪيو آهي. ڪنهن تيز ڌار واري هٿيار سان شاگردياڻين کي ڇهڪ هڻي هليا ٿا وڃن. ميرپورخاص جي پوليس ملڪ جي سموري پوليس جي پيروي ڪندي خاموش آهي. تماشائي آهي. اها قانون جي بالادستي آهي. جيستائين ٿاڻي تي وڃي رپورٽ نه لکرائبي، تيستائين پوليس ڪجهه ڪري نه سگهندي. اهو انگريز بهادر جو قانون آهي جيڪو هو اسان لاءِ ڇڏي ويا آهن.

اخبارن ۾ ميرپور خاص جي غنڊن جون خبرون پڙهي مونکي هڪ پراڻو واقعو ياد آيو آهي. اسان جي پاڙي ۾ هڪ غنڊو ايندو ويندو رهندو هو ۽ سموري پاڙي تي رعب رکندو. شاگردن جي ٻانهن مان واچون لاهي ويندو هو. سنڌن کيسن مان پئسا ڪڍي ويندو هو. هو اڪيلو نه ايندو هو. پاڻ سان ٻه چار چمچا وٺي ايندو هو. پاڙي وارن جو ساهه مٺ ۾ هوندو هو. شاگردياڻيون ڊپ وچان اسڪول ۽ ڪاليجن ڏانهن وڃي نه سگهنديون هيون. اسان جي ملڪ جي پوليس خدا جي فضل سان فقط لائي چارج ڪري سگهندي آهي. ٻيو ڪجهه به نه. (باقي سينسر) اُهي غنڊا ڇاتيون کولي اسان جي پاڙي ۾ گهمندا وتندا هئا ۽ ريڙهين وارن کان ڀُنڊيريون وٺي کائيندا هئا، شربت پيئندا هئا ۽ سگريٽون ڇڪيندا هئا.

مونکي انهن غنڊن کان ڊپ لڳندو هو. خاص ڪري سنڌن سردار کان منهنجو روح فنا ٿيندو هو. اسان کي ننڍپڻ کان ذهن نشين ڪرايو ويو هو. (۽ آهي) ته غنڊا خطرناڪ ٿيندا آهن. پوائتا ٿيندا آهن، ننڍپڻ جو خوف دل ۾ گهر ڪري ويو هو. انهن غنڊن جي ڪري اسان جي پاڙي مان ڪيترن گهرن لڏپلاڻ جو پروگرام تيار ڪري ورتو هو. هنن ٻين پاڙن ۾ جايون هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪيون هيون.

مون پنهنجي پهلوان دوست فدا حسين سان ان باري ۾ ذڪر ڪيو. فدا حسين مونکان پڇيو ”توکي ڪيتريون ٻانهون آهن؟“

چيم، ”ٻه“ .

پڇيائين، ”غنڊن کي گهڻيون ٻانهون آهن.“

وراڻيم، ”ٻه.“

”توکي ڪيتريون ٽنگون آهن؟“

”ٻه.“

”۽ غنڊن ڪي؟“

”ها.“

”غنڊا پاڙي ۾ ڪيترا هوندا آهن؟“

”پنج يا ڇهه.“

”توهين پاڙي ۾ ڪيترا هوندا آهيو. فقط نوجوان.“

”چاليهارو ڪن.“

”ماني کائيندا آهيو؟“

”ها.“

”صحتمند آهيو يا بيمار؟“

”صحتمند ـ تندرست ۽ توانا آهيون.“

فدا حسين پڇيو، ”تہ پوءِ توهين گڏجي انهن غنڊن کي موچڙا ڇو نہ ٿا هڻو؟“

ان کان پوءِ فدا حسين مونسان گڏ اسان جي پاڙي ۾ آيو. انهن غنڊن جي سامهون وڃي بيٺو. وات مان اکر اکلڻ بدران غنڊن جي سردار کي منهن تي ڀرپور چماٽ وهائي ڪڍيائين. اهو ڏينهن، اهو شينهن، وري ڪو غنڊو اسان جي پاڙي ۾ نظر نہ آيو.

غنڊن جي نفسيات تمام سادي ۽ سولي ٿيندي آهي. جڏهن غنڊي سان مقابلو ڪبو آهي، تڏهن غنڊو ڀڄي جان بچائيندو آهي.

اها عجب جهڙي ڳالهہ آهي جو ميرپورخاص جي شاگردياڻين جا مٽ مائٽ ناهن ۽ هو غنڊن جي رحم و ڪرم تي اسڪول ۽ ڪاليج وڃي رهيون آهن يا ايئن ٿي سگهي ٿو تہ ميرپورخاص جو سمورو شهر غنڊن جو شهر ٿي ويو آهي ۽ شريف ماڻهو پنهنجي پاڇي کان ڇرڪندا، شهر ڇڏي هليا ويا آهن ورنہ ڪو سبب ڪونهي جو ڪجهہ غنڊا اهڙي نموني نياڻين کي ڇهڪ ڏيڻ جي همٿ ڪري سگهن. اهڙن موقعن تي اپيلن تي مونکي کل ايندي آهي.

بابلا، سڀ ڪم حڪومت تہ نہ ڪندي،ڪجهہ ڪم پاڻ بہ ڪبا آهن. سوڙهي بوٽ مان حڪومت اوهان جي جند نہ ڇڏائيندي. پير توهان جو پنهنجو آهي. سوڙهو بوٽ اوهان جي پير ۾ آهي. ٻيو ڪو توهان جي پير مان سوڙهو بوٽ لاهي، توهان کي عذاب کان آجو ڪري نہ سگهندو. سوڙهو بوٽ پاڻ لاهبو آهي. ■

1976

# ڪَلَ

فدا حسين ڦودني موجوده صديءَ جي سڀ کان اهم خبر ٻڌائيندي چيو”اسان جي شهر ۾ هڪ اهڙو واپاري آيو آهي جنهن وٽ مختلف جانورن جون کلون آهن. ماڻهو ڪائنس ضرورت ۾ گهرج آهر کلون وٺي رهيا آهن.“

”ماڻهن جي ڳالهه نہ ڪر، تون پنهنجي ڳالهه ڪر.“

مون ڦودني کان پڇيو”تون بہ ڪنهن جانور جي کل وٺي پائڻ جي موڊ ۾ آهين ڇا!“

ڦودني چيو ”اسان ٻنهي کي ڪنهن نہ ڪنهن جانور جي کل وٺي پائڻ گهرجي.“

پڇيم،”ڪهڙي خيال کان؟“

جواب ڏنائين،”پنهنجي کل بچائڻ جي خيال کان.“

ڦودني جي ڳالهه مونکي دل سان لڳي. مون سوچيو پنهنجي کل بچائڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسين ظاهري طرح ٻي ڪا کل پائي ڇڏيون.

مون فدا حسين ڦودني کان پڇيو”واپاريءَ وٽ ڪهڙن ڪهڙن جانورن جون کلون آهن؟“

”ٻڌو اٿم سيهڙ کان کان وٺي شينهن تائين هر هڪ جانور جي وٽس کل آهي.“ ڦودني چيو”منهنجو خيال آهي تہ پاڻ واپاريءَ سان ملي هن جي مشوري ۾ صلاح سان ڪا کل خريد ڪريون.“

فدا حسين ڦودنو ۾ مان واپاري ڏانهن وياسين. هن وٽ مختلف جانورن جون کلون ڏسي منهنجو عقل چرخ ٿي ويو. هن وٽ هڪ کل واڳوءَ جي بہ هئي!

هن مختلف جانورن جون کلون ڏيکاريندي چيو”هيءَ کل لومڙ جي آهي. هيءَ کل اڄ ڪلهہ ماڻهن ۾ مقبول ناهي.“

پڇيم،”ڇو؟“

جواب ڏنائين.”لومڙن پنهنجون کلون لاهي، سيهڙن جون کلون ڪٺي پائي ڇڏيون آهن. هو ڪم لومڙن واري مڪاريءَ جا ڪندا آهن، پر لڳندا سيهڙ آهن.“

چيم، ”واهہ جا ڳالهہ ٻڌائي اٿئي.“

هن ڦودني کي چيو ”تون پولڙي جي کل وٺي پائي ڇڏ. سستي ڏيندو مانءِ.“

”يار ڪمال ٿو ڪرين!“ ڦودني چيو”مان پولڙي جي کل ڇو پايان.“

واپاريءَ چيو.” پولو نقل ڪري سگھندو آهي، سوچي نہ سگھندو آهي. اڄ ڪلهہ انهن جو قدر آهي جيڪي نقل تہ ڪري سگھندا، پر سوچي نہ سگھندا آهن.“

مون ڦودني کي چيو ”واپاري نيڪ پيو چوي، تون پولڙي جي ڪل وٺي پائي ڇڏ. ڏاڍو ڀانءِ پوندين.“

ڦودني مون کان پڇيو ”تون ڪهڙي جانور جي ڪل وٺندين؟“

چيم، ”مان ڪنهن اهڙي جانور جي ڪل وٺي پائيندس جنهن جي پائڻ سان مان وفادار نظر اچان.“

”تون نيڪ پيو چوين.“ ڦودني واپاريءَ کي چيو”منهنجي هن دوست تي الزام آهي تہ هي غدار آهي، وفادار ناهي. تون کيس ڪنهن اهڙي جانور جي ڪل ڏي جنهن جي پائڻ کان پوءِ هيءُ وفادار نظر اچڻ لڳي.“

واپاري چيو ”مون وٽ هڪ ڪتي جي ڪل آهي.“

”ڇا،“ مون کان رڙ نڪري ويئي.

واپاريءَ چيو”دنيا ۾ سڀ کان وفادار جانور ڪتو آهي. جنهن ڪتي جي ڪل مان توکي وڪڻي رهيو آهيان. تنهن ۾ هڪ اهڙو پڇ بہ لڳل آهي جيڪو خوامخواهہ لڏندو رهندو آهي.“

ڦودني سڙٻاٽن ۾ چيو ”اهڙي ناياب ڪتي جي ڪل وٺي پائڻ کان پوءِ تون پنهنجي ڪل سولائيءَ سان بچائي سگھندين.“ ■

1976

# درٻارين جو معاشرو

اسان جو معاشرو بنيادي طرح درٻارين جو معاشرو آهي، اهڙي معاشري ۾ مون درٻار ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. پر مونکي صحيح معنيٰ ۾ درٻار نظر نہ آئي. مان حيران ٿيس. درٻار کان سواءِ درٻارين جي موجودگي سمجهہ ۾ نہ پئي آئي. دل ٻڌايو پئي تہ درٻارين ۽ خوشامندڙين جي معاشري لاءِ ڪٿي نہ ڪٿي، ڪا درٻار ضرور هوندي.

درٻارين لاءِ ڪنهن درٻار جو هئڻ ائين لازمي آهي، جيئن عابدن ۽ پوڄارين لاءِ مسجدون ۽ مندر. مون گهٽي ڳولا ڪئي. درٻار نظر نہ آئي، مان مايوس ٿي پيس. اهو صحيح آهي تہ حساب ڪتاب ۾ جڏو آهيان. مون کي ڪيترا دفعا جاسوسي ڪرڻ لاءِ آڇ ٿي آهي. پر مون قبول نہ ڪئي. مان شرلاڪ هومز جو رقيب واٽسن نہ آهيان. مان هڪ ديسي اخبار جو ديسي ڪالمسٽ آهيان ۽ پرديس وڃڻ لاءِ سانپاها ڪري رهيو آهيان.

پنهنجي درٻاري معاشري لاءِ درٻار جي ڳولا ۾ ناڪام ٿيڻ کان پوءِ مون آپگهات ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پر ان کان اڳ جو مان خودڪشيءَ ڪريان، منهنجي جگري دوست ڏٽي بخش ڏني منهنجي لاءِ چئن هفتن جي تربيتي ڪورس جو بندوبست ڪيو ۽ چيو تہ ان ڪورس ۾ تربيت وٺڻ کان پوءِ مون تي پنهنجي معاشري جي درٻارين ۽ سندن درٻارن جو راز کلي پوندو.

ڏٽي بخش ڏني طرفان آڇيل تربيتي ڪورس ۾ سکيا وٺڻ کان پوءِ مون تي درٻارين ۽ درٻارن جو راز عيان ٿي پيو آهي.

اوهين ڪنهن ڪم سانگي ڪنهن آفيس ۾ تہ ضرور ويا هوندا! آفيس ۾ پٽيوالو ڪلارڪ جي خوشامد ڪندو آهي. ڪلارڪ، اسسٽنٽ جي خوشامد ڪندو آهي. اسسٽنٽ، سپرنٽينڊنٽ جي خوشامد ڪندو آهي. سپرنٽينڊنٽ سيڪشن آفيسر جي خوشامد ڪندو آهي. ڊپٽي سيڪريٽري جي خوشامد ڪندو آهي. ڊپٽي سيڪريٽري جوائنٽ سيڪريٽري جي خوشامد ڪندو آهي. جوائنٽ سيڪريٽري وري ايڊيشنل سيڪريٽري جي خوشامد ڪندو آهي ۽ ايڊيشنل سيڪريٽري وري سيڪريٽريءَ جي خوشامد ڪندو آهي.

مٿيون سلسلو جيڪڏهن ڪنهن صوبي ۾ مروج آهي، تہ پوءِ سيڪريٽري صاحب ويچارو چيف سيڪريٽري جي خوشامد ڪندو آهي ۽ چيف سيڪريٽري؟ ڇڏيو ان ڳالهہ کي. اجايو وري نہ ڪنهن

ڏچي ۾ پئجي وڃان. مسين مسين تہ هٿ پير ٻڌي مصيبتن مان جند ڇڏائي اٿم!.

صاحبلوڪن جا ڪجهہ ملازم وڏي لئہ رکندا آهن. خدا جي خلق صاحبلوڪن جي اهڙن ملازمن جي خوشامد ڪندي آهي. صاحبلوڪن جا ڊرائيور يعني شوفر خاص شيءِ ٿيندا آهن. هو صاحبلوڪن لاءِ جاسوسي ڪندا آهن ۽ صاحبلوڪ سندن ڳالهہ تي خاص طور سان ڌيان ڏيندا آهن. اهو جو اوهين هفتي ڏيڍ ڪان پوءِ ڪنهن جي ڊسمس يا سسپينڊ ٿيڻ جي خبر پڙهندا آهيو تہ ان خبر پٺيان اصل ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ڊرائيور يا بورچيءَ يا اردليءَ جو هٿ هوندو آهي.

خوشامد جو ڪو ڇيهہ ڪونهي. خوشامند درٻارين جو ورثو آهي. اسان جون آفيسون اصل ۾ درٻارون آهن، جتي موجود هرڪو شخص ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ درٻاريءَ جو ڪردار ادا ڪندو آهي. جيڪو شخص درٻاري ٿيڻ قبول نہ ڪندو آهي ۽ معاشري سان ويڙهہ ڪائيندو آهي، تنهنڪي، درٻارين جي معاشري ۾ Misfit سڏيو ويندو آهي. ■

1976

# مرڻ بہ مشڪل آهي

هيءَ آتم ڪٿا منهنجي ناهي. هيءَ آتم ڪٿا منهنجي پياري دوست ڏٽي بخش ڏني جي آهي. ٽيڻ تہ ائين گهرجي ها، جو اڄوڪو ڪالم ڏٽي بخش ڏنو لکي ها ۽ پنهنجي آتم ڪٿا بقلم خود اوهان کي ٻڌائي ها. پر، هن ائين نہ ڪيو آهي. هن مون کي اختيار ڏنو آهي تہ مان سندس آتم ڪهاڻي ڪالم ذريعي اوهان تائين پهچايان. ڏٽي بخش ڏني جي آتم ڪهاڻي ٻڌائڻ کان اڳ مان واضح ڪرڻ گهران ٿو تہ اڄوڪي ڪالم ۾ جيترا بہ ڪوڙ ۽ گسا هنيل آهن، سي منهنجا ناهن. مان پهرين جملي ۾ ئي عرض ڪري چڪو آهيان تہ هيءَ آتم ڪٿا منهنجي ناهي. هيءَ آتم ڪٿا ڏٽي بخش ڏني جي آهي. تنهن ڪري اڄوڪي ڪالم ۾ گسن لاءِ ذميوار ڏٽي بخش ڏنو آهي.

ڪجهہ ڏينهن اڳ جي ڳالهہ آهي. ڏٽي بخش جي دل دنيا مان ڪتي ٽي پيئي هئي. اسين حيران نہ ٿياسين. ڏٽي بخش جي دل اڪثر دنيا مان ڪتي ٽي پوندي آهي ۽ هو دنيا مان ڪوچ ڪرڻ جون ڳالهيون ڪندو آهي. گذريل دفعي پڻ هن دنيا مان ڪوچ ڪرڻ جو ذڪر ڪيو. چيو هئائين، "يار گدڙ دنيا ڏک ڏنا آهن. هينئر سچ پچ دنيا مان ڪوچ ڪبو."

دنيا مان ڪوچ ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪري ڏٽي بخش ڏنو اڌ رات ڌاري گهر مان ٻاهر نڪتو. هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ رستن تي رلندو رهيو پر دنيا مان ڪوچ ڪرڻ جي ڪا واٽ ڪيس نظر نہ آئي. هن ڪجهہ ماڻهن کان دنيا مان ڪوچ ڪرڻ جي راهہ جو ڏس پتو پڇيو. هنن ڪيس چريو سمجهيو ۽ مٺس ڪلندا هليا ويا. ڪجهہ ڄڻن ڪيس پٿر بہ هڻي ڪڍيا.

ڏني کي جڏهن دنيا مان ڪوچ ڪرڻ جي واٽ هٿ نہ آئي، تڏهن هو بيحد اداس ٿي پيو. هو هڪ وڻ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو. اهو وڻ اتفاق سان ناريل جو وڻ هو. هوا جو جهوٽو آيو. هڪ ناريل ڇڏائجي سڌو اچي ڏٽي بخش کي ٽڪڻ تي لڳو. ڏٽي بخش جا ماشا چرخ ٿي ويا. ڪيس اکين آڏو ترورا تري آيا. پوءِ اوچتو ترورن مان هڪ شخص نمودار ٿيو. هن ڏني کان پڇيو. "تون ڪير آهين ۽ ناريل جي وڻ هيٺان ڇا پيو ڪرين؟"

ڏني وراڻيو "منهنجو نالو ڏٽي بخش ڏنو آهي. مان گدڙ جو سنگتي آهيان. دنيا مان ڪوچ ڪرڻ جا سانپاها ڪري گهر کان نڪتو آهيان، پر دنيا مان ڪوچ ڪرڻ لاءِ ڪا واٽ هٿ نہ ٿي لڳي. بس، ساڻو ٿي ناريل جي وڻ هيٺان ويهي رهيو آهيان."

اجنبي شخص ڏني کان پڇيو ”مرڻ چاهين ٿو؟“

”ها.“

”ته پو ڪوچ ڪرڻ جون ڳالهيون ڇو پيو ڪرين؟“

”ان ڪري جو خودڪشي ڪرڻ گناهه آهي.“

”ته پوءِ ڪوچ ڪرڻ چاهي؟“

”خودڪشيءَ جو جنرڪ نالو آهي. ان نالي تي ڪنهن کي به اعتراض نه ٿيندو آهي.“

”مطلب ته تون مرڻ چاهين ٿو!“

”ها، مان مرڻ چاهيان ٿو.“ ڏني ان شخص کان پڇيو ”پر تون ڪير آهين اي اجنبي شخص؟“

”مان ملڪ الموت جو ايجنٽ آهيان.“

”ڇا تون ٽرڪ ڊرائيور آهين؟“

”نه.“

”ته ڇا، تون ڪنهن اسپتال جو ڊاڪٽر يا سرجن آهين؟“

”نه.“

”سپر هاءِ وي آهين؟“

”نه.“

”ته پوءِ تون ڪيئن ملڪ الموت جو ايجنٽ آهين؟“ ڏني اجنبيءَ کان پڇيو ”ڇا تو وٽ ايجنسيءَ جو سرٽيفڪيٽ آهي؟“

ملڪ الموت جي ايجنٽ وراڻيو ”تنهنجو مطلب مرڻ سان آهي يا منهنجي انٽرويو سان؟“

ڏني وراڻيو ”مرڻ سان.“

ملڪ الموت جي ايجنٽ چيو ”اهو ڪم منهنجو آهي.“

”ته پوءِ مون کي ماري ڇڏ.“

”مرڻ ايتري قدر سولو ته نه آهي ان لاءِ ڪاغذي ڪارروائيءَ جي ضرورت رهندي آهي.“

”ڪهڙي قسم جي ڪاغذي تياري!“

”ڪنهن جي چٺي چپاٽي آندي اٿئي؟“

”مون تنهنجو مطلب نه سمجهيو ايجنٽ صاحب.“

”منهنجو مطلب آهي، سفارش آندي اٿئي؟“

”ڇا جي؟“

”مرڻ جي.“

”نہ.“

”مون کي افسوس آهي تہ مان توکي ماري نہ سگهندس.“

ڏنو ڏاڍو پريشان ٿيو. ملڪ الموت جي ايجنٽ کي ايلاز ڪندي چيائين، ”مون کي ماري ڇڏ سائين.“

ملڪ الموت جي ايجنٽ وراڻيو ”سفارش کان سواءِ تنهنجو ڪم نہ ٿيندو.“

ڏني چيو ”پر مان تہ مرڻ چاهيان ٿو!“

ملڪ الموت جي ايجنٽ وراڻيو ”پيارا، مرڻ لاءِ بہ ڪنهنجي نہ ڪنهنجي سفارش آڻڻي پوندءِ. پوءِ مري سگهندين!“ ■

1976

# جديد دور ۾ روزو رکڻ ۽ کولڻ

هن رمضان ۾ اسان ڏٽي بخش ڏني کي روزو رکندي ڏٺو. حيران ٿياسين. سڀئي سنگتي وفد جي صورت ۾ ڏني جي گهر وياسين. ڏني کان پڇيوسين، ”ڏنا، ڪر خبر، تو ڪڏهن کان روزا رکڻ شروع ڪيا آهن؟“

ڏني وراڻيو، ”جڏهن کان جديد دور جون سهولتون مون کي ميسر ٿيون آهن.“

فدا حسين ڦودني ڪائنس پڇيو،”جديد دور جي سهولتن جو روزي سان ڪهڙو تعلق آهي.“

وراڻيائين، ”وڏو تعلق آهي.“

”ڪيئن؟“ ڪنهن ڪائنس پڇيو.

جواب ڏيڻ بدران اسان کان پڇيائين،”توهين ملعون روزو رکندا آهيو؟“

جواب مليس،”رتو چواڻي اسين ملعون آهيون. ملعون روزو نه رکندا آهيون.“

ڏني چيو”توهين ملعون جيڪڏهن روزو رکڻ جو ارادو ڪريو ته پوءِ مان اوهان ملعونن کي روزي رکڻ ۽ کولڻ جا جديد طريقا سمجهائڻ لاءِ تيار آهيان.

اسان سڀني هڪٻئي ڏانهن ڏٺو.

ڏني چيو”اجايو حيران نه ٿيو. جديد طريقن مطابق روزي رکڻ ۽ کولڻ سان ڪنهن به قسم جي تڪليف نه ٿيندي آهي. بک نه لڳندي آهي. ڪمزوري به نه ٿيندي آهي. روزيدار کي اصل خبر ئي نه پوندي آهي ته هن روزو رکيو به آهي، يا نه. بلڪل نوبنو رهندو آهي.“

”واهه!“ فدا حسين چيو. ”روزي جو روزو. ثواب جو ثواب. ۽ مزي جو مزو!“

اسان منجهان ڪنهن چيس،”اسان ملعونن کي ملعونن وانگر روزي رکڻ ۽ کولڻ جا طريقا سمجهاءِ، ڏنا.“

”اول پنهنجو جملو واپس وٺو.“ ڏني چيو.”توهان اڻ سڌي طرح مونکي ملعون سڏيو آهي. مان توهان کي روزي رکڻ ۽ کولڻ جا جديد طريقا هرگز نه سمجهائيندس.“

”اسين پنهنجو جملو واپس وٺون ٿا.“ يڪ آواز چيوسين. ”اسان کي روزي جي سعادت کان محروم نه ڪر، ڏنا. اسان کي روزي رکڻ جا جديد طريقا سمجهاءِ.“

ڏني اسان ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ چيو”ڪئيڪروٽ، يعني جَوَ نهايت طاقتور ٿيندا آهن. ۽ گهوڙن کي

ڪارائيندا آهن. روزي رکڻ مهل انسان جيڪڏهن ڪئيڪروٽ يعني جَوَ ڪير ۾ پچائي ۽ مٿان ملائي وجهي ڪائي، تہ سڄو ڏينهن ڪمزوري محسوس نہ ڪندو.“

حيرت وچان پڇيوسين، ”فقط جَوَ ڪير ۾ ملائي!“

ڏني وراڻيو”وٽامن سي، ۽ وٽامن بي ڪمپائونڊ جون گوريون بہ روزي رکڻ مهل ڪائي ڇڏڻ گهرجن. پر ياد رکجو تہ وٽامن جون گوريون کائڻ کان اڳ چار بيدا کائڻ نہ وسارجو. بيدا خالي پيٽ تي نقصان ڪندا آهن. تنهن ڪري، سڄي ڏينهن گيهہ وارن گهٽ ۾ گهٽ ٻن اقراٽن سان کائڻ گهرجن. اهڙي طرح روزي رکڻ کان پوءِ اوهان کي تِر جيتري بہ بک نہ لڳندي.“

پڇيوسينس، ”۽ روزي کولڻ جو طريقو ٻڌاءِ، ڏنا.“

”روزي کولڻ مهل اهڙيون ڪارڪون کائڻ گهرجن، جن ۾ باداميون پيل هجن، ۽ ککڙيون نڪتل هجن. گوشت، ڪڪڙ، مڇي وغيره تہ اوهين عام طرح روزي کولڻ وقت استعمال ڪندا آهيو. پر جديد دور جي طريقن مطابق اوهان کي ميوي ۽ پڊنگ، ڪسٽرڊ ۽ ڪير ۾ پسايل جليبن تي خاص ڌيان ڏيڻو پوندو.“ ڏني چيو”روزي کولڻ لاءِ حڪيمن روح کي راحت ڏيڻ وارا طاقتور شربت تيار ڪيا آهن. ان کان سواءِ گلوڪوز بہ سٺي شيءَ آهي.“

هڪدم چيوسين، ”اسين ملعون روزو رکڻ لاءِ تيار آهيون، ڏنا.“

ڏني چيو ”پنهنجي گهر ڪاڏو ڪڏهن هانوَ تي چڙهي پوندو آهي.“

پڇيوسينس، ”تہ پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي.“

”اوهين پاڻ ۾ افطار پارٽين جو سلسلو شروع ڪيو.“ ڏني مون ڏانهن اشارو ڪندي چيو ”هڪڙي ڏينهن گڏڙ افطار پارٽيءَ جو بندوبست ڪري، ٻئي ڏينهن قودنو ۽ ٽئين ڏينهن قندڻ.“

”۽ تون؟“ مون ڏني کان پڇيو.

ڏني وراڻيو ”مان وري اهڙي ثواب کان ڪيئن ڪنڌ ڪيرائيندس.“ ■

1976

# ٻڪرءِ مان

ڪالهه شام ميڪيلوڊ روڊ • تان لنگهندي هڪ ٻڪر ڏٺم. ٻڪر بدن ۾ پورو پنو هو ۽ سندس سڱ ننڍڙا ۽ ڪاتن جهڙا هئا. رنگ عام رواجي ٻڪرن جهڙو هوس. چنهنبائي، تکن ۽ ڪاتن جهڙن سڱن کان سواءِ ظاهري طرح مونکي ان ٻڪر ۾ ڪا بہ نمايان خصوصيت نظر نہ آئي. ڪيس پريس ٽرسٽ بلڊنگ جي ٻاهران بيگانن وانگر بيٺل ڏسي، مان بيهي رهيس. ۽ ڪجهہ ڪجهہ اچرج وچان ڏانهس ڏسڻ لڳس.

ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ ڪنهن ٻڪر جو سڙڪن تي بنا مالڪ جي بيگانن وانگر نظر اچڻ، حيرت انگيز منظر آهي، هن شهر مان بيگانا ماڻهو تہ ڇڏيو بيگانا فرشتا بہ ڪجي ويندا آهن! اهڙي شهر ۾ هڪ ٻڪر جو ميڪليوڊ جهڙي رستي تي بيگانن وانگر نظر اچڻ، مونکي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو.

بجليءَ جي ٿنڀي کي ٽيڪ ڏيئي مان ٻڪر ڏانهن ڏسڻ لڳس. ٻڪر هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ کان پوءِ بينيازيءَ سان هلندو منهنجي پاسي ۾ اچي بيٺو. مون دل ۾ سوچيو تہ هن ٻڪر پڪ مونکي پنهنجو مائٽ سمجهيو آهي، تنهن ڪري منهنجي پاسي ۾ اچي بيٺو آهي! مون کيس کيڪاريندي چيو"مائٽ، خوش تہ آهين نہ!"

ٻڪر ڪرڙي اک سان مون ڏانهن ڏٺو. پوءِ پڇيائين، "تون ان شخص جو دوست آهين نہ جنهن جي زال بيحد بندري، ۽ بيحد ٿلهي آهي؟"

"ها." وراڻيم،"مان فدا حسين ڦودني جو دوست آهيان."

"مون کي هن جي تلاش آهي." ٻڪر چيو"مان ڦودني کي ماريندس."

مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ٻڪر کان پڇيم. "ڦودني تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي، جو هن جي ڪڍ ڪُر ڏوئي پيو آهين؟"

ٻڪر وراڻيو "هن مون کي عضحيٰ واري عيد تي پنهنجي بيحد ٿلهي ۽ بيحد بندري زال جي نالي ۾ قربان ڪرڻ لاءِ خريد ڪيو هو. اها ڪا اشرافت آهي!"

چيم،"قرباني ڪرڻ تہ ثواب آهي."

"تون سمجهين ٿو تہ قيامت ڏينهن ڦودني جي پوائتي زال کي ڪٽي مان پل صراط پار ڪري سگهندس! ڪري نہ پوندس!" ٻڪر چيو. "تنهنجي دوست کي پنهنجي زال لاءِ هاٿيءَ جي قرباني ڏيڻ

گهرجي.“

”تہ تون اهو ٻڪر آهين، جنهن کي فدا حسين پنجن سون ۾ ٻڪرا پڙيءَ مان خريد ڪيو هو؟“

”ها. مان اهو ئي ٻڪر آهيان، ۽ مونکي تنهنجي دوست جي تلاش آهي.“

”هن کي وري تنهنجي تلاش آهي.“ ٻڪر کي ٻڌايم، جڏهن کان تون رسي ڇنائي ڀڳو آهين، تڏهن کان فدا حسين قودنو دربدر آهي.

ٻڪر پڇيو،”ڇو دربدر آهي؟“

وراڻيم، ”قودني جي زال جو خيال آهي تہ تون قودني جي غفلت سبب فرار ٿي ويو آهين.“

ٻڪر کليو. چيائين،”چڱي سزا ملي اٿس.“

مون ڪنهن بہ ٻڪر کي اڳ ڪڏهن کلندي نہ ڏٺو هو. حيران ٿيم. ٻڪر کان پڇيم، ”يار دلفريب ٻڪر، تون کلي بہ سگهين ٿو.“

”ها. مان کلي بہ سگهندو آهيان.“ ٻڪر پڇيو ”هڪ ٻڪر کي ڳالهائيندي ڏسي تون نہ ڊنو آهين. ۽ نہ ئي اچرج ۾ پيو آهين“

”اسان جي ملڪ ۾ ٻڪر ڳالهائيندا آهن.“ چيم، ”اها ٻئي ڳالهہ آهي، تہ ٻڪرن جو ڳالهائڻ ڪو بہ ٻڌي نہ سگهندو آهي.“ ■

1977

• زور آورن ميڪليوڊ روڊ جو نالو مٽائي چندريگر روڊ رکي ڇڏيو آهي.

# ڏانڊلي ٿيندي تہ هارائبو

اڄڪلهہ سياسي سرگرمين جو هر طرف ذڪر آهي. ريڊيو، ٽيليويزن، ۽ اخبارون رسالا پنهنجي طرفان وڌ کان وڌ سياسي خبرون ڏئي رهيا آهن. مون کي سياست کان الرجي آهي. تنهن ڪري اهڙو ڪالم بنهہ غير سياسي لکي رهيو آهيان، اهڙي ڪالم جو سياست سان ڪو بہ واسطو نہ آهي.

ڪجهہ مهينا اڳ اڪرم پهلوان ۽ جپاني پهلوان انوڪيءَ جو مقابلو ٿيو هو. مقابلي کان اڳ اسان جي دوست ڏٽي بخش ڏني اعلان ڪيو هو تہ اڪرم پهرين رائونڊ ۾ انوڪيءَ کي ڍاهي رکندو.

مون ڏني کي چيو، ”ڏنا، تون پاڻ نہ پهلوان آهين، ۽ نہ ئي پهلوانيءَ جي فن تي اٿارٽي آهين. تنهنڪري ايڏي وڏي دعويٰ ڪيئن ٿو ڪرين.“

ڏني چيو ”مان گذريل ويهن سالن کان پهلوانيءَ جا ڪرتب ۽ پهلوانن جا مقابلا ڏسي رهيو آهيان.“

چيم، ”ويهہ سال شاعري پڙهڻ سان ماڻهو شاعر ٿي نہ سگهندو آهي.“

”بهرحال، مون کي پڪ آهي تہ ايندڙ مقابلي ۾ اڪرم پهلوان جپاني پهلوان انوڪيءَ کي پهرين رائونڊ ۾ دسي وجهندو.“

پڇيم، ”ان لاءِ تو وٽ ڪو سبب آهي.“

ڏني چيو ”مان سبب کان سواءِ نہ ڳالهائيندو آهيان.“

چيم،”تہ پوءِ مون کي بہ مهرباني ڪري ان سبب کان واقف ڪر. مان تنهنجي اولاد کي دعائون ڏيندو رهندس.“

ڏني چيو ”اها خبر اٿئي نہ اڪرم پهلوان وزن ۾ انوڪيءَ کان چوڻو آهي؟“

”چوڻو تہ ڇا، پنجوڻو آهي!“

”۽ خبر اٿئي، تہ اڪرم جو پيٽ انوڪيءَ جي پيٽ کان ڏهوڻو آهي!“

”ها، مون کي خبر آهي.“

”۽ اِها خبر اٿئي تہ اڪرم ويلي تي ڏهہ سير کير، ڏهہ سير گوشت، ڏهہ ڪڪڙ ۽ ڏهہ سير ڏڌ کائي ويندو آهي.“

”برابر.“

”۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ اڪرم پهلوان الله رسول جو مڃيندڙ آهي.“ ڏني چيو ”تنهنڪري اڪرم

پهلوان مقابلي ۾ ضرور ڪٽندو“

اچرج وچان ڏني کان پڇيم، ”اڪرم ۽ انوڪيءَ وچ ۾ پهلوانيءَ جو مقابلو آهي، يا ڪو مذهبي مناظرو ٿي رهيو آهي!“

”تون چوڻ ڇا ٿو چاهين، ڪافر!“ ڏني ڪاوڙ وچان پڇيو.

چيم، ”مان چوڻ چاهيان ٿو تہ پهلوانيءَ ۽ ڪشتيءَ جي مقابلي ۾ ويچاري مذهب کي ڇو ٿا وچ ۾ آڻيو.“

”تنهنجي ڳالهہ مان ڪڙتيل نہ نڪرندو.“ ڏني چيو ”اڪرم پهلوان مقابلو ڪٽندو.ان جو فيصلو اڳواٽ ٿي چڪو آهي.“

مقابلو ٿيو. ٻئي رائونڊ ۾ جپاني پهلوان اڪرم پهلوان کي ڍاهي رکيو.

ڏٽي بخش ڏنو منهن متو پٽڻ لڳو. چيائين، ”مقابلي ۾ ڏانڌلي ٿي آهي. ويسا گهاتي ٿي آهي.“

پڇيم، ”ڪيئن ٿو چوين!“

وراڻيائين، ”ٿولهہ ۽ پيٽ جي ويڪر سبب اها اڳواٽ پڪ ٿي چڪي هئي تہ اڪرم پهلوان ڪٽندو.“

”اڪرم پهلوان هارايو آهي.“ چيم، ”هن مقابلي ۾ پنهنجي ٻانهن بہ ڀڃائي آهي.“

ڏني چيو ”تڏهن تہ چوان ٿو تہ مقابلي ۾ ڏانڌلي ٿي آهي. تنهنڪري مقابلي جو نتيجو ابتڙ نڪتو آهي.“ ■

1977

# گدڙ سچ نہ ڳالهائيندا آهن

ڪيترن ڏينهن کان دل ٿي ڪري تہ سچ ڳالهايان. جيڪي اندر ۾ اُڌما ڪائي رهيو آهيان، تنهن کي اظهار جي راهہ ڏيکاريان. پر همٿ ڪري نٿو سگهان. دل جهلي نٿو سگهان. ان سلسلي ۾ مون پنهنجي عامل ڪامل صحافي دوست ڦندڻ ۽ فدا حسين ڦودني سان پڻ صلاح ڪئي آهي. ٻنهي مون کي دلشڪستو ڪيو آهي.

ڦندڻ ٺهڪ ڏيندي پڇيو "تون سچ ڳالهائيندين!"

"ها ڦندڻ." چيم، "ڏاڍا ڪوڙ ڳالهايا اٿم. اڄ سوچيان ٿو تہ سچ ڳالهايان."

"تون سڄي عمر سچ نہ ڳالهائي سگهندين." فدا حسين چيو. "ڇو جو تون گدڙ آهين ۽ گدڙ سچ ڳالهائي نہ سگهندا آهن."

فدا حسين ڦودني جي ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ مون کي ڌڪ ٿيو. مان سڌو ڪراچيءَ جي چڙيا گهر پهتس جتي چڙيا گهٽ ۽ جانور وڌيڪ آهن. مان سڌو وڃي گدڙن جي پڃري وٽ بيٺس. پڃري جي ٻن گدڙن مون ڏانهن غور سان ڏٺو ۽ پوءِ ٺهڪ ڏيئي کلي پيا.

گدڙن جو کلڻ مون کي نہ وڻيو.

هڪڙي گدڙ چيو "پٽ، تون پلي سوٽ بوٽ پاءِ، پر اسان توکي سڃاڻي ورتو آهي. تون اسان جي ڪٽنب مان آهين. تون گدڙ آهين."

"ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ مان گدڙ آهيان." چيم، "پر توهان کي اهو نہ ٿو جڳائي تہ مون تان کلو. مون تان ٺٺوليون ڪريو".

"ووئي آر ساري. ماڊرن گدڙ بلڪ جيڪال، مسٽر جيڪال." گدڙن چيو "ڇا تو پنهنجي شڪل ڪڏهن آئيني ۾ نہ ڏٺي آهي، جو اسان کي ڏسڻ لاءِ چڙيا گهر جي ياترا ڪئي اٿئي!"

"مان توهان کي ڏسڻ نہ آيو آهيان." چيم، "مان توهان کان هڪ قسم جي صلاح وٺڻ آيو آهيان."

گدڙن پڇيو "ڇا ڪنهن اهڙي عورت سان شادي ڪرڻ جو ارادو ڪيو اٿئي جنهن تو وانگر ماضيءَ ۾ پندرهن سچا عشق ڪيا آهن."

"شاديءَ جو چڪر ناهي مائٽ". چيم "مان ماڻهن جي معاشري ۾ پير ڄمائي ويو آهيان. هينئر ڪيتريون ئي حسينائون مون سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهن."

”گدڙ ڪان وڏيڪ ٻيو ڪو ڻاهوڪو مڙس عورت کي نصيب نہ ٿي سگهندو آهي.“ گدڙن چيو. اسان کي تنهنجي ڳالهہ تي يقين آهي.“

مان خاموش رهيس

هڪڙي گدڙ چيو”ڪابہ سياڻي ۽ سهڻي عورت ڪڏهن بہ شينهن سان شادي ڪرڻ جي غلطي نہ ڪندي آهي.“

چيم، ”ماڻهن جي معاشري ۾ شادي وهانءُ جا ڪيترائي طريقا کلي ويا آهن. تنهن ڪري شادي اسان لاءِ مسئلو نہ آهي. بس ڪڏهن ڪڏهن ڪاٽيءَ جي ونهاءَ ۾ ڇيڇڪ پئجي ويندو آهي. مان هڪ اهم مسئلي تي توهان ڀائرن ڪان صلاح وٺڻ آيو آهيان.“

هڪ آواز ۾ چيائون،”جيڪڏهن چونڊن ۾ بيهندين تہ هڪدم ڪڃي ويندين.“

”منهنجي ڳالهہ ٻڌو ۽ پوءِ تڪڙا انومان ڪيو“ چيم، ”مون سچ ڳالهائڻ جو فيصلو ڪيو آهي.“

ٻئي گدڙ خوب کليا. کلي کلي کيرا ٿي پيا.

چيم، ”ان ۾ کلڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي.“

گدڙن چيو، ”سچ ڳالهائڻ لاءِ ببر شينهن جي دل گهربي آهي، اسين گدڙ سچ ڳالهائي نہ سگهندا آهيون.“

مان خاموش رهيس.

هڪڙي گدڙ چيو، ”تون ڪنهن مئل شينهن جي کل پائي ڇڏ. ماڻهو توکي سچو بلڪ سچار سمجهندا.“ ■

1977

# ديسي ايجنٽ

ڪجهه عرصو اڳ ملڪ جي هفتيوار رسالن ۽ اخبارن ۾ اُنهن آمريڪي سي آئي اي ايجنٽن جون فهرستون شايع ٿيون هيون، جن پاڪستان ۾ جاسوسيءَ جو ڪم سر انجام ڏنو هو. ان فهرست کان متاثر ٿي اسان جي عامل ڪامل صحافي دوست ڦندڻ پاڪستاني نسل جي آمريڪي سي آئي اي ايجنٽن جي فهرست ترتيب ڏيڻ جو ارادو ڪيو. هن ڏينهن رات محنت ڪري پاڪستاني نسل جي خالص آمريڪي ايجنٽن جي هڪ اڻپوري فهرست تيار ڪري ورتي. اها فهرست تيار ڪرڻ کان پوءِ ڦندڻ خوف کان ڪنبي ويو. هو ڪنبندڙ هٿن ۾ پاڪستاني نسل جي سي آئي اي ايجنٽن جي فهرست کڻي مون وٽ آيو.

ڦندڻ کي اسلام آباد ۾ ڏسي مون کي تعجب ٿيو. ڦندڻ چيو "مان وڏيءَ ويڌن ۾ آهيان يار."

سبب پڇڻ تي هن ٻڌايو "مون پاڪستاني نسل جي خالص سي آئي اي ايجنٽن جي فهرست تيار ڪئي آهي."

"ان ۾ ويڌن جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

"سڀ کان پهرين ڳالهه ته ان فهرست ۾ گهڻو ڪري اڻويهين، ويهين، ايڪوهين ۽ ٻاويهين گريڊ جا آفيسر شامل آهن."

"دماغ خراب ٿيو اٿئي."

"پبلشر ۽ ايڊيٽر به اهو ٿا چون."

"تڏهن به نه ٿو سڌرين."

"مون پنهنجي طرفان ڪنهن کي ان فهرست ۾ شامل نه ڪيو آهي." ڦندڻ چيو"هر ڪو ڪامورو پنهنجن ڪارنامن سبب منهنجي فهرست ۾ شامل ٿي ويو آهي."

مون ڦندڻ کي چيو "اڻويهين، ويهين، ايڪوهين ۽ ٻاويهين گريڊ جي ڪامورن سان هٿ چراند نه ڪر، اجايو سر رولي ڇڏيندءِ."

ڦندڻ چيو. "پوءِ پلا تون ئي ٻڌاءِ ته هن فهرست کي ڇا ڪريان."

چيم، "ڦاڙي ڦٽي ڪري ڇڏ."

چيائين،"يار وڏي محنت سان فهرست ترتيب ڏني اٿم."

”هڪ ڳالهه ياد رک ڦندڻ.“ چيم ”پاڪستاني نسل جا سي آئي اي آمريڪي ايجنٽ بيحد طاقتور آهن. تون سندن وار به ونگو ڪري نه سگهندين.“

ڦندڻ چيو ”انهن مان ڪجهه ايجنٽ ديده دليريءَ سان ڪم ڪري رهيا آهن. مثال طور توهان جي شهر اسلام آباد جي هڪ اداري جو سربراهه فقط آمريڪين جي ميڙ ۾ نظر ايندو آهي.“

چيم، ”اها ڪا وڏي ڳالهه نه ناهي.“

ڦندڻ چيو”هو آمريڪين آڏو پاڪستان جي موجوده سياسي حالت جو جائزو پيش ڪندو آهي. ۽ ان جو پاڪستان جي تهذيبي پس منظر ۾ تجزيو ڪندو آهي.“

ڦندڻ جي ڳالهه تي مون کي يقين نه آيو.

منهنجي خاموشيءَ کي شڪ جي نگاهه سان ڏسندي هن چيو ”خبر اٿئي هو سال ۾ ڇهه دفعا آمريڪا ويندو آهي.“

”اهو ناممڪن آهي.“

”اهو ممڪن آهي.“

”ڪيئن؟“

”هن کي آمريڪي ايمبيسيءَ طرفان پنجن سالن جو ويزا مليل آهي.“

”تو وٽ ڪو ثبوت آهي؟“

”هن جو پاسپورٽ ان ڳالهه جو ثبوت آهي.“

مان سوچ ۾ پئجي ويس.

ڦندڻ چيو”هن جي اداري جون ريسرچ ۽ فيلڊ رپورٽون آمريڪين کي آسانيءَ سان ملي وينديون آهن. آمريڪي ايجنٽ انهن رپورٽن مان پورو پورو فائدو کڻندا آهن. ۽ انگ اکر هٿ ڪري وٺندا آهن.“

مون ڦندڻ کان پڇيو”هو ڪهڙي گريڊ ۾ آهي.“

وراڻيائين،”ويهين گريڊ ۾.“

چيم، ”پاڪستاني نسل جي آمريڪي ايجنٽن جي فهرست شايع ڪرائڻ جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏ. اجايو ڏچي ۾ پئجي ويندين. هنن جي پٺ بيحد مضبوط آهي.“

1977

# فدا حسين قودني جو طوطو

فدا حسين قودنو اسان جو پراڻو بلڪ جهونو سنگتي آهي. اسان جي ڏک سور ۾ شامل رهيو آهي. اسان سندس نيت تي ڪڏهن بہ شڪ نہ ڪيو آهي. بس ڪنهن وقت ڪل ٽڙي ويندي اٿس، ۽ بقول سعديءَ جي، ”پنڙيءَ تان“ لهي ويندو آهي.

فدا حسين قودنو اڄ ڪلهہ پنڙيءَ تان لهي ويو آهي. هن سموري سنگت سان ملڻ جلڻ ڇڏي ڏنو آهي. هن اڄ ڪلهہ هڪ طوطو پاليو آهي. زال جي خدمت چاڪريءَ کان پوءِ هو سمورو وقت پنهنجي طوطي سان گذاريندو آهي. سندس گهر واري اڄ ڪلهہ فدا حسين قودني مان بيحد خوش آهي. جڏهن ڪانئس خوشيءَ جو سبب پڇيو ويو، تڏهن هن چيو ”چنڊال چوڪڙيءَ مان جند ڇٽي اٿس.“

فدا حسين قودني جي گهر واريءَ کي اسين بنهہ نہ وڻون. هوءَ خاص طرح سان قنڌڻ، ڏٽي بخش ڏني ۽ مون کي چنڊال چوڪڙي سڏيندي آهي. طوطو پالڻ کان اڳ قودنو اسان آوارن سان اڌ اڌ رات تائين بيگانن وانگر گهمندو، هوٽلن تي چانهيون پيئندو ۽ انسان جي درد متعلق ڳالهائيندو هو. اسر ويل گهر موٽندو هو. زال جي هٿان خوار ٿيندو هو پاڙي وارا شاهد آهن تہ قودني جي بندري ۽ ٿلهي زال قودني کي ڪڏهن ويلڻ سان ۽ ڪڏهن ٻوهاري سان مار ڪيندي هئي. هڪ دفعي اسان قودني جي مٿي ۾ ٻول ڏٺو هو. اسان جي عامل ڪامل صحافي دوست قنڌڻ قودني جي مٿي ۾ ٻول ڏسندي چيو ”حج قبول، مٿي ۾ ٻول“

ٻول تي هٿ رکندي قودني چيو ”ڪا خاص ڳالهہ ڪونهي، وهنتس پئي، تہ مٿي ۾ نلڪو لڳي ويو.“

پر شاهدن قسم کڻي شاهدي ڏني آهي تہ قودني جي زال قودني جي مٿي تي مٽ پڳو هو. پوءِ الاءِ ڇا ٿيو جو قودني هڪ طوطو خريد ڪيو. هو اسان کان ڪنارا ڪش ٿيو. ملڻ جلڻ کان بہ ويو، ۽ سمورو وقت (زال جي خدمت چاڪري کان پوءِ) پنهنجي طوطي سان گذارڻ لڳو.

هڪ ڏينهن سوچيوسين بلڪ فيصلو ڪيوسين تہ قودني ۽ سندس پياري طوطي جو ٿوهہ لهنداسين. راز فاش ڪنداسين يعني پردو چاڪ ڪنداسين.

پروگرام موجب قودني کي آفيس ۾ وچي قابو ڪيوسين. هن اسان کي پنهنجو پيارو طوطو ڏيکارڻ جو انجام ڪيو. پر اهو انجام حالتن تي منحصر هو. قودني چيو ”عنقريب منهنجي نازڪ اندام زال

پيڪي ويندي، ان کان پوءِ مان اوهان کي پنهنجو پيارو طوطو ڏيڪاريندس. في الحال منهنجيءَ زال جي موجودگيءَ ۾ توهين طوطو ڪڍهن بہ ڏسي نہ سگهندا.“

خبر پئي تہ ڦودني جي زال طوطي کي رنڊٽي ۾ تنگي چڙيو آهي.(پڃري سميت) ۽ طوطي کي گوگائي مرچ کارائيندي آهي. طوطي جي طور طريقن مان اندازو لڳايوسين تہ طوطي ڦودني کان گهڻ ۽ ڦودني جي زال کان گهڻو پرايو هو.

خدا جي قدرت سان هڪ ڏينهن ڦودني جي بندري ۽ ٿلهي زال پنهنجي پيڪي رواني ٿي. اها خوشخبري ملڻ شرط اسين ڦودني جي گهر پهتاسين. هو شڪراني جا بہ نفل پڙهي رهيو هو. واندو ٿيو تہ اسان کي پنهنجي طوطي جي خدمت ۾ وٺي ويو.

ڦودني جو طوطو مرچ ۽ زيتون کائي خوب ٿلهو ٿي پيو هو. مون طوطي کان پڇيو ”طوطا ڪهڙا حال آهن؟“

طوطي وراڻيو”موج لڳي پيئي آهي.“

”پيو ڪو حال احوال؟“

”چانهہ ملي رهي آهي.“

”پيو ڪجهہ ٻڌاءِ.“

”چانهہ ملي رهي آهي.“

”چانهہ کان سواءِ بہ زندگيءَ لاءِ گهڻو ڪجهہ ضروري آهي.“

”نہ“ طوطي چيو ”زندگيءَ لاءِ فقط چانهہ ضروري آهي، چانهہ جي پتي ملي رهي آهي، زندگي مزي ۾ گذري رهي آهي.“

1977

# چانهن جي پتي ملي رهي آهي

پنهنجي گذريل ڪنهن ڪالم ۾ فدا حسين ڦودني ۽ سندس پاليل طوطي جو ذڪر ڪندي مون اوهان کي ٻڌايو هو تہ فدا حسين ڦودني جي خونخوار گهرواري اڄ ڪلهہ پيڪي ويل آهي. فدا حسين ڦودنو شڪراني جا نفل پڙهڻ کان پوءِ اسان سان ملڻ، بلڪ رلڻ لڳو آهي. بلڪل اڳوڻي محور تي موٽي آيو آهي. يعني آزاديءَ جا ڏينهن ۽ آزاديءَ جون راتيون گذاري رهيو آهي. فرق فقط ايترو آهي، جو اڳ فدا حسين ڦودنو اڪيلو هوندو هو ۽ سنگت جي ڏک سک ۾ شريڪ ٿيندو هو. اڄڪلهہ فدا حسين ڦودنو اڪيلو نہ آهي، هو پاڻ سان طوطي جو پڃرو بہ کڻي ايندو آهي. فدا حسين جو طوطو پڃري ۾ بند هوندو آهي. گوگائي مرچ ۽ زيتون کائيندو آهي، ۽ غور سان اسان جون ڳالهيون ٻڌندو آهي.

ڪالهہ شام فدا حسين ڦودنو پنهنجي طوطي جي پڃري سميت لڏندو لمندو اسان وٽ آيو. اچڻ شرط چيائين،"مان دنيا ۾ ڪو غير معمولي ڪم ڪرڻ چاهيان ٿو."

اسان جي عامل ڪامل صحافي دوست ڦندڻ چيس، "ڇا اهو ڪو گهٽ غير معمولي ڪم آهي جو تو شادي ڪئي آهي، ۽ شادي ڪرڻ کان پوءِ اڃا تائين جيئرو آهين. وڏو ڪو نود آهين."

ڦودني محمد علي ايڪٽر جهڙو منهن ٺاهيندي چيو "مون کي اها ڳالهہ بنهہ پسند ناهي تہ اوهين منهنجي ازدواجي زندگيءَ جي باري ۾ ڪنهن بہ قسم جا رمارڪ ڏيو."

ڦندڻ چيو "اسين تنهنجا دوست آهيون، ڦودنا اسين تنهنجا دشمن نہ آهيون."

"توهين ڇڙا ڇانڊ آهيو." فدا حسين چيو "تنهنڪري وڏا بدمعاش آهيو."

مون فدا حسين کان پڇيو"فدا، تون مون کي شاديءَ جا ڪجهہ اصولي ۽ انقلابي فائدا ٻڌاءِ. پوءِ مان بنا دير جي شادي ڪندس، ۽ طوطي بدران شيرشاهہ جو شڪرو پاليندس."

فدا حسين ڦودنو باهہ ٿي ويو. مون کي چيائين،"ياد رک گدڙ تنهنجو حشر بيحد خراب بلڪ عبرتناڪ ٿيڻو آهي. تنهنجي زندگي هوٽلن ۽ مسافر خانن ۾ گذري آهي. تون ڪنهن اسپتال ۾ مرندين، ۽ تنهنجي لاش تي روئڻ وارو ڪو بہ نہ هوندو."

"تون پليل آهين، ڦودنا." ڦندڻ چيو"اسان جو پيارو گدڙ مرڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ ڊمپل ڊسوزا نالي ڪنهن نرس سان پنهنجي زندگيءَ جو پنجٽيهون سچو ۽ جذباتي عشق ڪندو، ۽ پوءِ اسپتال ۾ مري ويندو. ڊمپل ڊسوزا ايڏي بيمروت نہ ٿيندي. هوءَ اسان جي يار جي ياد ۾ بہ لڙڪ ضرور لاڙيندي."

ان ڳالهہ تان فدا حسين ڦودنو ڏاڍو گدگد ٿيو. هو کلي کلي کيرو ٿي پيو. هن سان گڏ طوطو بہ کلڻ لڳو. مون کي فدا حسين تي گهٽ، ۽ فدا حسين جي طوطي تي وڌيڪ ڪاوڙ آئي. مون طوطي کي ڇڙٻ ڪيندي چيو ”بدبخت طوطا. تون بہ مون تان کلي رهيو آهين!“

طوطي چيو”چانهن جي پتي ملي رهي آهي.“

”اهو تہ ٺيڪ آهي، تہ چانهہ جي پتي ملي رهي آهي.“ چيم، ”پر تون مون تان کلين ڇو ٿو!“

طوطي چيو”چانهن جي پتي ملي رهي آهي.“

”ڏاڍو ڪو بيوقوف طوطو آهين“ ڪاوڙ وچان چيم، ”ڳالهہ منهنجي پنجٽيهين عشق، ڊمپل ڊسوزا، ۽ اسپتال ۾ مرڻ جي هلي رهي هئي.“ چيم، ”تون هڪ بيوقوف طوطو آهين. تڏهن بہ کلين ٿو.“

طوطي چيو ”چانهن جي پتي ملي رهي آهي.“ ■

1977

- انهن ڏينهن ۾ ملڪ مان چانهن جي پتي غائب ٿي وئي هئي.

# ٻليءَ جي خواب ۾ ڇيڇڙا

”اڄ اڄ ته ڪجهه اهم مسئلن تي گفتگو ڪريون.“

”منهنجو پڻ اهو ئي خيال آهي. مان ان ارادي سان تو وٽ آيو آهيان.“

”ڏاڍو سنو ڪيو اٿئي. اجائين سجائين ڳالهين ۾ اسان پنهنجو قيمتي وقت ضايع ڪيو آهي. اڄ فقط اهم تمام گنڀير مسئلن ۽ معاملن تي ڳالهائبو.“

”ٺيڪ آهي. اسان کي پنهنجو وقت وڃائڻو نه آهي.“

”موسم جو ڪهڙو حال آهي.“

”ڪجهه ڏينهن کان گرمي ۾ گُهٽ وڌي ويئي آهي.“

”مينهن ڇو نه وٺو آهي؟“

”اسين جڏهن اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين، تڏهن ماستر صاحب اسان کي مينهن وسڻ جو سبب سمجهائيندو هو.“

”ڇا چوندو هو؟“

”هو چوندو هو ته ڪڪر سمنڊ مان پاڻي پي آسمان ڏانهن هليا ويندا آهن ۽ اتان مينهن وسائيندا آهن.“

”سني ڳالهه آهي.“

”ٻي اهم ڳالهه. تنهنجي ٻليءَ جو ڪهڙو حال آهي؟“

”ڏاڍا خواب ٿي ڏسي.“

”ڇا ٿي ڏسي خواب ۾؟“

”ڇيڇڙا!“

”مان خواب ۾ ڇڪن تڪو ڏسندو آهيان.“

”اهو به ڳالهائڻ لاءِ اهم مسئلو آهي.“

”ها سائين، ان کان وڌيڪ پاڪستان ۾ ٻيو ڪهڙو مسئلو اهم هوندو!“

”تنهنجي ٻليءَ هڪ دفعي ست ڪوئا ڪاڏا هئا، پوءِ ڇا ٿيو هو.“

”هن پاسپورٽ لاءِ درخواست ڏني هئي. کيس پاسپورٽ نه مليو. تڏهن کيس بدهاضمو ٿي پيو.

اينزائيم سيرپ جي سڄي شيشي پيئڻ ڪان پوءِ سامت ۾ آئي.“

”مان سمجهان ٿو تنهنجي ٻليءَ بيمار ڪوئا کاڌا هوندا.“

”ها، انهن مان ڪجهه ڪوئا ته قدرتي هئا، باقي ڪوئا سڪس ملين ڊالر مين وانگر بايانڪ هئا، يعني نقلي هئا. منهنجي ٻليءَ ڪين سولائيءَ سان هضم نه ڪري سگهي.“

”پلا تنهنجي ٻلي هش ۾ خوش ٿيندي آهي!“

”بيحد.“

”يار منهنجو ڪتو اڄ ڪلهه مزي ۾ ناهي.“

”ڇو! خواب ۾ هڏو نه ٿو ڏسي ڇا؟“

”جام هڏا ٿو ڏسي خواب ۾.“

”پوءِ ڪيئن مزي ۾ نه آهي؟“

”خواب جي هڏن تي پيٽ نه ٿو ڀرجيس.“

”ڪنهن ماهر نفسيات کي ڏيکارينس.“

”ڪتي کي، يا ماهر نفسيات کي؟“

”ڪتي کي؟“

”ٻي اهم خبر ٻڌي اٿئي؟“

”ڪهڙي؟“

”فدا حسين ڦودني جي طوطي کي زڪام ٿي پيو آهي.“

”فدا حسين جو طوطو جوڙ مٿائي ڏيڏر ٿي پيو آهي ڇا؟“

”ڏيڏر ٿئي ها، ته ٽان ٽان ڪري ها. پر ڦودني جو طوطو چوي ٿو چانهن جي پتي ملي رهي آهي. سڀ نيڪ آهي.“ • ■

1977

• ضياالحق جي مارشل لا جا شروعاتي ڏهاڙا هئا. لکڻ پڙهڻ تي پهرا لڳل هئا.

# اوهين جيڪڏهن فقط انسان آهيو

سائين، اوهين جيڪڏهن فقط ماڻهو آهيو يعني فقط انسان آهيو ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ شاديءَ جو پروگرام رٿي رهيا آهيو. تہ پوءِ توهان کي تڪڙ کان ڪم وٺڻ گهرجي. شاديءَ جي پروگرام کي هڪدم جامو ۽ پائجامو پارائڻ لاءِ اوهان کي هڪدم عملي قدم کڻڻ گهرجي. منهنجي چوڻ جو مطلب آهي تہ اوهين جيڪڏهن فقط انسان آهيو ۽ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهيو تہ ڪجهہ عرصي کان پوءِ اوهان جي شادي نہ ٿيندي. اڄ ڪلهہ پڻ اوهان جي شادي وڏن جتن کان پوءِ ٿيندي. پر ڪجهہ عرصي کان پوءِ اوهان جي شادي هرگز نہ ٿيندي. اوهين اخبارن ۾ اشتهار ڏياريندا - تہ مان هڪ برسر روزگار نوجوان، پڙهيل، صحتمند ۽ ٺاهوڪو مڪمل طرح انسان، هڪ نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت ڇوڪريءَ سان شاديءَ جو خواهشمند آهيان. ذات پات ۽ رنگ ۽ نسل جي ڪا پابندي نہ آهي. مون سان هيٺ ڏنل ايڊريس تي لک پڙهہ ڪريو. پر ڪو بہ اوهان سان لک پڙهہ نہ ڪندو. ڪوبہ اوهان جي اشتهار تي ڌيان نہ ڌريندو. اوهين فقط انسان هئڻ جي ڪري هميشہ هميشہ لاءِ ڪنوارا رهجي ويندا.

اسان جي دوست ڏٽي بخش ڏني جي هڪ مائٽ نالي قادر بخش ويجهڙائي ۾ شادي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ان سلسلي ۾ هو ناڪام ٿيڻ کان پوءِ باڪسنگ جي مشق ڪري رهيو آهي، ۽ عنقريب نيويارڪ وڃي محمد علي ڪلي سان مقابلو ڪندو. باڪسنگ جي مقابلي ۾ ڏٽي بخش جو مائٽ قادر بخش ڪٽندو يا نہ، ان جي خبر خدا کي آهي. ان بحث سان اسان جو بحث نہ آهي. شاديءَ جي سلسلي ۾ قادر بخش جو ڇوڪرين جي مائٽن جهڙي نموني انٽرويو ورتا، سي ڪجهہ هن قسم جا هئا:

**انٽرويو نمبر 1**

”منهنجو نالو قادربخش آهي. مان هڪ شريف نوجوان آهيان. برسر روزگار بہ آهيان تنهنڪري شاديءَ لاءِ آرزو مند آهيان.“

”ڇا ڪندو آهين؟“

”پڙهائيندو آهيان.“

”اسين توکي پنهنجي ڇوڪريءَ جو سڱ نہ ڏينداسين.“

**انٽرويو نمبر 2**

”تون ڇا ڪندو آهين، مسٽر قادر بخش؟“

”سائين، مان پڙهائيندو آهيان، ۽ سچو ڏينهن جان بنائيندو آهيان.“

”ڇا تون سني آهين، قادر بخش؟“

”نہ سائين، مان سني نہ آهيان.“

”اسين توکي سگهه نہ ڏينداسين.“

**انٽرويو نمبر 3**

”مسٽر قادر بخش، اهو ڀڏي اسان کي خوشي ٿي آهي تہ تون هڪ نيڪ نوجوان آهين، ۽ جان بنائيندو آهين. ڇا تون شيعو آهين، قادر بخش؟“

”نہ سائين. مان شيعو نہ آهيان.“

”اسين توکي سگهه نہ ڏينداسين، قادر بخش.“

ڳالهائڻ اتي دنگ نہ ڪيو آهي. اخبارن ۾ شاديءَ جا اشتهار ڏسي توهين محسوس ڪندا تہ توهين جيڪڏهن فقط انسان آهيو تہ پوءِ اوهان جي شادي هرگز نہ ٿيندي. ڳالهہ سنين ۽ شيعن کان اڳتي نڪري ويئي آهي. سکر جي سني نوجوان لاءِ سکر جي سني ڇوڪري گهرجي. شڪارپور جي شيعا ڇوڪريءَ لاءِ شڪارپور جي شيعہ نوجوان جي ڳولا آهي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ شهرن بدران پاڙن جا اشتهار ايندا. صدر ڪراچيءَ جي سني نوجوان لاءِ صدر ڪراچيءَ جي سني ڇوڪري گهرجي. اوهين قادر بخش وانگر جيڪڏهن فقط انسان آهيو تہ پوءِ اوهان جي شادي هرگز نہ ٿيندي. اهڙي صورتحال ۾ اوهان کي جان بنائڻي پوندي ۽ محمد علي ڪلي سان باڪسنگ جي تياري ڪرڻي پوندي. ■

1977

# اسان غريب عوام جا غريب نمائندا

اسان جي جگري دوست ڏٽي بخش جي مائٽ قادر بخش جو ٽيون نمبر مامو مولابخش وڏو ڪاريگر شخص آهي. هو مئل نانگ جي ڪل ۾ بنهن ۽ ڪپهه پري ماڻهن کي ڊيڄاريندو آهي. بناسپتي گيهه جي خال ڊبن مان ٽيليفون ٺاهيندو آهي. هٿ چڙي سائيڪل هلائيندو آهي، ۽ سڀ ڪان وڏي ڳالهه ته سياست جو متوالو آهي.

قادر بخش جي ٽئين نمبر مامي مولابخش ڪان هڪڙي ڏينهن مون پڇيو "ماما مولا بخش، اسان مسڪين قوم جا مخلص نمائندا ايتريقدر مفلس ۽ ڪنگال ڇو آهيون؟"

مامي مولابخش چيو "ٻچا، عوامي نمائيندن جي ملڪيت جا انگ اکر ته نه پڙهي آيو آهين!"

چيم، "ها ماما، اسان جا نمائيندا ويچارا ڪيترا نه غريب ۽ لاچار آهن. الا، هو ته اسان کان به ڪنگلا آهن!"

ان وقت مامو مولابخش هڪ مئل نانگ جي ڪل ۾ بنهن ۽ ڪپهه پري رهيو هو مون ڪيسي مان مروڙيل اخبار ڪڍي ورتي، ۽ مخلص نمائيندن جي ڪنگال حاليءَ جا انگ اکر پڙهڻ لڳس.

مامي مولابخش پڇيو "ٻچا، شاديءَ جا اشتهار پيو پڙهين ڇا؟"

چيم، "نه، ماما."

نانگ جي ڪل ۾ ڪپهه پريندي پڇيائين ،"سچ کي ڪوڙ ۽ ڪوڙ کي سچ ڪرڻ واري خبر پيو پڙهين ڇا!"

مون ڪنڌ ورائي مامي ڏانهن ڏٺو.

مامي مولابخش چيو"مان مئل نانگ جي ڪل ۾ جڏهن بنهن ۽ ڪپهه پري سندس پيٽ سبي ڇڏيندس. تڏهن هيءَ نانگ جيئرو لڳندو ۽ ماڻهو ڊڄي ويندا. "

چيم، "ماما، هن وقت مان غريب عوام جي غريب ۽ مفلس نمائيندن جي ملڪيتن جا انگ اکر پڙهي رهيو آهيان."

مامي پڇيو "منهنجي هڪڙي صلاح مڃيندين؟"

هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيم.

مامي چيو "ملڪيتن جا انگ اکر پڙهڻ ڇڏي ڏي."

حيرت وچان پڇيم، "ڇو ماما؟"

چيائين، "اجايو روئي پوندين، پوءِ روئيندي روئيندي درويش ٿي پوندين."

چيم، "مان ڪوشش ڪندس ته غريب عوام جي غريب نمائيندن جي غربت تي ڳوڙها نه ڳاڙيان."

پر پوءِ اوچتو منهنجين اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا، ۽ مان روئڻ لڳس. چيم، "ماما مولابخش، هن ويچاري ايم اين اي جي ملڪيت جا تفصيل ته ٻڌ. اڍائي هزار ايڪڙ زمين، چار ٽريڪٽر، ٽي موٽرون. هڪ جيپ، ٻه بنگلا، هڪ

هزار تولا سون. ۽ بينڪ بيلنس فقط ٻارنهن لک رپيا. اُف. ويچارو ڪيئن زندگي گذاريندو هوندو! ۽ ماما، هن نمائيندي وٽ فقط اٺ هزار تولا سون، چار پيٽرول پمپ، چار بنگلا، ست موٽرون ٻه هزار ايڪڙ زمين، ۽ بينڪ ۾ فقط ارڙهن لک رپيا. ڪيڏا غريب آهن ويچارا. تڏهن تہ اسان غريبن جا همدرد ٿي پيا آهن. ۽ ماما هن ويچاري وٽ . . . . . . "

ماما مولابخش هڪدم منهنجي هٿ مان اخبار کسي ورتي. چيائين، "صبر ڪر ٻچا. اسان غريبن جا نمائيندا بيحد غريب آهن. ان سلسلي ۾ جيترو وڌيڪ سوچيندين، اوترو وڌيڪ زنجيده ٿيندين ۽ پوءِ اسان جي دوست ڪريم بخش وانگر روئيندي روئيندي درويش ٿي پوندين."

مون مامي کان پڇيو"ڪريم بخش ڪٿي آهي. اڄ ڪلهہ!"

مامي چيو "ورهيہ ٿيا جو، ڪريم بخش روئيندي روئيندي گذاري ويو."

"ورهيہ ٿيا؟" مون عجب وچان پڇيو.

"ها ٻچا، ورهيہ ٿيا." مامي مولا بخش چيو "اڄ ڪلهہ ڪريم بخش جي مقبري تي هر جمعرات تي قوالي ٿيندي آهي."

"پر ماما!" مون عجب وچان چيو"ملڪيتن جا تفصيل تہ ڏهن، پندرهن ڏينهن کان اڇڻ لڳا آهن تنهنجو دوست ڪريم بخش اڳواٽ ڪيئن گذاري ويو!"

ماما مولا بخش مٺل نانگ جو پيٽ سبندي چيو"ٻچا، اسين غريب ڏاڍا خوش نصيب آهيون جو اسان کي شروعات کان نهايت غريب ۽ مفلس نمائيندا ملندا رهيا آهن. مثال طور غريب، توانا غريب دولتانا، غريب کهڙا، غريب نون، غريب حيات، غريب عباسي ۽ غريب ڪالاباغ. ڪريم بخش ٻہ انهن مخلص ۽ غريب نمائيندن جي غربت جا تفصيل پڙهي روئي پيو ۽ پوءِ روئيندي روئيندي درويش ٿي پيو ۽ هڪڙي ڏينهن مري ويو."

دردناڪ احوال ٻڌڻ کان پوءِ مون موجوده دور جي نمائيندن جي غربت تي روئڻ جو پروگرام ملتوي ڪري ڇڏيو. ۽ مان زمان ماضي قريب، زمان ماضي بعيد، زمان ماضي استمراريءَ جي غريب ۽ مفلس نمائيندن جي غربت تي روئڻ لڳس. • ■

1977

• پنجٽيهہ چاليهہ سال اڳ هڪ لک رپيا اڄوڪي دور جي هڪ ڪروڙ کان ٻہ سرس سمجهيا ويندا هئا.

# سڀ ڪجهہ مزي ۾ آهي

”اڙي ڏنا، تون!“

”ها جاڙا، مان.“

”ڪر خبر، ڪيئن آهين؟“

”موج ۾ آهيان.“

”اوڙو پاڙو؟“

”آنند ۾ آهي. تون ڪر خبر؟“

”مان بہ مزي ۾ آهيان، ٻيرن کان ٻير گهرڻ جي چڪر ۾ آهيان.“

”بلي!“

”ڪا نئين تازي خبر.“

”گونگن کي راڳ ڳائيندي ۽ ٻوڙن کي داد ڏيندي ڏٺو اٿم.“

”عجيب اتفاق آهي!“

”ڪيئن؟“

”مون لولن ۽ پنگلن کي رقص ڪندي، ۽ انڌن کي داد ڏيندي ڏٺو آهي.“

”ان جو مطلب آهي تہ هر طرف سک ئي سک آهي.“

”ها. تڪي سير ڪاچا وڪامي رهيا آهن.“

”هتي ڪاچا بہ ملندا آهن ڇا؟“

”ماڻهن بوهي مگُن کي ڪاچا قبول ڪري ورتو آهي.“

”اهو شخص جنهن ڦٽل ناسپاتيءَ کي صوف قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو، سو هينئر گند جي ڍيرن مان سگريٽن جون خالي دٻيون ڳولي رهيو آهي.“

”ڪجهہ ڏينهن اڳ مون سنڌ جي هڪ نامياري دانشور کي ڳالهائيندي ٻڌو هو.“

”ڇا پئي چيائين؟“

”پاڻ وڻائڻ جا نسخا پئي ٻڌايائين.“

”ڪهڙا؟“

”پاڻ وڻائڻ جي چڪر ۾ آهين ڇا؟“

”ها.“

”تہ پوءِ توکي سنڌي دانشور جي زرين اقوال تي عمل ڪرڻو پوندو. سندس نسخي تي عمل ڪرڻ سان تون نهايت آرام جي زندگي گذاريندين ۽ ڪڏهن مصيبت جو منهن نہ ڏسندين.“

”يار وارو ڪر. ٻڌاءِ اهي نسخا.“

”نسخو نمبر هڪ- ڏيندڙن جي وچ ۾ ڦداور ٿيڻ جي ڪوشش نہ ڪجي، ڦداور هئڻ جي حيثيت ۾ ڏيندڙين جي لوڏ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ بانبڙا پائڻ گهرجن.“

”سٺو نسخو آهي.“

”نسخو نمبر ٻيو- ڪاٺن جي وچ ۾ ڪاٺو ٿي رهجي، ۽ پنهنجي هڪ اک ڪڍائي ڇڏجي.“

”عاليشان اصول آهي.“

”نسخو نمبر ٽيون- اوندهہ کي ڪڏهن بہ اوندهہ نہ سڏجي، اوندهہ کي هميشہ روشني چئجي.“

”اهو نسخو بہ واهہ جو آهي!“

”منهن هميشہ چڙهندڙ سج ڏانهن ڪجي.“

”پَر تہ پٺ ڪعبي ۽ ڪاشيءَ ڏانهن ٿئي؟“

”ڪو پرواهہ ڪونهي. پاڻ وڻائڻ ۽ مصيبتن کي ٽارڻ لاءِ ڪعبي ۽ ڪاشيءَ کي پٺي ڏيئي، منهن چڙهندڙ سج ڏانهن ڪري ڇڏجي.“

”اسان جي هڪ دوست هوٽل ۾ ماني کائڻ مهل ڪڪڙ جو ٻوڙ گهرايو. بيرو هن کي دال ڏيئي ويو. اسان جي دوست اعتراض ڪيو. بيرو بہ ضد تي رهيو تہ دال ئي اصل ۾ ڪڪڙ جو ٻوڙ هئي.“

”مون کي رات جو ننڊ نہ ايندي آهي.“

”تون ڇيڇڙي چمڙو ٿي پيو آهين.“

”ها، تون درست ٿو چوين. مان اوندهہ ۾ ٻري تائين ڏسي سگهندو آهيان.“ ■

1977

# ڏني جي واپسي

گذريل هفتي ڏنو اوچتو ئي اوچتو اسلام آباد کان اچي نڪتو.

ڏٽي بخش ڏنو ۽ مان تڏهن کان دوست آهيون جڏهن اسين ڪراچيءَ جي قديم سنڌي اسڪول رتن تلاءَ ۾ پڙهندا هئاسين. بهارن ۾ گڏ رهيا آهيون. خزائن ۾ گڏ رهيا آهيون. آزمائشن ۾ گڏ رهيا آهيون. امتحانن ۾گڏ رهيا آهيون. هڪ ٻئي کان ڌار ٿي، وري ملندا رهيا آهيون. مان گذريل ستن سالن کان اسلام آباد ۾ آباد آهيان. ڏني چواڻي برباد آهيان. اسان جون محفلون ۽ ملاقاتون گهٽ ٿي ويون آهن. قسمت سانگي ڪراچي وڃڻ ٿيندو آهي تہ ڏني سان ضرور ملندو آهيان ۽ ذري گهٽ سمورو وقت ڏني سان گذاريندو آهيان. ڪنهن ڪنهن وقت ڏنو اسلام آباد هليو ايندو آهي. مون وٽ اچي رهندو آهي. جيترو وقت مون وٽ هوندو آهي، ماضيءَ ڪي ورجائيندو ۽ اٿلائيندو رهندو آهي. چيني سان طرحين طرحين جون شرطون لڳائيندو آهي، ۽ سموريون شرطون هارائي ويهندو آهي.

هن دفعي آيو. حال احوال ورتو مانس. چيائين، ”مان خبر رسان ايجنسي نہ آهيان. ڪي بہ ٿي احوال پڇ. ٿي جواب ڏيندو مانءِ.“

پڇيومانس. ”سنڌ ڪيئن آهي ڏنا؟“

چيائين ”جڏهن کان توکي سنڌ مان تڙيو اٿائون ملڪ ۾ سانت آهي. ستن سالن کان سنڌ ۾ نہ ڌڙا لڳا آهن نہ چوريون ٿيون آهن نہ خون ٿيا آهن“.

چپن تي اداس مرڪ تري آئي.

”ڪنهن فلم جي برباد عاشق وانگر نہ ڪل، بيوقوف.“

پڇيومانس، ”پلا ڍور ڍڳا ڪيئن آهن؟“

”ڏاڍي مزي ۾ آهن.“ ڏني چيو”ملڪيتون ناهي رهيا آهن ۽ جايون اڏائي رهيا آهن.“

پڇيومانس، ”اوڙو پاڙو ڪيئن آهي؟“

چيائين،”ماڻهن درن کي تالا هڻڻ ڇڏي ڏنا آهن. تنهنجي حال احوال جا ٿي سوال ختم ٿيا.“

”برابر.“ چيم، ”پلا پنهنجي اوچتي آمد متعلق ڪجهہ ٻڌائيندين؟“

چيائين،”توکي ٿي راز ٻڌائڻ آيو آهيان.“

پڇيم، ”ڪهڙا ٿي راز؟“

چيائين، ”پهريون راز، صوبائي ۽ وفاقي سطح تي ڪهڙا ڪهڙا ڪامورا، ڪهڙن ڪهڙن صاحبن لاءِ تقريريون لکندا آهن!“

چيم، ”ان رازسان منهنجي ترجيتري به دلچسپي نه آهي.“

”آئي ايم سوري.“ ڏني چيو. ”ٻيو راز، ڪهڙا ڪهڙا بندرا ۽ ڏيندا، بلڪ ڄامڙا ڪهڙي نموني قدوار ٿي پيا آهن!“

چيم، ”ڏنا، ان رازسان به منهنجي ڪا دلچسپي نه آهي.“

”ويري بيڊ!“ڏني چيو. ”ٽيون راز، ڪيتري دير تائين ڪوڙ تي ڳنڍ ٻڌڻ ڪان پوءِ ڪوڙ نسورو سچ محسوس ٿيندو آهي!“

چيم،”يار ان رازسان به منهنجي ڪا دلچسپي نه آهي.“

”ته پوءِ گڊ نائيٽ!“ ڏنو ليٽي پيو. چيائين، ”اڄ رات تي خواب ڏسندس، خوابن جو ذڪر توسان صبح جو ڪندس.“ ■

1977

# ڏٽي بخش ڏني جا ٽي ڪم

ڏٽي بخش ڏنو گذريل هفتي اسلام آباد آيو هو. مون وٽ اچي رهيو هو. پهچڻ شرط اعلان ڪيائين،”تن ڏينهن لاءِ اسلام آباد آيو آهيان، ۽ ٽي ڪم ڪٽي آيو آهيان.“

پڇيومانس، ”ٽي ڪم ڪهڙا ڪٽي آيو آهين؟“

جواب ڏنائين، ”سڀ کان اڳ تہ توکان ٽي سوال پڇڻا اٿم، ۽ تنهنجا جواب سنڌ تائين پهچائڻا اٿم.“

پڇيومانس، ”سي آئي ڊيءَ ۾ نوڪري ڪئي اٿئي ڇا؟“

وراڻيائين، ”تہ پوءِ تنهنجي خلاف هڪ عدد ٻي انڪوائريءَ لاءِ مواد حڪومت تائين پهچي چڪو هجي ها.“

پڇيم،”تہ پوءِ ڪهڙا ٽي سوال آهن. سياسي تہ نہ آهن؟“

پڇيائين،”سياسي سوالن جو جواب نہ ڏيندين ڇا.“

چيم، ”نہ.“

پڇيائين،”ڇو؟“

چيم،”اسان جي ملڪ ۾ سياست تي اڻ پڙهيل وڏيرا، چوڌري، خان ۽ سردار ڳالهائيندا آهن، مان انهن مان ڪجهہ بہ نہ آهيان. جيئڻ لاءِ جتن ڪندو آهيان.“

چيائين، ”اتفاق سان ٽيئي سوال غير سياسي آهن.“

چيم،”تہ پوءِ بسم الله ڪر.“

پڇيائين، ”ملن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڏاڙهي رکائي اٿئي؟“

جواب ڏنم”ڪير ٿو چوي ڏاڙهي رکائي اٿم! اصل ۾ ڏاڙهي ڪوڙڻ ڇڏي ڏني اٿم.“

ٻيو سوال پڇيائين،”هلال پاڪستان ۾ ٻيهر ڪالم ڇو شروع ڪيو اٿئي؟“

چيم، ”ماڻهن ۾ افراتفري، بيچيني ۽ بدمعاشي ڦهلائڻ لاءِ.“

ڏني ٽيون سوال پڇيو،”گذريل ڇهن ستن سالن ۾ جيڪي افسانا لکيا اٿئي، پر شايع نہ ڪرايا اٿئي، انهن افسانن جو ڇا ڪندين؟“

چيم، ”اهي افسانا ايڪسپورٽ ڪندس، ۽ ڪروڙين رپيا ڪمائي سمگلنگ جو ڌنڌو شروع ڪندس، ۽ آخر ۾ چونڊن ۾ حصو وٺندس.“

ڏني چيو ”منهنجن ٽن ڪمن مان هڪ ڪم پورو ٿيو.“

پڇيم، ”باقي ٻه ڪم ڪهڙا ڪندين؟“

چيائين، ”اهڙن ٽن اهم ماڻهن سان ملڻ جي ڪوشش ڪندس، جيڪي چوَن هڪڙي ڪن ٻي.“

چيم، ”تون ٽن صدين تائين اهڙن اهم ماڻهن سان ملي نه سگهندين.“

ڏني چيو”ته پوءِ مان ٽنهي ڄڻن جي ٽنهي پرائيويٽ سيڪريٽرين سان ملندس.“

چيم،”تون ٽنهي پرائيويٽ سيڪريٽرين جي ٽن پٽيوالين سان به ملي نه سگهندين.“

ڏني چيو”ته پوءِ ٽي داغ ڪٽي موٽي ويندس.“

پڇيم، ”ٽيون ڪم ڪهڙي نوعيت جو اٿئي.“

وراڻيائين،”هڪ عورت سان ملندس، جنهن مون سان ٽي واعدا ڪيا هئا.“

پڇيم،”ڪهڙا ٽي وعدا؟“

جواب ڏنائين،”جڏهن مون سان محبت ڪندي هئي، تڏهن چيو هئائين ته مون سان شادي ڪندي، ٻيو واعدو ڪندي چيو هئائين ته مون سان شادي ڪري نه سگهي ته پوءِ ڪنهن سان به شادي نه ڪندي. ٽيون واعدو ڪيو هئائين ته جيڪڏهن ماٽن سندن شادي ٻئي ڪنهن شخص سان ڪرائي ڇڏي ته پوءِ آپگهات ڪندي.“

پڇيم،”ٽا هن ڪو به واعدو وفا نه ڪيو آهي؟“

جواب ڏنائين،”هوءَ پنهنجي مڙس سان خوش آهي، ۽ ٽن ٻارن جي ماءُ آهي.“

پڇيم،”پوءِ تون ٽا ڪندين؟“

وراڻيائين،”مون ڪانئس ٽي رپيا اڌرا ورتا هئا، اهي ٽي رپيا سود سميت موٽائي، ڪيس ٽي دعائون ڏيئي، مان ٽن ڏينهن جي اندر موٽي ويندس.“ ■

1980

# سب چلتا هے

هيءَ ڪالهوڪي واقعي جي ڳالهه آهي. مان پنهنجي دوست ڏٽي بخش ڏني سان ملڻ ويو هوس. ڏٽي بخش ڏنو ڪافي عرصي کان اسلام آباد ۾ آهي، ۽ هڪ محڪمي جو ذري گهٽ سربراهه آهي، جنهن گهٽيءَ ۾ اوهين ڪو اهڙو ٻار ڏسو جنهنجو مٿو تئي وانگر ويٺل، وار تيل ۾ پيت ٿيل، اکين مان وهي نڪتل سرمو ۽ نڪ سنگهه يعني گوبي سان ڀريل هجي. اکيون بند ڪري اعتبار ڪجو ته اها گهٽي ڏٽي بخش ڏني جي آهي. اڄ تائين ڪنهن به دوست کي خبر پئجي نه سگهي آهي ته ڏٽي بخش ڏنو ڪهڙي سيڪٽر ۾ رهندو آهي، ڪيس ملڻ لاءِ اسين اهڙي ٻار جي تلاش ڪندا آهيون، جنهنجو مٿو ويٺل هجي، وار تيل ۾ پيت ٿيل هجن، اکين مان سرمو ٽيڏيون ڪري نڪري آيل هجي ۽ نڪ گوبي سان ڀريل هجي، جنهن کي اهو ٻار ساهه سان ڇڪي ناسن اندر ڪندو هجي ۽ گهڙي کن گوبو وري ٻاهر نڪري سندس چپن تائين وهي وهي اچي. اهڙي ٻار کي هٿ ڪرڻ ۾ڪانپوءِ ڏٽي بخش ڏني کي هٿ ڪرڻ ڏکيو نه آهي!

ڏٽي بخش سان ملڻ سندس گهر نه ويو هوس. مان سندس آفيس ويو هوس. سندس آفيس هڪ ڏهه ماڙ عمارت جي ٽين ماڙ تي آهي. ڏٽي بخش جي پرائيويٽ سيڪريٽريءَ کي خبر آهي ته مان ڏٽي بخش جو پڳ مٽ يار آهيان، تنهنڪري هو مون کي بنا روڪ ٽوڪ جي ڏٽي بخش جي آفيس ۾ لنگهي وڃڻ کان ڪڏهن نه روڪيندو آهي.

مان ڏٽي بخش جي آفيس ۾ داخل ٿيس. ڏٽي بخش غائب! ٻه چار دادا گير قسم جا ماڻهو مچريل. سندس آفيس ۾ فرنيچر هيٺ مٿي ڪري رهيا هئا ۽ شين کي ٽڏا هڻي رهيا هئا. مون سمجهيو. ڪوئا مار ڪمپنيءَ جا آهن. ڏٽي بخش جي آفيس مان ڪوئا مارڻ، يا ڀڄائڻ آيا آهن.

هنن رڙ ڪئي،”اڙي ڪٿي آهين ڪوئا! ٻاهر نڪري آءُ.“

مون کي پڪ ٿي ويئي ته دادا گير قسم جا ماڻهو ڪوئا مار ڪمپنيءَ جا ملازم هئا، ۽ نهايت ايمانداريءَ سان پنهنجو فرض انجام ڏي رهيا هئا.

”بزدل ڪوئا، سامهون اچ.“

”ڪوئي جا پٽ، ڪٿي لڪل آهين.؟“

ڪوئا مار ڪمپنيءَ جي ڪارڪنن جو جوش خروش ڏسي مان ڏاڍو خوش ٿيس. فخر وچان منهنجو ڳاٽ اوچو ٿي ويو. مون هڪڙي ڪارڪن کان پڇيو. ”يائو توهان تمام ايمانداريءَ سان ڪوئي کي ڳولي رهيا آهيو پر منهنجو يار ڏٽي بخش ڏنو ڪٿي آهي؟“

”اڙي! تون وري ڪير آهين!“ هنن ڏمر وچان پڇيو.

”منهنجو نالو سنڌي گدڙ آف اسلام آباد آهي. مان ڏٽي بخش ڏني جو دوست آهيان.“

”تنهنجو دوست هن ميز هيٺان لڪل آهي.“

”ڪوئو پيو ڳولي ڇا؟“

”هو پاڻ ڪوئو آهي، اسان کان لڪي وينو آهي.“

مون هيٺ جهڪي، ميز جو جائزو ورتو. برابر، ڏٽي بخش ڏنو ميز هيٺان وڇايل غاليچي جي هيٺيان گهڙي ويو هو ۽ پاڻ کي سوگهو ڪري ويهي رهيو هو.

مون کي خبر هئي، ۽ خبر آهي ته ڏٽي بخش ڏني اسلام آباد ۾ ڏکيا سکيا ڏينهن گذاريا آهن، پر هن ڪڏهن به، ۽ ڪنهن کان قرض نه ڪنيو آهي ته پوءِ ڪوئا مار ڪمپنيءَ جا ڪارڪن مچريل ڇو هئا!.

مون ڪارڪنن کان پڇيو ”يائو ڏٽي بخش توهان کان قرض ورتو آهي ڇا؟“

”قرض وري ڇا جو!“ هنن ڪاوڙ وچان چيو، ”اسين يونين جا نمائندا آهيون“

”او!“مون سک جو ساهه کنيو، هيٺ جهڪي ڏٽي بخش کي چيم، ”ڏنا، نڪري آ، يار، هي يونين جا ماڻهو آهن. ياد اٿئي، اسان سيني گڏجي آمريت خلاف جدوجهد ڪئي هئي.“

”هي ڪوئو تنهنجي چوڻ تي ٻاهر نه ايندو. سنڌي گدڙ آف اسلام آباد.“ ڪارڪنن ڏني کي ڪنڌ کان وٺي، ڇڪي ٻاهر ڪڍيو.

ڏنو ڪرڙيءَ وانگر ڪنبي رهيو هو. ڪارڪنن ٻه چار فائيل ڏني آڏو ميز تي رکيا، رڙ ڪندي چيائون. ”ڪوئي جا پٽ، هتي صحيحي ڪر.“

”ڪيئن صحي ڪريان!“ ڏني ڪنبندي چيو ”مون کي خبر آهي ته بجيٽ ۾ اضافي پئسو ڪونهي، پرومشن لاءِ جايون ڪونهن، جيڪي ماڻهو ٽيسٽ ۾ ناڪام ٿيا آهن، انهن کي نوڪريءَ ۾ ڪٽي نٿو سگهجي. ادارو نقصان ۾ وڃي رهيو آهي، مان ڇئن مهينن جو بونس ڪٿان ڏيان!“

”ڪوئي جا پٽ!“هڪ طاقتور ڪارڪن ڏني کي ڪنڌ کان وڃي ورتو چيائين، ”هيءَ جمهوري دور

آهي، جمهوري دور ۾ ائين ئي ٿيندو آهي. هنن فائيلن تي صحي ڪر.“

ڏٽي بخش بيوسيءَ مان مون ڏانهن ڏٺو.

”سنڌي گدڙ ڏانهن ڇا ٿو ڏسين.“ ڪارڪن رڙ ڪندي چيو”صحي ڪر.“

” مون ڏني کي چيو “ڏنا، خيرن سان جمهوري دور موٽي آيو آهي. تون فائيلن تي صحي ڪري ڇڏ. سب چلتا هي“

ڏني فائيلن تي صحي ڪري ڇڏي. ■

1990

# رڪ ۾ چٽنگ ڳوليان ٿو

اسلام آباد جي بنواس مان ڪجهه ڏينهن لاءِ فرار ٿي ڪراچي آيو آهيان.

قندڻ منهنجو پراڻو پاپي دوست آهي. عامل ڪامل صحافي آهي. هميشہ ڦڏي جا ڪم ڪندو آهي ـ مثال طور اجايو سچ ڳالهائيندو آهي. سچ ڳالهائڻ سبب هميشہ ڏچي ۾ هوندو آهي.

ٽيون ڏينهن قندڻ مون وٽ آيو. چيائين، ”تون وڏو بدمعاش ٿي پيو آهين. اصل لوفر ٿي پيو آهين. شرم نہ ٿو اچيئي جو رات جي ٻارهين ڪان پوءِ گهر ۾ ڪڪڙ وانگر ويهي ٿو رهين ۽ خواب ٿو ڏسين.“

چيم، ”بدبخت، گهر ۾ ويهڻ ڪي تون لوفر پائي ٿو سڏين!“

چيائين، ”تو جهڙي لاءِ گهر ۾ ويهڻ سؤ فيصد بدمعاشي ۽ لوفر پائي آهي.“

ڪو چاڙهو نہ ڏنم. ان وقت رات جا ساڍا ٻارهن ٿيا هئا. قندڻ ڦڏي جون تازيون خبرون ڪمپوز ڪرڻ لاءِ اخبار جي آفيس ۾ ڏيئي مون وٽ هليو آيو هو. چيائين، ”اشرافن وانگر رات جو رولاڪ ٿيءُ، جيئن اڳ هوندو هئين. گهر ۾ ڪڪڙ وانگر ويهڻ واري بدمعاشي ڇڏ.“

چيم، ”هلان ٿو يار ـ وڙهين ڇو ٿو!“

قندڻ چيو ”خبردار جو بوٽ پاتو اٿئي. اڳ چمپل ۾ ڊڪا ڪائيندو هئين، ۽ هينئر وري بوٽ ٿو پائين! تون پڪو لوفر ٿي پيو آهين.“

ڊپ وچان بوٽ نہ پاتم. چمپل ۾ ٻاهر نڪتس. ٻاهرين در کي تالو هنيم. قندڻ وڏو ٺهڪ ڏنو. پڇيو مانس، ”اڙي ڪلين ڇو ٿو!“

قندڻ ڪلندي چيو ”گدڙ لڳي ٿو تہ ڏاڍو مال گڏ ڪيو اٿئي.“

قندڻ سان بحث ڪرڻ، پٽ سان مٿو هڻڻ برابر آهي. خاموش رهيس. اسين لي مارڪيٽ طرف نڪري وياسين. ٽرڪن ۽ ٽيڪسين جي اڏي وٽ هڪ ٻاڪڙا هوٽل ۾ بينچ تي ويهي رهياسين، ۽ ڪڙڪ چانهن جون سرڪيون ڀرڻ لڳاسين، ۽ لتا منگيشڪر جا گانا ٻڌڻ لڳاسين.

قندڻ چيو ”گدڙ تون هاڻي خلاص ٿي ويو آهين. تنهنجي ڪالم ڪهاڻيءَ مان مزو نڪري ويو آهي.“

مون کي تعجب نہ ٿيو اها ڳالهہ ڪجهہ ٻين دوستن بہ مون سان ڪئي آهي. گهڻن پڙهندڙن جي خواهش آهي تہ مان فقط سنڌوءَ ۽ جيجل ماءُ متعلق ڪالم ڪهاڻيون لکان، ۽ ٻيو ڪجهہ نہ لکان. اهڙي

صورتحال ۾ ڦندڻ جو رايو مون کي اوپرو نہ لڳو. چيم، ”مان پڻ محسوس ڪريان ٿو تہ ڪالم ڪهاڻيءَ مان مزو نڪري ويو آهي. لوڻ مرچ جي ڪا ڳڙٻڙ آهي.“

ڦندڻ پڇيو. ”۽ خبر اٿئي تہ، تنهنجي ڪالم ڪهاڻيءَ مان مزو ڇو نڪري ويو آهي؟“

چيم، ”پابندين ۾ تخليقي ڪم جو نتيجو خاطر خواهہ نہ نڪرندو آهي.“

”نہ، اها ڳالهہ ناهي.“ ڦندڻ چيو. ”اسان هميشہ کان پابنديءَ ۾ لکيو آهي. تنهن ڪري پابنديءَ ۾ لکڻ اسان لاءِ نئون تجربو نہ آهي. اهو سنڌي ادب ۽ اديبن جو نصيب آهي.“

پڇيم، ”تہ پوءِ ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو؟“

ڦندڻ چيو ”ڪراچيءَ ۾ هوندو هيئن تہ اسان جي محابي سڄي سڄي رات سڙڪن تي رلندو هئين، ۽ زندگيءَ جي درد کي سڌو سنئون پنهنجيءَ دل ۾ محسوس ڪندو هئين. اسلام آباد وڃڻ کان پوءِ تون ڪڪڙ ٿي پيو آهين. بند ڪمرن ۾ ويهي ماضيءَ جي رک مان تخليق جي چڻنگ ڳولين ٿو.“

ڦندڻ جي ڳالهہ مون کي دل سان لڳي. چيم، ”تون سچ ٿو چوين ڦندڻ.“

هن پڇيو ”اها شاليءَ • وري ڪير آهي؟“

چيم، ”توکي ڪو اعتراض آهي!“

”اعتراض تہ ڪونهي.“ ڦندڻ چيو ”شاليءَ کي ڏسڻ لاءِ مون کي اسلام آباد جي ياترا ڪرڻي پوندي.“

■

• هن ڪهاڻيءَ کان ڪي ورهيہ پوءِ شالي منهنجي ناول **”نيٺ گونگي ڳالهايو“** جو مرڪزي ڪردار ٿي پئي هئي

# ٻچو ان ڏينهن کان

هن اسان ڏانهن اشارو ڪندي چيو، ”توهين ٻئي وڏا بدمعاش آهيو.“

ڦندڻ وراڻيو ”اسين ايڏي وڏي اعزاز جي لائق ناهيون، سائين.“

”مان توهان ٻنهي کي چڱي طرح سڃاڻان.“ هن چيو ”توهين ٻئي ڦڏيباز آهيو.“

”سائين، اوهان کي پڪ غلط فهمي ٿي آهي. مان عامل ڪامل صحافي ڦندڻ آهيان.“ پوءِ مون ڏانهن اشارو ڪندي ڦندڻ چيو ”۽ هيءُ آواره گرد آهي. سڄو ڏينهن، سڄي رات رستن تي ڌڪا کائيندو آهي، راشن بچائيندو آهي، ۽ پوءِ هٽ نوڪيون ڳالهيون لکندو آهي.“

هن ڪرڙي اک سان اسان ٻنهي ڏانهن ڏٺو. ڪجهه دير کان پوءِ چيائين، ”مان توهان ٻنهي کي ڏسي رهندس.“

ڦندڻ پڇيس، ”ڇو هينئر اسين اوهان کي ڏسڻ ۾ نٿا اچون ڇا؟“

”ڳالهه ٻڌو، پر ڪن کولي ٻڌو.“ هن چيو ”اوهين ٻئي پنهنجو رويو سڌاريو نه ته مان توهان ٻنهي کي وڏي نقصان ۾ وجهي ڇڏيندس.“

”منهنجا ڪارخانا هلندا آهن، اُهي بند نه ڪرائجو.“ ڦندڻ مون ڏانهن اشارو ڪندي چيو. ”۽ هن ڪنگلي جا جهاز هلندا آهن. اُهي ضبط نه ڪرائجو.“

”مون کي معمولي ماڻهو نٿا سمجهو!“ هن اکيون ڦوتاريندي چيو ”پر منهنجي ڏيٺ ويٺ معمولي ماڻهن سان ناهي. مان توهان ٻنهي جا ترا ڪڍي ڇڏيندس.“

مون ڦندڻ کي ڪن ۾ چيو ”ماڻهو جا پل ته سڀ ڪجهه نڪرن، پر ترا نڪرڻ نه گهرجن.“

ڦندڻ سڙٻاٽن ۾ پڇيو ”پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟“

آهستگيءَ سان چيم، ”هن کان پڇڻ گهرجي ته پاڻ ڪهڙي هستي آهي، ۽ اسان کان ڪهڙي شڪايت اٿس؟“

ڦندڻ هن کان پڇيو ”سائين، اوهين ڪير آهيو ۽ اسان ٻنهي کان ڪهڙي سبب ناراض آهيو؟“

”مان ڪير آهيان! يعني ڪ مان ڪير آهيان؟“ هن جڪ ڪائيندي چيو ”اتي ئي توهان جي بدمعاشي ظاهر ٿي پيئي آهي. مون کان پڇو ٿا ته مان ڪير آهيان!“

اسان ٻئي ٻچي وياسين.

مون ڦندڻ کي چيو، ”هيءُ پاڙ ڪو وڏو ماڻهو آهي يا عنقريب وڏو ماڻهو ٿيڻ وارو آهي. يا ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو چمچو آهي.“

”تون وري ڪن ٿو پرينس جا؟“ هن هڪدم چڙٻ ڏيندي مون کان پڇيو.

چيم، ”نہ سائين. ڦندڻ جي ڪن ۾ مر پريل آهي، تنهن ڪري سندس ڪن ۾ ٻيو ڪجهہ پري نہ ٿو سگهجي.“

ڦندڻ پڇيس، ”سائين، اوهين جيئندا ڦبلا، اسان بدبختن کان ڪهڙي سبب ناراض آهيو؟“

”ڪهڙي سبب ناراض آهيان!“ هن ڪاوڙ وچان چيو. ”مون اوهان کي پنهنجي جوانيءَ جو فوٽو ڏياري موڪليو هو ۽ چوايو هو تہ منهنجي بيان سان گڏ هميشہ منهنجي جوانيءَ وارو فوٽو پنهنجي اخبار ۾ شايع ڪندا ڪريو. پر اوهان ٻنهي منهنجي حڪم جي خلاف ورزي ڪئي آهي، ۽ منهنجو موجوده، يعني پوڙهي وهيءَ وارو فوٽو شايع ڪيو آهي.“

ڦندڻ ڪبندي پڇيس، ”اوهان ڪهڙي سلسلي ۾ بيان ڏنو هو سائين؟“

”ڪتن ۽ رڇن واري ويڙهہ ۾ مون رڇن جي طرفان بيان ڏنو هو.“ هن چيو. ”مون کي رڇن جي حمايت حاصل آهي، ۽ مان ايندڙ چونڊن ۾ رڇن جي سپورٽ تي بيهندس. ۽ منهن جو انتخابي نشان رڇ هوندو. توهين ٻئي ٻچوان ڏينهن کان، جڏهن مان چونڊن ۾ ڪامياب ٿيندس، ۽ توهان ٻنهي کان بدلو وٺندس.“ ■

1990

# فائيل، جيڪي بند نہ ٿيندا آهن

14 آگسٽ تي موڪل هئي. قندڻ ۽ مان سڄو ڏينهن ڪراچيءَ جي رستن تي رلندا رهياسين، ۽ کاڌيون لاءِ مواد گڏ ڪندا رهياسين. ميونسپل ڪارپوريشن جا رستا جڏهن گسائيندي گسائيندي ٿڪجي پياسين، تڏهن سمر سيٽ اسٽريٽ جي هڪ ڀاڪڙا هوٽل ۾ چانهن پيئڻ ۽ دم پٽڻ لاءِ وڃي ويناسين.

ڪڙڪ، ڪوڙي ۽ ٿهڪندڙ چانهہ جون سرڪيون ڀريندي قندڻ چيو "سامهون ڀت تي فلم 'برباد جوانيءَ 'جو پوسٽر ڏسين ٿو؟"

پوسٽر ڏانهن ڏسندي، چيم، "سٺو پوسٽر آهي، ولين اصل ۾ هيرو کان وڌيڪ هينڊسم آهي."

قندڻ پڇيو "پوسٽر جي پاسي ۾ رکيل ڪرسيءَ تي ٻہ شخص ڏسين ٿو؟"

چيم، "اتي ٻہ ڪرسيون رکيون آهن، ۽ ٻنهي ڪرسين تي ٻہ شخص ويٺا آهن. تون ڪهڙي شخص جي باري ۾ پيو پڇين؟"

وراڻيائين، "مان نوڙهي پوڙهي جي باري ۾ پيو پڇان."

"هن ۾ ڪهڙي خوبي آهي؟"

"هيءُ ساڳيو شخص آهي، جنهن ڪالهہ اسان جو پريس کان چاڪيواڙي تائين پيڇو ڪيو هو."

پڇيائين،"هيءُ ڪير آهي؟"

مون نوڙهي پوڙهي ڏانهن ڏسندي چيو "مان سمجهان ٿو تيون ڏينهن جنهن شخص اسان جو ٽيڪسيءَ ۾ پيڇو ڪيو هو سو هيءُ شخص ئي هو مون کي پڪ آهي."

قندڻ چيو "مان سمجهان ٿو هيءَ فرشتو آهي."

اسان کي پاڻ ۾ سڙٻات ڪندي ڏسي، نوڙهو پوڙهو ڪرسيءَ تان اٿي، اسان جي پاسي ۾ اچي ويٺو. هو سپتيو ماڻهو هو. هڪدم پنهنجي واقفيت ڪرايائين. اسان کان ڪجهہ نہ لڪايائين. اسان جو شڪ سچو ثابت ٿيو. هو سچ پچ فرشتو هو.

اسان فرشتو ان شخص کي سڏيندا آهيون، جيڪو ٻين شهرين ۾ ڏوهہ، گناهہ، سازشون ۽ تحريڪون تلاش ڪندو رهندو آهي، پر پاڻ انهيءَ ڳالهين کان مٿاهون هوندو آهي. سندس ڪاتي جو ڪوبہ ملازم الزام هيٺ نہ ايندو آهي. سندس ڪاتي کي اسين فرشتن جو ڪاتو سڏيندا آهيون. قندڻ،

فرشتي ڪان پڇيو، ”تون اسان ٻنهي جي ڪيڏ لڳي پنهنجو وقت برباد ڇو پيو ڪرين؟“

فرشتي جواب ڏنو ”سڀ ڪان اول تہ مون کي خانہ پوريءَ لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن شخص جو پيڇو ضرور ڪرڻو آهي. ان ڪم لاءِ مون اوهان ٻنهي کي چونڊيو آهي. اوهان ٻنهي جا اسان جي ڪاتي ۾ فائيل کلي ويا آهن.“

”فائيل کلي ويا آهن!“ مون حيرت وچان پڇيو. ”آخر ڇو؟“

وراڻيائين، ”ڇو جو اوهين ٻئي ڪميونسٽ آهيو.“

قندڻ ڪائنس پڇيو ”تو وٽ ڪهڙو ثبوت آهي، تہ اسين ٻئي ڪميونيسٽ آهيون؟“

”مون وٽ تمام پڪو ثبوت آهي.“ نوڙهي پوڙهي چيو ”اوهين ٻئي وڏيرن جي سخت خلاف آهيو. ٻيو تہ اوهين ڪولهين جا همدرد آهيو. بلڪ ڪولهين جو پاسو ڪٽي، اوهين طبقاتي نفرت پکيڙي رهيا آهيو.“

پڇيو مانس، ”تہ پوءِ ڪڏهن ٿو اسان کي جنت جو سير ڪرائين.“

جواب ڏنائين، ”خانہ پوريءَ لاءِ مان ڪجهہ ڏينهن وڏيڪ اوهان جو پيڇو ڪندس. پوءِ اوهان کي نڪاٽي لڳائڻ لاءِ پنهنجي کاتي کي رپورٽ ڏيندس.“ اسان کي نڪاٽي لڳائڻ کان اڳ فرشتي کي الله سائينءَ نڪاٽي لڳائي ڇڏيو. پر اسان خلاف کولايل فائيل اڄ تائين کليل آهي. ■

1990

# مالڪ تون درد ڪٽيندين

ڦندڻ جي ٽنگن ۾ سخت سور ٿي پيو آهي. مُرن وٽ سوج ٿي وئي اٿس. اسان وارو عامل ڪامل صحافي دوست اڄڪلهه مزي ۾ ڪونهي.

ڏنو فدا حسين ڦودنو ۽ مان ڪيس پڇڻ وياسين.

ڦندڻ جي ڪمري مان ڇت وارو پکو غائب هو ۽ پکي واري ڪنڊي مان هڪ رسي لٽڪي رهي هئي. ڦندڻ پنهنجا پير رسيءَ سان ٻڌي، ڪجهه مٿيرا ڪري ڇڏيا هئا. سندس باقي بدن کٽ تي پيو هو.

هن اسان کي ڪيڪاريو.

ڏني چيس، ”ان رسيءَ ۾ جيڪڏهن پيرن بدران پنهنجو ڪنڌ ٻڌي، ۽ رسي ڪجهه مٿي ڪري ڇڏين ته جيڪر سمورن دردن کان ڇٽي پوين ها.“

ڦندڻ کلڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڦودني چيس، ”کلڻ جي ڪوشش نه ڪر، اصل ناڪام سياستدان ٿو لڳين.“

مون ڦندڻ کي چيو، ”تو سڄي عمر ٻين جي معاملي ۾ ٽنگ اڙائي آهي. هينئر نتيجو پيو ڀوڳين.“

ڏني چيو، ”شڪر ڪريو جو ڦندڻ ٻين جي معاملي ۾ فقط ٽنگ اڙائي آهي، ۽ هينئر ٽنگن جي مرض ۾ ورتجي ويو آهي! بدبخت، جيڪڏهن ٻين جي معاملي ۾ ڪنڌ اڙائي ها، ته جيڪر ڪنڌ وڃائي ويهي ها!“

ڦندڻ چيو، ”مون کي مُرن ۽ پيرن تي سوج ٿي پيئي آهي، تنهن ڪري ٽنگون رسيءَ ۾ ٻڌي ڇڪي مٿي ڪري ڇڏيون اٿم.“

ڦودني چيو، ”مان سمجهان ٿو ڦندڻ پيار ۾ ڪو غلط قدم کنيو آهي، تنهن ڪري پيرن جي سزا ڀوڳي رهيو آهي.“

ڏٽي بخش ڏني چيو، ”ڦندڻ هميشه غلط قدم کنيو آهي، تنهن ڪري هو غلط قدم کڻڻ جو هيراڪ آهي. مان سمجهان ٿو ڦندڻ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو صحيح قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تنهن ڪري هينئر نتيجو لوڙهي رهيو آهي.“

مون کي ڦندڻ جي حال تي رحم آيو. هو آهستي آهستي ماسٽر چندر جو ڳايل ڪلام جهونگاري رهيو هو ”مالڪ تون درد ڪٽيندين، ڪين ڇڏيندين، هر حال ۾ رانول رهبر ٿيندين.“

مون ڦندڻ کي چيو، ”دل نہ لاهہ. تون جلد چاڪ چڱو ڀلو ٿي ويندين، ۽ وري ماڻهن جي معاملن ۾ ٽنگ اڙائڻ جي ڪوشش ڪندين.“

ڦندڻ پاڻ کي ٿونٿين تي مٿي ڪندي چيو، ”مون کي ناز بوءِ آڻي ڏيو.“

”اي نهيو نهيو ديسي فلاسافر!“ فدا حسين ڦودني ڇڙٻ ڪڍندي چيس، ”تون سولائي سان مرڻ جو ناهين. تون خدا جي اڌ خلق کي پنهنجي وجود سان بور ڪري مارڻ کان پوءِ وڃي ڪو مرندين! في الحال تنهنجي مرڻ جو ڪو امڪان نظر نہ ٿو اچي.“

”تہ پوءِ هلو تہ توهان کي آزاد پنڇي هوٽل جي ڪڙڪ گولي مار چانهہ هلي پيئاريان.“ ڦندڻ پنهنجا پيير رسيءَ مان ڪڍي ڇڏيا. ■

1990

# ڦندڻ جو پرابلم

ٽيليفون جي گھنٽي وڳي.

ڦندڻ مون ڏانهن ڏٺو. مون ڦندڻ ڏانهن ڏٺو. ڦندڻ چيو، ”مان سمجهان ٿو، تنهنجي ڪنهن قاتل جي فون آهي.“

”چو ٿو لنوائين!“ چيم، ”تنهنجي ڪنهن مائٽ جي فون هوندي، وڃي منهن ڏينس.“

”نه بابا.“ ڦندڻ مون کي هٿ ٻڌندي چيو، ”مان جن، ڀوت ۽ راڪاس، ۽ سي آءِ ڊيءَ وارن سان ته ڳالهائي سگهان ٿو پر پنهنجي مائٽ سان هرگز ڳالهائي نه سگهندس.“

ڦندڻ پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿي مون وٽ آيو. نماڻو منهن ٺاهيندي چيائين، ”منهنجي مدد ڪر.“

مون کي ڦندڻ تي قياس آيو. ڦندڻ جي شادي ٿيل ناهي، سندس مائٽن جي مرضي آهي، ته ڦندڻ جلد کان جلد شادي ڪري، ۽ ٻارن ٻچن جو سلسلو شروع ڪري، ته جيئن خاندان جو نالو روشن رهي. پر، اسان جو عامل ڪامل صحافي دوست ڦندڻ شاديءَ لاءِ تيار ناهي. بلڪ، هو شاديءَ کان ويُن ويندو آهي. چوندو آهي، ”زندگيءَ ۾ هڪ دفعو محبت ڪرڻ ۽ نباهڻ جو ٺيڪو فقط عورتن ته نه کنيو آهي. مرد به زندگيءَ ۾ فقط هڪ دفعو محبت ڪندو آهي، ۽ باقي رهيل زندگي ان محبت جي ياد سان ڳر لڳي گذاري ڇڏيندو آهي.“

مون کي خبر آهي، ڦندڻ هڪ دفعي دل جي سچائيءَ سان ڪنهن سان محبت ڪئي هئي، ۽ اها محبت سندس زندگيءَ جي آخري محبت هئي. ان کان پوءِ ڦندڻ ڪنهن سان به محبت نه ڪئي آهي.

مان ڪنهن ڪنهن وقت ڦندڻ جي هيڪلاين جي باري ۾ سوچيندو آهيان. مان جڏهن به ڦندڻ جي اڪيلائين ۽ دنيا سان ٺاهه نه ڪرڻ واري رويي جي باري ۾ سوچيندو آهيان، تڏهن مون کان پنهنجي هيڪلائي ۽ دنيا سان ٺاهه نه ڪرڻ واري روش وسري ويندي آهي. مون سان گڏ منهنجو ننڍڙو پتڪڙو ۽ منڙو پياءُ چينو رهندو آهي. مون کي پنهنجي ماءُ به آهي، جيڪا جيتوڻيڪ ظاهري طرح مون کان پري آهي، منهنجين اکين کان اوجهل آهي، پر دل جي ويجهو آهي. سندس وجود جو منهنجي ذهن ۾ واسو آهي. مون کي خبر آهي، ته هوءَ روهڙيءَ ۾ آهي، ۽ هوءَ ستين جي آستان وٽ وار ڇوڙي ويٺي هوندي آهي. ۽ منهنجو انتظار ڪندي رهندي آهي.

پر، ڦندڻ جو ڪوبه ڪونهي. مون کي خبر آهي، ته سندس مائٽ مطلبي آهن. هنن کي ساڻس ڪابه

همدردي ڪانهي. هو هڪ سني ڇوڪري جي ڇڪر ۾ آهن. ۽ ڦندڻ، پنهنجي ٻرندڙ جبل جهڙي زندگيءَ سميت ڪين سنو ڇوڪرو لڳندو آهي، پر، هو اڪيلو آهي. هن سمورا رشتا ناتا ٽوڙي ڇڏيا آهن. هن جو ڪوبہ ڪونهي.هن وٽ ڪجهہ بہ ڪونهي ـ نہ بنگلو نہ موٽر، نہ بينڪ بيلنس ۽ نہ سٺا ڪپڙا ۽ بوٽ. هن وٽ ڪجهہ ڪونهي! ۽ انسان وٽ وڃائڻ لاءِ جڏهن ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي، تڏهن هو بي انتها بهادر ٿي پوندو آهي. هو زماني سازيءَ جي زنجيرن کان آزاد هوندو آهي. انديشن ۽ خوف کي ڪٽ ۾ نہ آڻيندو آهي. هو حالتن جي اونده ۾ ضمير جي روشنيءَ سان هلندو رهندو آهي.

۽ منهنجو پيارو دوست ۽ ساٿي ڦندڻ اهڙو ئي آهي. ٽيليفون جي گهنٽي وڄندي وڄندي بند ٿي ويئي. ■

1990

# ٻڪر

عيد پيري ٻڪرن جون قيمتون ٻڏي واٽڙا ٿي وياسين. مون ڦندڻ کي چيو، ”ايندڙ سال قرباني واري عيد تي تون ۽ مان ٻڪر ٿي پونداسين ۽ وڪامي ويندا سين.“

”تنهنجي تجويز خراب ناهي.“ ڦندڻ چيو ”پر اسان کي ڪير خريد ڪندو؟“

”ڇو اسين ٻڪرن کان ٻه وياسين!“

”ماڻهو گونگا ٻڪر قربان ڪندا آهن. ڳالهائڻ وارا ٻڪر نه.“

”اسين ڳالهائڻ ڇڏي ڏينداسين.“

”۽ لکڻ؟“

”لکڻ به ڇڏي ڏينداسين.“

”پوءِ شايد وڪامي سگهنداسين.“

”اسين اڄ تائين تمام سستو وڪامندا رهيا آهيون، ڦندڻ.“ مون ڦندڻ کي چيو ”ڇا اسين هڪ ٻڪر جيتري قيمت به نه لهڻون!“

انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي ڦندڻ چيو ”نه. اسين ٻڪر جيتري قيمت نه لهڻون.“

پڇيو مانس، ”ڇو؟“

جواب ڏنائين، ”ڇو جو اسين حلال نه آهيون.“

”تون پليل آهين ڦندڻ.“ مون چيو ”اسين حلال جانور کائڻ جا حقدار آهيون، ته پوءِ پاڻ حلال ڇو نه آهيون!“

”نازڪ مسئلن تي توکي ۽ مون کي ڳالهائڻ جو حق ناهي.“ ڦندڻ چيو ”اسين بهرحال ٻڪرن وانگر وڪامڻ لاءِ هلي پڙين تي بيهنداسين ۽ پوءِ وڪامي ويندا سين.“

”ٺيڪ آهي.“ چيم، ”اسين پنهنجي قيمت پاڻ مقرر ڪنداسين.“

”بهرحال، اسين جيڪا به پنهنجي قيمت لڳايون، سا ٻڪر جي قيمت کان گهٽ هوندي.“ ڦندڻ چيو ”پر اصل ۾ مسئلو آهي اسان جي ڪل جو.“

”ڇا جو مسئلو؟“

”اسان جي ڪل جو ڇا ٿيندو؟“

”اسان جي ڪل ڪٽي ويندا جماعتي ملان.“

”اتي تون ڀليل آهين.“

”ڇو؟“

”بابلا، اسان جي جسمن تي ڪل ڇڏي ڪتي اٿائون!“

مان ڦندڙ جي ڳالهه ٻڌي حيران ٿيم. مون کي اوچتو خيال آيو ته اسان جي جسمن تي ڪل ته آهي ئي نه! مون ڦندڙ کان پڇيو. ”يار، اسان جي ڪل ڪيڏانهن ويئي؟“

جواب ڏنائين، ”اسان جي ڪل جماعتي ملان اڳواٽ لاهي ويا آهن.“

پڇيو مانس، ”ڪجهه ڏنائون به، يا مفت ۾ ڪل لاهي ويا آهن؟“

وراڻيائين، ”هڪ سرٽيفڪيٽ ڏيئي ويا آهن.“

پڇيم، ”ڇا جو سرٽيفڪيٽ؟“

ڦندڙ جواب ڏنو ”ته اسين ملحد آهيون، دهريا آهيون، ڪافر آهيون.“

مون ڦندڙ کان پڇيو ”ملن جي سرٽيفڪيٽ جو ڏٽيءَ در وڏو مرتبو آهي ڇا؟“

جواب ڏنائين، ”ان باري ۾ مرڻ کان پوءِ خبر پوندي.“ ■